ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) خميس 10 سيپٽمبر 2026ع 27 ربيع الاول 1448ھ صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (26)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

وزيراعظم سان آزاد ڪشمير جي نئين چونڊيل وزيراعظم افتخار گيلاني جي ملاقات

وزيراعظم شهباز شريف سيد افتخار علي گيلاني کي وزيراعظم جو عهدو ملڻ تي مبارڪباد ڏني

وفاقي حڪومت ڪشميري ڀائرن جي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ سمورا قدم جاري رکندي: وزيراعظم

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان آزاد جمون ۽ ڪشمير جي نئين چونڊيل وزيراعظم سيد افتخار بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي هر قيمت تي ناڪام بڻايو ويندو: صدر

صدر پاران بلوچستان ۾ سرگرم دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

فتنه الهندوستان دهشتگردن جي نيٽ ورڪس جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري بلوچستان جي خاران ۽ واشڪ ضلعن ۾ پارٽي سرپرستي ۾ سرگرم دهشتگردن بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ٻارن، استادن ۽ تعليمي ادارن کي تشدد کان محفوظ بڻائڻ گڏيل ذميواري آهي: مراد علي شاهه

پاڪستان دهشتگردي خلاف جنگ ۾ معصوم ٻارن ۽ تعليمي ادارن بيمثال قربانيون ڏنيون آهن

سنڌ حڪومت هر ٻار کي محفوظ، پرامن ۽ معياري تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه تعليم کي حملن کان تحفظ جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته تعليم تي حملو دراصل مستقبل تي حملو آهي. وڏي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ٽيڪس نظام ۾ تبديليون: پگهاردار ماڻهن لاءِ رليف ۽ ملڪيت جي سودن ۽ پرڏيهي ادائيگين تي ٽيڪس ۾ گهٽتائي

فيس ليس آڊٽ، جاچ ۽ اپيلن کان وٺي الگورٿمڪ سيٽلمينٽ تائين، سوشل ميڊيا آمدني تي 5 سيڪڙو ٽيڪس ۽ ڪجهه لائف انشورنس ادائيگين تي 15 سيڪڙو تائين ٽئڪس هوندو

ايف بي آر جو بينڪنگ ٽرانزيڪشن جي ڊجيٽل نگراني لاءِ هڪ نئون نظام به متعارف، ٽيڪس قانونن جي خلاف ورزين تي ڏنڊن ۾ واڌ، ٽيڪس ادا ڪندڙن ۽ نمائندن سان رابطو اليڪٽرانڪ ذريعن سان ڪيو ويندو

اليڪٽرانڪ سسٽم کي انسٽال ڪرڻ، استعمال ڪرڻ يا برقرار رکڻ ۾ ناڪامي لاءِ، پهرين ڊيفالٽ جي سزا ٽرن اوور جو 1 سيڪڙو يا 10 لک رپيا هوندي، هر ايندڙ ٽه ماهي ڊيفالٽ لاءِ 20 لک رپين جو ڏنڊ لاڳو ٿيندو

بين الاقوامي ڪريڊٽ، ڊيبٽ، يا پري پيڊ ڪارڊ ذريعي ڪيل ادائيگين تي ايڊوانس ٽيڪس جي شرح 5 سيڪڙو کان گهٽائي 0.5 سيڪڙو ڪئي وئي، ٽي وي ڊرامن ۽ اشتهارن تي ايڊوانس ٽيڪس ختم

ملازم پيشه طبقي کي ٽيڪس جي شرح ۾ رليف، 6 لک رپين کان گهٽ ساليانی آمدني تي ڪو به ٽيڪس نه لڳايو ويندو، هڪ ڪروڙ (10 ملين) رپين کان وڌيڪ آمدني تي لاڳو 9 سيڪڙو سرچارج ختم

بين الاقوامي ڪارڊن تي ٽيڪس 5 سيڪڙو مان گهٽائي 0.5 سيڪڙو ڪيو ويو، 50 ڪروڙ (500 ملين) رپين تائين آمدني رکندڙ اڪثر ماڻهن لاءِ ”سپر ٽيڪس“ ختم ڪيو ويو

وڏن ڪاروبارن، برآمد ڪندڙن ۽ سروسز اي-ڪامرس توڙي اليڪٽرانڪ انٽيگريشن جي شعبن لاءِ ٽيڪس ۽ تعميلي ضابطن کي سخت ڪيو ويو، لائف انشورنس جي ڪجهه ادائيگين تي به 15 ٽئڪس لاڳو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايف بي آر فيس ليس آڊٽ، جاچ ۽ اپيلن کان وٺي الگورٿمڪ سيٽلمينٽ تائين سوشل ميڊيا آمدني تي 5 سيڪڙو ٽيڪس ۽ ڪجهه لائف انشورنس ادائيگين تي 15 سيڪڙو تائين آخري ٽيڪس تائين قدم لاڳو ڪيا بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

وزيراعظم پاران آبادگارن کي بنا رُڪاوٽ ۽ آسان شرطن تي مالي وسيلن تائين پهچ يقيني بڻائڻ جي هدايت

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ايڪسپورٽ فنانس پلان 28-2026ع جي حوالي سان هڪ اجلاس منعقد ٿيو

پنهنجو گهر اسڪيم، زراعت ۽ ايس ايم ايز شعبن جي ترقي لاءِ فنانسنگ تي اڳڀرائي جي حوالي سان جاري قدمن جو جائزو

بينڪ ۽ مالياتي ادارا آبادگارن، ايس ايم ايز ۽ هائوسنگ شعبي کي قرضن جي فراهمي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن: وزيراعظم

صوبائي چيف سيڪريٽريز اقليتن ملڪيتن جي جامع سروي ڪرائين جن لاءِ بينڪون پنهنجي گهر جي خواهشمند ماڻهن کي قرض ڏئي سگهن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف آبادگارن کي بنا رُڪاوٽ ۽ آسان شرطن تي مالي وسيلن تائين پهچ يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته بينڪ ۽ مالياتي ادارا آبادگارن، ايس ايم ايز ۽ هائوسنگ شعبي کي قرضن جي فراهمي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. اربع ڏينهن وزيراعظم آفيس پاران جاري ڪيل بيان بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

بينڪنگ سسٽم جي حوالي سان نوان ضابطا پڻ متعارف

100ملين رپين کان وڌيڪ رقم جمع يا ڪڍڻ تي ڊيٽا جي آگاهي ورتي ويندي

اسلام آباد: بينڪنگ سسٽم جي حوالي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي بندرگاهن جي عالمي ڪارڪردگي ۾ بهتري پاڪستان لاءِ وڏي ڪاميابي آهي: وڏو وزير

ڪراچي پورٽ عالمي ڪنٽينر پورٽ پرفارمنس انڊيڪس ۾ 99هين کان 69هين نمبر تي اچي ويو آهي

عالمي درجي بندي ۾ نمايان بهتري سنڌ جي بندرگاهي صلاحيت ۽ آپريشنل ڪارڪردگي جو ثبوت آهي

ڪيٽي بندر منصوبو ٺٽو، سجاول، بدين ۽ ڀرپاسي وارن علائقن کي واپار جي نون مرڪزن سان ڳنڍي سگهي ٿو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪراچي پورٽ ۽ پورٽ قاسم جي عالمي رينڪنگ ۾ نمايان بهتري تي قوم کي مبارڪباد ڏني آهي. وڏي وزير چيو ته سنڌ جي بندرگاهن جي عالمي ڪارڪردگي ۾ 30 درجن جي بهتري پاڪستان لاءِ خوش آئند ڪاميابي آهي. ڪراچي پورٽ عالمي ڪنٽينر پورٽ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ پاسپورٽ رولز بابت ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪندي

پاڪستان پاران غيرقانوني اسرائيلي بستين ۾ ٺهندڙ مصنوعات تي پابندي هڻڻ جي برطانوي فيصلي جي آجيان

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان برطانيا پاران والاريل اولهندي ڪناري ۾ غيرقانوني اسرائيلي بستين ۾ ٺهندڙ مصنوعات تي پابندي هڻڻ جي فيصلي جي آجيان ڪئي آهي. اربع ڏينهن پرڏيهي وزارت جي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ هندو عورتن ۽ نياڻين جي وراثتي حقن لاءِ مؤثر قانون سازي جي اهم ضرورت آهي: اقليتي اڳواڻ

ڪراچي ۾ نيشنل لابنگ ڊيليگيشن فار مينارٽي رائيٽس پاران هندن جي حق وراثت بابت مشاورتي اجلاس منعقد

ڊپٽي اسپيڪر نويد انٿوني، صوبائي معاون راجوير سنگهه، شام سندر آڏواڻي، ايم پي اي مهيش هاسيجا ۽ ٻيا شريڪ

ڪرشن شرما، اڳوڻن ايم پي ايز منگلا شرما ۽ ديوان چند چاولا، وڪيلن، هندو پنچائتن جي نمائندن پڻ شرڪت ڪئي

بل بنا دير اسيمبلي ۾ پيش ڪيو وڃي، هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين ته گڏيل طور منظور ڪرايو وڃي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيشنل لابنگ ڊيليگيشن فار مائنارٽي رائيٽس پاران ڪراچي ۾ سنڌ ۾ هندن جي حق وراثت بابت منعقد ڪيل قومي مشاورتي منعقد ڪيو ويو اجلاس ۾ سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر نويد انٿوني، وڏي وزير سنڌ جي انساني حقن بابت خاص معاون راجوير بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

Wednesday, Septem 09, 2026

ڪراچي: هندو عورتن جي وراثت بابت تقريب ۾ ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد، شام سندر آڏواڻي، راجوير سنگهه سوڍو ۽ مهيش هاسيجا شريڪ آهن

وڏي وزير سان ملائيشيا جي نئين مقرر قونصل جنرل جي ملاقات، سنڌ حڪومت طرفان سهڪار جي خاطري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان ملائيشيا جي نئين مقرر ڪيل قونصل جنرل محمد يونس ابراهيم وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات ڪئي. سيد مراد علي شاهه ملائيشيا جي نئين بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي ورهاڱي جي ڪنهن به ڪوشش کي رد ڪريون ٿا، صوبائي اسيمبلي جو فيصلو واضح آهي: سعيد غني

قرارداد جي موقعي تي ايوان مان فرار ٿيندڙن کان عوام کي سندن موقف بابت سوال ڪرڻ گهرجي

صوبي جي ورهاڱي جو اختيار ڪنهن وفاقي وزير وٽ ناهي، عوامي راءِ چونڊيل نمائندن ذريعي اسيمبلي ۾ ظاهر ٿئي ٿي

سياسي مفادن لاءِ سنڌ کي ورهائڻ نه ڏينداسين لساني سياست ۽ نفرت کان پاسو ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) صوبائي وزير محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ سعيد غني چيو آهي ته وفاقي وزير محسن نقوي، احسن اقبال، خواجا آصف يا ڪو ٻيو پلي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: آئي ٽي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن جي وفاقي وزير شزا فاطمه خواجه شنگهائي يومن ٽيڪنالاجي ڊوليپمينٽ ڪمپني جي جنرل مئنيجر مسٽر لو گوينگ کي سوونيئر پيش ڪندي

سوڊان ۾ ڊرون حملو، 13 ماڻهو مارجي ويا، 22 زخمي

خرطوم (اي پي پي) سوڊان جي اترئين بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

نوري آباد ويجهو خراب بيٺل مزدا کي مسافر بس جو زوردار ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت

ايم نائن موٽر وي تي مزدا گاڏي خراب ٿيڻ سبب روڊ تي بيٺل هئي ته مزدا جو ٽڪر لڳو

حادثي ۾ مزدا جي مرمت ڪندڙ مستري سيد معراج الدين موقعي تي فوت ٿي ويو

نوري آباد (ن ع) نوري آباد ويجهو ايم نائن موٽر وي تي خراب ٿيڻ سبب روڊ جي ڪناري بيٺل مزدا کي پوئيان ايندڙ تيز رفتار مسافر بس زوردار ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ مزدا جي مرمت ڪندڙ مستري سيد معراج الدين ولد سيد زين العابدين موقعي تي فوت ٿي ويو رپورٽن موجب مزدا بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي پوليس جون ڪارروايون، 3 عورتن سميت 7 ڄڻا گرفتار، منشيات هٿ

موٽر وي تي ٻن ڪارن جو پيڇو ڪندي خدا جي بستي ويجهو سوگهو ڪيو ويو

گاڏين مان مين پوري جي چوري جا 38 ٻورا ۽ انڊين گٽڪي سفينا جو وڏو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي پوليس ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا جي هدايتن منشيات خلاف هلندڙ آپريشن جي سلسلي ۾ اسمگلرن جي ٻن الڳ الڳ ڪارن جو ايم 9 موٽر وي تان پيڇو ڪندي خدا جي بستي ۽ ڪوٽڙي پوليس ڪوٽڙي لڳ ڪارن کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو ۽ 3 عورتن سميت 7 بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

فوجداري انصاف جي معيار جو دارومدار پيشيوراڻي جاچ ۽ معياري ثبوتن تي آهي: چيف جسٽس

جاچ ۽ ثبوت گڏ ڪرڻ جي مرحلي ۾ پوليس جي ڪارڪردگي فوجداري انصاف جي معيار تي سڌي ريت اثرانداز ٿيندي آهي

چيف جسٽس آف پاڪستان سان ڪمانڊنٽ نيشنل پوليس اڪيڊمي سعد اختر ڀروانه ۽ ڊين نسٽ لا اسڪول محمد نواز واهلا ملاقات ڪئي

نيشنل پوليس اڪيڊمي ۽ فيڊرل جوڊيشل اڪيڊمي وچ ۾ اداره جاتي تعاون جي اهميت تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

چيف جسٽس صلاحيت، اداره جاتي سگهه ۽ انصاف واري نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ گڏيل قدمن ۾ هر ممڪن تعاون جي خاطري به ڪرائي

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي ته جاچ ۽ ثبوت گڏ ڪرڻ جي مرحلي ۾ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس آف پاڪستان جناب يحيٰ آفريدي نسٽ لا اسڪول جي ڊين مسٽر محمد نواز واهلا ۽ سعد اختر کي سوونيئر پيش ڪندي

دهشتگردن ۽ انهن جي سهولتڪارن جا ناپاڪ ارادا ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندا: وزيراعظم

بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي جوانن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

فتنه الخوارج ۽ ٻين دهشتگرد عنصرن خلاف ڪارروايون پوري طاقت سان جاري رهنديون: شهباز شريف

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

”طريقي سان ڳالهايو، توهان به تميز سان ڳالهايو“ عابد شير علي ۽ ايمل ولي ۾ ڏند چڪ

سينيٽ جي انساني حقن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس دوران ٻئي اڳواڻ اٽڪي پيا

”مون کي فرق نٿو پوي، مان ڪا غلط ڳالهه نٿو ڪريان، توهان طريقي سان ڳالهايو“ عابد شير

قرت العين مري ۽ ٻين ميمبرن عابد شير ۽ ايمل ولي خان ۾ ٻنهي معاملو ٺارڻ جي ڪوشش ڪئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سينيٽ جي انساني حقن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس دوران عابد شير علي ۽ ايمل ولي خان پاڻ ۾ اٽڪي پيا. ڪميٽي اجلاس ۾ عابد شير علي ۽ ايمل ولي خان وچ ۾ ڏند بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ زبون حال عمارتن خلاف آپريشن، ڪيترين ئي خطرناڪ عمارتون ڊٺ

ڪڍا، دريا آباد ۽ نوا آباد ۾ عمارتن کي ڊاهڻ ڪانپوءِ ملبي جي صفائي جاري رکيو ويو

بلال مسجد سامهون سياسي ۽ علائقائي اثر رسوخ سبب ڪارروائي ۾ رڪاوٽ پيش آئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (SBCA) پاران ڪراچي جي مختلف علائقن خاص طور تي لياري ۾ خطرناڪ ۽ زبون حال عمارتن خلاف مهم تيزيءَ سان جاري آهي اڄ جاري ڪيل ڊاٽي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ناڻي ۽ روينيو واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب، نيوزي لينڊ جي پاڪستان ۾ نامزد هاءِ ڪمشنر ڊيوڊ پائن سان فنانس ڊويزن ۾ ملاقات ڪندي

ڪراچي جي ترقياتي ۽ مالي معاملن کي عوام آڏو آندو ويندو: مرتضيٰ وهاب

اثاثن، ملڪيتن، ترقياتي منصوبن ۽ مالي معاملن جي معلومات آن لائن فراهم ڪريون پيا

هن وقت ماضي جي وراثت واري سياست بدران ترقي ۽ ڪارڪردگي تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته شهرين کي ڪراچي جي انتظامي معاملن، ترقياتي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

عوامي مفاد جي معاملي تي پيپلز پارٽي کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي: حافظ نعيم الرحمان

پيٽروليم شين تي لاڳو ٽيڪس، خاص طور پيٽروليم ليوي، عوام لاءِ وڏو مسئلو بڻجي چڪو آهي

سنڌ اسيمبلي پاران پيٽروليم ليوي خلاف قرارداد منظور ڪرڻ تي اسيمبلي ۽ عوام کي مبارڪباد ڏيون ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته جماعت اسلامي جا ملڪ جي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 5 ڄڻا فوت

پاڪ ڪالوني ميوا شاهه قبرستان ويجهو 35 سالن جو شخص نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ فوت ٿيو

گلشن حديد ويجهو گهر مان ٿيندڙ فائرنگ ۾ نوجوان نصيب الله ولد عبدالوهاب قتل ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 5 ڄڻا فوت. پاڪ ڪالوني بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

نصيرالله بابر ۽ ذوالفقار مرزا ڪان نه ڊناسين ته ٻارن ڪان جا ڊڄنداسين، ايم ڪيو ايم اڳواڻ

سنڌ اسيمبلي جي ايوان کي وڏيرن جي اوطاق سمجهي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي:

اوهان علحدگي پسندن جي حمايت ڪندا آهيو اسان پاڪستان جي حق ۾

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اجلاس دوران سوالن جي وقفي ۾ ان وقت هنگامو ۽ گوڙ شروع ٿي ويو جڏهن ايم ڪيو ايم جي ميمبرن طرفان ضمني سوال ن

logue on
BISP: PRO CHALLENGES,
T FORWARD
K Speaker
D GALI
Econ Expert &
Former Mem ssion of
DR.

جامشورو: سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري مهمان قيصر بنگالي کي گلدستو پيش ڪري رهيو آهي

دادو ضلعي جي پيارو گوٺ اسٽيشن جي رهواسي جو احتجاج

جيالي عبدالرزاق ميمڻ پارٽي قيادت پاران مسلسل نظرانداز ڪرڻ خلاف ڌانهيو

موجوده چونڊيل نمائندن پارٽي جي سچن ورڪرن کي بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي: عبدالرزاق ميمڻ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) دادو ضلعي جي پيارو گوٺ اسٽيشن جي رهواسي ۽ حال ڪوٽڙي جي رهواسي جهوني جيالي عبدالرزاق ميمڻ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پارٽي قيادت پاران مسلسل نظرانداز ڪرڻ خلاف علامتي بک هڙتال ڪئي ان موقعي تي هن ڌانهيندي چيو ته موجوده پ پ جي ٽڪيٽ تي چونڊيل ايم پي اي ۽ ايم اين اي پارٽي جي سچن ورڪرن کي بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته آءٌ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

پير پاڳارو سنڌ جي ورهاڱي خلاف ٿلهو ڳالهائي، سندس ڪردار به ايم ڪيو ايم ۽ پي ٽي آءِ جهڙو آهي: نثار کهڙو

صوبن بابت ريفرنڊم ڪو هڪ منٽ جو معاملو ناهي، ان لاءِ آئيني ۽ قانوني طريقيڪار موجود آهي

جنهن قرارداد جي ووٽنگ دوران واڪ آئوٽ ڪيو مان انهن کي به پير پاڳاري جهڙو سمجهندس

ٻن سالن ڪانپوءِ چونڊون ٿيڻيون آهن، جنهن پارٽي کي اڪثريت حاصل ٿيندي، اها حڪومت ٺاهيندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پ پ اڳواڻ نثار کهڙو چيو آهي ته پير پاڳاري جو ڪردار ايم ڪيو ايم ۽ پي ٽي آءِ جهڙو آهي صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي نثار کهڙو چيو ته صوبي جي معاملن بابت اسيمبلي ۾ ٺهراءُ پاس ٿي چڪو آهي جڏهن ته ريفرنڊم ڪرائڻ جو حق ڪنهن هڪ فرد کي حاصل ناهي. هن چيو ته ريفرنڊم ڪو هڪ منٽ جو معاملو ناهي ان لاءِ آئيني ۽ قانوني طريقيڪار موجود آهي هن چيو ته جيڪڏهن ريفرنڊم ڪرائڻو آهي بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

سنڌ لوڪل گورنمينٽ ترميمي بل سيمبلي ۾ پيش، ترميم لاءِ 12 رڪني ڪميٽي قائم

پارلياماني سيڪريٽري بلديات قاسم سراج سومرو پاران ترميمي بل 2026ع ايوان ۾ پيش ڪيو ويو

مجوزه ترميمي قانون تحت ميئر ۽ چيئرمين پنهنجي مدت ختم ٿيڻ کان پوءِ به ايڊمنسٽريٽر طور ڪم ڪندا

بل تي وڌيڪ غور ۽ ويچار لاءِ جوڙيل ڪميٽي هڪ هفتي اندر پنهنجي رپورٽ پيش ڪندي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي /راهب گاهو) سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ اربع ڏينهن سنڌ لوڪل گورنمينٽ ترميمي بل 2026ع پيش ڪيو ويو بل تي وڌيڪ غور ۽ ويچار لاءِ 12 رڪني پارلياماني ڪميٽي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب تي حوثين جا حملا جاري رهيا ته مڪي دفاعي معاهدو فعال ٿي ويندو: وزير دفاع

اسان معاهدي تحت مدد ڪرڻ جا پابند آهيون، ان ۾ ڪنهن کي به شڪ نه هجڻ گهرجي: خواجه محمد آصف

يمن کان سعودي عرب تي ٿيندڙ حملن سان پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي جو گڏيل دفاعي معاهدو آپريشنل ٿيندو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بچاءَ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته يمن کان سعودي عرب تي ٿيندڙ حملن ڪانپوءِ پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي جو گڏيل دفاعي معاهدو فعال ٿي ويندو خانگي ٽي وي چينل ۾ ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته اسان معاهدي تحت مدد ڪرڻ جا پابند بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: قائم مقام صدر سيد يوسف رضا گيلاني آءِ سي سي آءِ ۾ پاڪستان وومين ليڊرشپ ۽ پاليسي سمٽ 2026 کي خطاب ڪندي

وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني سان اڳوڻن وفاقي وزيرن سينيٽر نورالحق قادري ۽ سينيٽر اعظم خان سواتي سميت مُختلف شخصيتن جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني سان ايوان صدر ۾ اڳوڻن وفاقي وزيرن سينيٽر نورالحق قادري بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

”مُلڪي سسٽم ناڪام آهي ته پارليامينٽ ۾ ڳالهايو“ بلاول جو محسن نقوي کي چئلينج

جيڪڏهن پاڪستان جي سياسي ۽ حڪمراني واري نظام کي ”مڪمل طور ناڪام“ سمجهو ٿا ته پارليامينٽ ۾ اچو

ملڪ جي نظام جي خامين ۽ ناڪامين تي بحث لاءِ مناسب فورم ڪاروباري ڳالهيون نه، پر پاڪستان جي پارليامينٽ آهي

گهرو وزير اسيمبلي ۾ گهٽ اچي ٿو، ٽنهنڪري ڪيس ڪاروباري فورمن بدران پارليامينٽ ۾ اچي ان معاملي تي بحث ڪرڻ گهرجي

لنڊن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وفاقي گهرو وزير محسن نقوي کي چئلينج ڪندي چيو آهي ته جيڪڏهن پاڪستان جي سياسي ۽ حڪمراني واري نظام کي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ دهشتگردي ۽ انتهاپسندي جي مقابلي لاءِ غير عسڪري قدمن کي مضبوط بڻائڻ ضروري قرار

ڪراچي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ ايس ايس ڊي او جي اهتمام هيٺ صوبائي پاليسي ڊائلاگ منعقد ڪيو ويو

صوبي ۾ مختلف ادارن گڏيل ڪوششن سان دهشتگردي واقعن ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي: ذوالفقار لاڙڪ

پارليامينٽ، حڪومت، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، سول سوسائٽي ۾ سهڪار کي اثرائتو بڻايو ويندو: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ دهشتگردي جي خاتمي، پرتشدد انتهاپسندي جي روڪٿام ۽ ادارن وچ ۾ رابطي کي مضبوط بڻائڻ لاءِ صوبائي پاليسي ڊائلاگ ڪراچي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ منعقد ٿيو جنهن بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي جوڊيشل ڪمپليڪس مان نامياري قانوندان ثناءُ الله ستي جو لاش هٿ

پوليس لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو، واقعي بابت جاچ شروع ڪئي وئي

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) راولپنڊي جوڊيشل ڪمپليڪس ۾ پارڪ ٿيل گاڏي مان مشهور قانوندان ثناءُ الله ستي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سوشل ميڊيا جي آمدنيءَ تي ٽيڪس

اسلام آباد: سوشل ميڊيا پليٽ فارمز مان بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ٽرانسپورٽ فٽنيس ۽ روٽ پرمٽ نظام ڊجيٽلائيز ڪرڻ انقلابي قدم آهي: شرجيل ميمڻ

صوبي ۾ نئين ويگنن ۽ وينز ۾ سي اين جي ۽ ايل پي جي ڪٽس جي استعمال تي پابندي لاڳو آهي

اسڪولي ٻارن جي حفاظت پهرين ترجيح آهي، ڪاغذ مڪمل نه رکندڙ ڊرائيورن ۽ گاڏين خلاف ڪارروائي ٿيندي

ڪراچي ۾ ٽريفڪ دٻاءُ گهٽائڻ لاءِ روٽن ۾ تبديليون ڪيون آهن ۽ مسافرن لاءِ مفت شٽل سروس جاري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته گذريل ٻن کن سالن دوران ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ نمايان بهتريءَ لاءِ ڪيترائي قدم کنيا ويا آهن جن جو مقصد شهرين کي محفوظ، بهتر ۽ جديد سفري سهولتون فراهم ڪرڻ آهي سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪندي هن چيو ته نئين ويگنن ۽ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

گهرو وزير ڪراچي ۾ ڦر دوران شهري جي قتل جو نوٽيس وٺندي جوابدار فوري گرفتار ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو ۽ قانون واري وزير ضياءُ الحسن لنجار ڪارادر ويجهو ڦر دوران مزاحمت تي شهري جي قتل واري افسوسناڪ واقعي جو نوٽيس بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ فتنه الهندستان جي دهشتگردن خلاف ڪارروايون، 11 ڄڻا مارجي ويا

خاران ۽ واشڪ ضلعن ۾ فتنه الهندستان سان واڳيل دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي انٽيليجنس بيسڊ آپريشن

سيڪيورٽي فورسز وقتائتي ڪارروائي ڪندي دهشتگردن کي روڪيو ۽ اثرائتي انداز ۾ کين نشانو بڻايو، ڌماڪيدار مادو به هٿ

دهشتگردي جي ناسور جي مڪمل خاتمي لاءِ بنا ڪنهن فرق ۽ مسلسل دهشتگردي جي خاتمي واري مهم پوري رفتار سان جاري رهندي: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز جي بلوچستان صوبي جي خاران ۽ واشڪ ضلعن ۾ ڀارتي پراڪسي فتنه الهندستان جي دهشتگردن خلاف ڪيل ڪارروائين ۾ 11 دهشتگرد مارجي ويا آهن اربع ڏينهن بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

مير رضا قتل ڪيس: بائنانس ۽ ڪرپٽو ڪرنسي جي تفصيلي ڊيٽا جوڊيشل ڪمشن حوالي

اين سي سي آءِ اي پاران حاصل ڪيل ڪرپٽو رڪارڊ ڊي ڪوڊ ڪرڻ جو عمل جاري رکيو ويو

بلاڪ چين اينالٽڪس ذريعي مشڪوڪ رقم جي والٽ کان والٽ تائين منتقلي جو سراغ لڳايو ويندو: عملدار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ قتل ٿيل نوجوان مير رضا جي ڪيس ۾ نيشنل سائبر ڪرائيم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ملڪيت جي وڪري تي ايڊوانس ٽيڪس جي شرح ۾ تبديلي

اسلام آباد: غير منقول ملڪيت (Immovable property) جي خريد ۽ وڪري تي لاڳو ايڊوانس ٽيڪس جي شرحن تي نظرثاني ڪئي وئي آهي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

سنڌ پبلڪ سروس پاران گڏيل مقابلي واري امتحان لاءِ سمورا انتظام مڪمل

اميدوارن جا ايڊمٽ ڪارڊ ويب سائيٽ تي اپلوڊ، جوابي ڪاپين ۾ صفحن جو تعداد وڌايو ويو

اميدوارن کي خالي صفحا ڪراس ڪرڻ جي هدايت، موبائل فون ۽ ٻيا اليڪٽرانڪ اوزار آڻڻ تي پابندي

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن پاران گڏيل مقابلي واري امتحان (CCE-2025) جي لکت واري امتحان لاءِ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پاڻي جي ٽانڪي مان معصوم ٻارڙي جو لاش ملڻ بعد نينگر جو چاچو گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سرجاني ٽائون ۾ پاڻي جي ٽانڪي مان معصوم ٻارڙي جو لاش ملڻ وارو معمو حل، چاچو گرفتار ايس ايس پي ويسٽ طارق الاهي مستوئي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي تعليم ۽ پيشيوراڻه تربيت جي پارلياماني سيڪريٽري فرح ناز اڪبر ڪاسميٽس آرٽ گيلري ۾ ”فريمز آف فريڊم“ نمائش جو افتتاح ڪندي

سنڌ جي وڏي وزير پاران بلوچستان ۾ 11 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه بلوچستان ۾ 11 ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم دهشتگردن کي مارڻ بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي هڪ ڪروڙ کان عورتن کي مالي مدد ملي پئي: قيصر بنگالي

هي نج عوامي فلاحي پروگرام آهي، جنهن کي اڳاڻ سياسي مفروضن جي ور نه چاڙهڻ گهرجي: ڊاڪٽر فتح محمد مري

هن پروگرام سان پڇڙيل علائقن جي عورتن کي بااختيار ٿيڻ جو موقعو پڻ مليو آهي: عرفانه ملاح

سنڌ يونيورسٽي جي شهيد بينظير ڀٽو چيئر طرفان ڊائلاگ سيشن کي ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو

جامشورو (ڊ ر) سنڌ يونيورسٽي جامشورو جي شهيد محترمه بينظير ڀٽو چيئر اينڊ ڪنوينشن سينٽر طرفان ”بينظير انڪم بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي يونيورسٽي جي پروفيسر تي تشدد واري واقعي ۾ وڌيڪ 2 جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي يونيورسٽي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي عوام پيپلز پارٽي جي سياست کي رد ڪري ڇڏيو آهي: حليم عادل شيخ

پ پ گذريل 18 سالن کان ڪوڙن نعرن جي سهاري صوبي ۾ سياست ڪئي آهي

عملي طور تي سهيل آفريدي جي دوري دوران رستا روڪڻ ۽ رڪاوٽون پيدا ڪيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس جا مبينا مقابلا، فائرنگ ۾ 3 ڌاڙيل مارجي ويا

ڪورنگي انڊسٽريل ايريا ۾ پوليس ۽ ڦورن ۾ فائرنگ دوران مبينا ڦورو ايوب برمي عرف جهنڊو مارجي ويو

اورنگي ٽائون مبينا ڦورو کي شهري پڪڙي تشدد ڪيو هڪ شهري جي فائرنگ ۾ هو مارجي ويو

نادران بائي پاس جي ويجهو مقابلي ۾ خرم ولد مسعود مارجي ويو، سندس ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ پوليس جي مبينا مقابلن ۾ 3 ڌاڙيل مارجي ويا، ملزمن جي قبضي مان هٿيار ۽ ٻيو سامان هٿ ڪرڻ جي دعوي. تفصيل موجب ڪورنگي انڊسٽريل ايريا ۾ ملير ندي ويجهو پوليس ۽ ڦورن جي وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ مبينا ڦورو مارجي ويو جڏهن ته سندس ساٿي موٽرسائيڪل تي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

NATIONAL CONSULTATION

ڪراچي: نيشنل لابنگ ڊيليگيشن جي تقريب ۾ اڳواڻن جو گروپ فوٽو

پيرو ۾ هاءِ سيڪيورٽي وارن 5 جيلن ۾ 60 ڏينهن لاءِ هنگامي حالتون لاڳو

ليما (اي پي پي) پيرو جي حڪومت ملڪ جي پنجن هاءِ سيڪيورٽي وارن جيلن ۾ 60 ڏينهن لاءِ هنگامي حالتون لاڳو ڪري ڇڏيون آهن جتي مجموعي طور تي ملڪ بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

علي گيلاني ملاقات ڪئي وزيراعظم ڪيس عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سيد افتخار علي گيلاني کي وزيراعظم آزاد جمون ۽ ڪشمير جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو وزيراعظم چيو ته آزاد ڪشمير جي عوام جي ڀلائي لاءِ پاڪستان حڪومت آزاد جمون ۽ ڪشمير جي حڪومت سان ڀرپور تعاون ڪندي رهندي

بقايا 2 روزاني عبرت

کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي اربع ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ موجب، صدر واشڪ ۾ دهشتگردن خلاف ڪارروائي دوران 2.9 ٽن بارودي مواد هٿ ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم دهشتگرد عنصرن جي ناپاڪ ارادن کي هر قيمت تي ناڪام بڻايو ويندو هن چيو ته فتنہ الهندوستان دهشتگردن جي نيٽ ورڪس جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون جاري رهنديون

بقايا 3 روزاني عبرت

وزير چيو ته ٻارن استادن ۽ تعليمي ادارن کي تشدد کان محفوظ بڻائڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي پاڪستان دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پنهنجن معصوم ٻارن ۽ تعليمي ادارن جون بي مثال قربانيون ڏنيون آهن هن چيو ته آرمي پبلڪ اسڪول پشاور جي شهيد ٻارن علم جي خاطر پنهنجون جانيون قربان ڪيون جڏهن ته اي پي ايس پشاور جي شاگردن ۽ استادن جون قربانيون قوم ڪڏهن به وساري نه سگهندي. آرمي پبلڪ اسڪول پشاور جا شهيد پاڪستان جي روشن مستقبل امن ۽ تعليم جي علامت آهن سيد مراد علي شاهه چيو ته پاڪستان ۾ دهشتگردن اسڪولن کي نشانو بڻائي ٻارن جو مستقبل متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جڏهن ته ملالا يوسفزئي تي حملو ان حقيقت جي ياد ڏيارينڊڙ آهي ته انتهاپسند تعليم خاص طور تي ڇوڪرين جي تعليم جي حق کان خوفزده آهن سندس چوڻ هو ته سنڌ حڪومت تعليم کي هر ٻار جو بنيادي حق سمجهي ٿي ۽ محفوظ، پرامن ۽ معياري تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي

بقايا 4

آهن ان بينڪنگ ٽرانزيڪشن جي ڊجيٽل نگراني لاءِ هڪ نئون نظام پڻ متعارف ڪرايو آهي ۽ ٽيڪس قانونن جي خلاف ورزين لاءِ ڏنڊ وڌائي ڇڏيا آهن اليڪٽرانڪ سسٽم کي انسٽال ڪرڻ، استعمال ڪرڻ يا برقرار رکڻ ۾ ناڪامي لاءِ پهرين ڊيفالٽ جي سزا ٽرن اوور جو 1 سيڪڙو يا 10 لک رپيا هوندي - جيڪو به وڌيڪ هجي - جڏهن ته هر ايندڙ ٽه ماهي ڊيفالٽ لاءِ 20 لک رپين جو ڏنڊ لاڳو ٿيندو ان کان علاوه، بين الاقوامي ڪريڊٽ ڊيبٽ يا پري پيڊ ڪارڊ ذريعي ڪيل ادائيگين تي ايڊوانس ٽيڪس جي شرح 5 سيڪڙو کان گهٽائي 0.5 سيڪڙو ڪئي وئي آهي ۽ ٽي وي ڊرامن ۽ اشتهارن تي ايڊوانس ٽيڪس ختم ڪيو ويو آهي ملازم پيشه طبقي کي ٽيڪس جي شرح ۾ رليف ڏنو ويو آهي، خاص طور تي 6 لک رپين کان گهٽ سالياني آمدني تي ڪو به ٽيڪس نه لڳايو ويندو ۽ هڪ ڪروڙ (10 ملين) رپين کان وڌيڪ آمدني تي لاڳو 9 سيڪڙو سرچارج ختم ڪيو ويو آهي

بقايا 5

مُوجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ ايڪسيس ٽو فنانس پلان 28-2026ع جي حوالي سان هڪ اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم زراعت ۽ ايس ايم ايز شعبن جي ترقي لاءِ فنانسنگ تي اڳڀرائي جي حوالي سان جاري قدمن جو جائزو ورتو ويو وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته بينڪ ۽ مالي ادارا آبادگارن، ايس ايم ايز ۽ هائوسنگ شعبي کي قرضن جي فراهمي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن جيڪي بينڪون قرضن جي فراهمي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪنديون حڪومت انهن جي حوصلا افزائي ڪندي هن چيو ته زرعي شعبو ملڪ جي معيشت جي ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿو جنهن جي فروغ لاءِ ڪم ڪرڻ قومي ذميواري آهي وزيراعظم آبادگارن کي بنا ڪنهن رڪاوٽ ۽ آسان شرطن تي مالي وسيلن تائين پهچ يقيني بڻائي وڃي هن چيو ته گهٽ آمدني وارن ۽ وچولي طبقي جي لاءِ سستن گهرن جي فراهمي اسان جي ترجيح آهي ۽ صوبائي چيف سيڪريٽريز اهڙين ملڪيتن جي جامع سروي ڪرائين جن لاءِ بينڪون پنهنجي گهر جي خواهشمند ماڻهن "وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم" تحت قرض فراهم ڪري سگهن اجلاس ۾ هائوسنگ، زراعت ۽ ايس ايم ايز شعبن جي فنانسنگ جي حوالي سان ڪيل قدمن بابت بريفنگ ڏني وئي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم تحت هيستائين 147,504 درخواستون مليون، جن مان 53,127 منظور ڪيون ويون آهن ان اسڪيم تحت منظور ٿيل درخواستن جي ڪل ماليت 313.42 ارب رپيا آهي جڏهن ته 8,739 درخواست ڏيندڙن کي 45.43 ارب رپين جا قرض فراهم ڪيا ويا آهن

بقايا 6 روزاني عبرت

سان نوان ضابطا پڻ متعارف ڪرايا ويا آهن انهن جي تحت، 100 ملين رپين کان وڌيڪ بينڪ جمع يا ڪيش جي معلومات هڪ مرڪزي ڊيٽا هب ڏانهن جمع ڪرائڻ لازمي آهي ۽ بينڪنگ ڊيٽا کي الگورٿمڪ طريقو استعمال ڪندي ٽيڪس جي معلومات سان ڪراس ريفرنس ڪيو ويندو اضافي طور تي غير رهائشي شپنگ آپريشن جي سپلائيندڙ مجاز شپنگ ايجنٽن کي ٽيڪس جي ذميوارين لاءِ ذميوار بڻايو ويو آهي

بقايا 7 روزاني عبرت

پرفارمنس انڊيڪس ۾ 99هين کان 69هين نمبر تي اچي ويو آهي جڏهن ته پورٽ قاسم جي عالمي رينڪنگ پڻ 74هين کان بهتر ٿي 56هين نمبر تي اچي وئي آهي سيد مراد علي شاهه چيو ته ڪراچي پورٽ جي عالمي درجي بندي ۾ نمايان بهتري سنڌ جي بندرگاهي صلاحيت ۽ آپريشنل ڪارڪردگي جو ثبوت آهي جڏهن ته پورٽ قاسم جي بهتر ڪارڪردگي پڻ پاڪستان لاءِ حوصلا افزا اڳڀرائي آهي هن چيو ته عالمي ادارن طرفان پاڪستاني بندرگاهن جي بهتر ڪارڪردگي جو اعتراف خوش آئند آهي سنڌ جون بندرگاهون ملڪ جي واپار صنعت ۽ معيشت لاءِ ريڙهه جي هڏي جي حيثيت رکن ٿيون جڏهن ته سنڌ جي ساموندي پٽي پاڪستان کي عالمي واپار جا نوان موقعا فراهم ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت رکي ٿي وڏي وزير چيو ته ميري ٽائيم شعبي جي ترقي سنڌ جي معيشت، روزگار ۽ صنعتي سرگرمين لاءِ انتهائي اهم آهي سنڌ حڪومت بندرگاهي انفراسٽرڪچر کي جديد بنيادن تي استوار ڪرڻ لاءِ وفاق سان ڀرپور سهڪار جاري رکندي هن چيو ته ڪراچي پورٽ ۽ پورٽ قاسم سان گڏ سنڌ ۾ نون بندرگاهن جي ترقي وقت جي اهم ضرورت آهي ڪيٽي بندر کي جديد ڊيپ سي پورٽ طور ترقي ڏيڻ سنڌ حڪومت جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي

بقايا 8 روزاني عبرت

ترجمان پاران جاري بيان موجب والاريل فلسطيني علائقي ۾ غيرقانوني بستين جو مسلسل ڦهلاءُ عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن جي کليل خلاف ورزي آهي اهڙي طرح جون غيرقانوني ڪارروايون ٻه رياستي حل ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي لاءِ عالمي ڪوششن کي نقصان پهچائي رهيون آهن ان سلسلي ۾ پاڪستان ڪئناڊا، ڊينمارڪ، فن لينڊ، فرانس، آئس لينڊ، آئرلينڊ، ناروي، پولينڊ، پرتگال اسپين ۽ سوئيڊن سميت ڪيترن ئي ٻين ملڪن جي اعلان جي پڻ آجيان ڪري ٿو جيڪي اسرائيلي غيرقانوني بستين جي خلاف اهڙن ئي قدمن تي غور ڪري رهيا آهن ۽ انهن ڪوششن جي حمايت ڪري رهيا آهن پاڪستان اميد ڪري ٿو ته اهي قدم والاريل فلسطيني علائقي ۾ غيرقانوني ڪارروائين کي رد ڪرڻ جو هڪ واضح پيغام ڏيندا پاڪستان سدائين فلسطيني عوام جي خودمختياري جي حق لاءِ انهن جي جائز جدوجهد جي حمايت ڪئي آهي ۽ اڳتي به ڪندو رهندو ۽ انهن سمورين ڪوششن جي حمايت جاري رکندو جيڪي 1967ع کان اڳ جي سرحدن تي ٻڌل هڪ خودمختيار آزاد ۽ متصل فلسطيني رياست قائم ڪرڻ جي لاءِ آهن جنهن جي گادي وارو شهر القدس الشريف هوندو

بقايا 9 روزاني عبرت

سنگهه سوڍا، وڏي وزير سنڌ جي اقليتي معاملن بابت خاص معاون ۽ سنڌ ايويڪيو ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ جي چيئرمين ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي سنڌ اسيمبلي جي ميمبر مهيش ڪمار هاسيجا، ڪرشن شرما اگهوش سنڌ اسيمبلي ميمبرن منگلا شرما ۽ ديوان چند چاولا، وڪيلن هندو پنچائتن جي نمائندن سماجي ۽ سياسي شخصيتن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت ڪئي اجلاس دوران هندن جي وراثت جي قانوني ساختي ۽ آئيني پاسن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، جڏهن ته عورتن جي وراثتي حقن جي مؤثر تحفظ لاءِ ضروري قانون سازي بابت پينل بحث پڻ ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ هندو برادري، خاص طور عورتن ۽ نياڻين جي جائز وراثتي حقن جي تحفظ لاءِ مؤثر قانون سازي وقت جي اهم ضرورت آهي، هندو عورتن ۽ نياڻين جي حق وراثت جو مؤثر قانوني تحفظ يقيني بڻائيندا اسين اسان گڏجي هن قانون سازي کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ هر ممڪن ڪردار ادا ڪنداسين ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت هميشه عورتن ٻارن اقليتن ۽ پاڪستان جي سمورن شهرين جي حقن لاءِ آواز اٿاريو آهي ۽ انهن حقن جي تحفظ ۽ واڌاري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي هن چيو ته وراثت صرف ملڪيت جو نالو ناهي، پر اها عورت جي عزت، تحفظ ۽ خاندان ۾ سندس جائز حيثيت جو نالو آهي ڪو به معاشرو ان وقت تائين حقيقي معنيٰ ۾ ترقي نٿو ڪري سگهي جيستائين ان جي نياڻين کي خواب ڏسڻ سان گڏ پنهنجي جائز ملڪيت رکڻ جو حق پڻ حاصل نه هجي هن وڌيڪ چيو ته سناتن ڌرم عورتن جي عزت جو درس ڏئي ٿو ۽ معاشري کي انهن جي عزت، حقن ۽ ڀلائي جي تحفظ جي تعليم ڏئي ٿو پاڪستان جو آئين سمورن شهرين کي برابر حقن جي ضمانت ڏئي ٿو، تنهن ڪري عورتن ۽ نياڻين کي به قانون تحت برابر تحفظ ۽ موقعا فراهم ٿيڻ گهرجن ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته تجويز ڪيل قانون سازي سندس اعليٰ ترجيحن ۾ شامل آهي ۽ سندس ذاتي عزم جو حصو آهي هو چاهي ٿو ته اها قانون سازي جلد عملي شڪل اختيار ڪري، چيو ته اهو رڳو هڪ قانون نه پر انسانيت جي خدمت ۽ معاشري ۾ انصاف جي واڌاري جي هڪ اهم قدم آهي هن چيو ته هو صرف پارليامينٽيرين جي حيثيت سان نه پر نياڻين جي هڪ پيءُ جي حيثيت سان به هن قانون جي حمايت ڪري ٿو ۽ هو هر ممڪن ڪوشش ڪندو ته بل جلد نه دير سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪيو وڃي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي يقين ڏياريو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي جهنڊي هيٺ سنڌ اسيمبلي هن بل جي حمايت ڪندي ۽ ان کي متفقه طور منظور ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندي هن قانون سازي بابت قانون سازي لاءِ نيشنل لابنگ ڊيليگيشن فار مائنارٽي رائيٽس ۽ ايڊووڪيٽ جهمٽ مل جي مسلسل ڪوششن کي پڻ ساراهيو اجلاس جي شرڪت ڪندڙن ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي جي اقليتي برادري جي ڀلائي ۽ انهن جي حقن جي تحفظ لاءِ جاري ڪوششن کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي ته تجويز ڪيل قانون جلد سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ۽ منظور ڪيو ويندو جنهن سان سنڌ جي هندو برادري، خاص طور عورتن ۽ نياڻين کي سندن جائز وراثتي حقن جو مؤثر قانوني تحفظ حاصل ٿي سگهندو

بقايا 10 روزاني عبرت

قونصل جنرل کي مقرري تي مبارڪباد ڏيندي سنڌ ۾ سندس آجيان ڪئي ۽ چيو ته سنڌ حڪومت طرفان ڪيس هر ممڪن سهڪار فراهم ڪيو ويندو ملاقات دوران پاڪستان ۽ ملائيشيا جي لاڳاپن، گڏيل دلچسپي وارن معاملن ۽ ٻطرفي سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات ۾ سنڌ ۽ ملائيشيا وچ ۾ اقتصادي ۽ واپاري لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ملائيشيا جي سيڙپڪارن کي سنڌ جي اڀرندڙ مارڪيٽ ۾ سيڙپڪاري جي موقعن مان فائدو کڻڻ جي دعوت ڏني ملائيشيا جي قونصل جنرل محمد يونس ابراهيم سنڌ حڪومت جي سيڙپڪاري جي فروغ لاءِ کنيل قدمن خاص طور تي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي قدمن کي ساراهه ڪئي

بقايا 11 روزاني عبرت

پنهنجي راءِ رکڻ ۾ اصل فورم سنڌ اسيمبلي آهي، جتي اڪثريت موجود آهي سنڌ اسيمبلي سنڌ ۾ وڌيڪ صوبن جي قيام واري قرارداد کي واضح ۽ ڀرپور نموني رد ڪري ڇڏيو آهي سعيد غني سنڌ اسيمبلي جي ميڊيا ڪارنر تي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سنڌ ۾ وڌيڪ صوبن بابت قرارداد جي موقعي تي ايم ڪيو ايم پي ٽي آءِ ۽ جماعت اسلامي جيڪو رويو اختيار ڪيس اهو سنڌ جي عوام ڏسي ورتو آهي هن چيو ته ايم ڪيو ايم جا سمورا اسيمبلي ميمبر التوا واري رٿ تي تقرير دوران چوندا رهيا ته هو سنڌ ۾ وڌيڪ صوبن جي قيام جي حق ۾ ناهن پر جڏهن اهڙي قرارداد پيش ٿي جنهن ۾ واضح طور تي چيو ويو ته سنڌ ۾ ڪو به صوبو نه بڻايو ويندو ته ايم ڪيو ايم جا ميمبر ايوان مان هليا ويا، جڏهن ته پي ٽي آءِ جا ميمبر به ان ڏينهن ايوان مان غير حاضر رهيا ۽ جماعت اسلامي جو واحد ميمبر به اجلاس ۾ نه آيو سعيد غني چيو ته ايم ڪيو ايم جا اڳواڻ ٻاهر ويهي سنڌ جي ورهاڱي جون ڳالهيون ڪن ٿا، جڏهن ته سنڌ اسيمبلي ميمبر ايوان ۾ پهچن ٿا ته ڪير صوبو ناهڻ جي ڳالهه ڪري رهيو آهي جيڪڏهن ايم ڪيو ايم سنڌ جي ورهاڱي ۽ نون صوبن جي حق ۾ آهي ته کلي سامهون اچي ۽ جيڪڏهن خلاف آهي ته واضح اعلان ڪري هن چيو ته جڏهن سنڌ اسيمبلي ۾ فيصلي جي گهڙي آئي ته ايم ڪيو ايم فرار اختيار ڪيو جيڪڏهن عوام جي جذبن جو احترام ڪن ها ته قرارداد جي حمايت ڪن ها صوبائي وزير چيو ته هاڻي سنڌ جي عوام کي پي ٽي آءِ ۽ جماعت اسلامي کان سنڌي ڌرين ۽ عوامي گڏجاڻين ۾ پڇڻ گهرجي ته سنڌ جي ورهاڱي خلاف سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪيل قرارداد تي انهن ووٽ ڇو نه ڏنو سعيد غني چيو ته سنڌو ديش هن وقت ڪو موضوع ئي ناهي اهو معاملو ڪٿان آندو ويو آهي؟ هن چيو ته جنهن تنظيم جي سنڌ ۾ ڪا حيثيت ئي ناهي ايم ڪيو ايم وارا ان کي هيرو بڻائڻ چاهين ٿا هن چيو ته اسيمبلي ۾ قرارداد يا التوا واري رٿ فوري نوعيت جي معاملن تي آندي ويندي آهي جن بابت عوام جي راءِ سامهون اچڻ ضروري هوندو آهي سعيد غني الزام لڳائيندي چيو ته ماضي ۾ سنڌو ديش جو نعرو لڳائيندڙن جا ايم ڪيو ايم سان لاڳاپا رهيا آهن جڏهن ته پيپلز پارٽي خلاف اهڙو ڪو هڪ به واقعو يا بيان پيش ڪيو وڃي، جنهن مان ثابت ٿئي ته پارٽي انهن جي حمايت ڪئي آهي هن چيو ته سنڌ ۾ عليحدگي پسند قوتن جي سامهون پيپلز پارٽي رڪاوٽ آهي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي ورهاڱي جو اختيار محسن نقوي، خواجا آصف يا احسن اقبال وٽ ناهي آئين پاڪستان ۾ واضح آهي ته اهو اختيار ملڪ جي عوام ۽ جنهن صوبي جو معاملو هجي ان صوبي جي عوام وٽ آهي جڏهن ته عوام جي راءِ سندن چونڊيل نمائندن ذريعي اسيمبلي ۾ موجود هوندي آهي سنڌ اسيمبلي ۾ نوان صوبا ناهڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي سعيد غني چيو ته 1973ع جي آئين کان اڳ جون ڳالهيون هاڻي ڪا اهميت نٿيون رکن هن چيو ته پيپلز پارٽي کي علي خورشيدي يا ڪنهن ٻئي جي سرٽيفڪيٽ جي ضرورت ناهي هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري قومي اسيمبلي جو ميمبر ۽ پارٽي جو سربراهه آهي وٽس ايترا دليل موجود آهن جڏهن هو قومي اسيمبلي ۾ سنڌ جي ورهاڱي بابت ڳالهائيندو ته سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪندڙن کي جواب ملندو صوبائي وزير چيو ته کين صوبن جي قيام تي اعتراض ناهي پر سنڌ ۾ نوان صوبا ناهڻ تي اعتراض آهي پنجاب اسيمبلي پاڻ پنجاب ۾ نوان صوبا ناهڻ بابت قرارداد منظور ڪري چڪي آهي جڏهن ته نواز شريف ۽ شهباز شريف به پنجاب ۾ ٻن نون صوبن جي قيام جو اعلان ڪري چڪا آهن ريفرنڊم بابت سوال تي سعيد غني چيو ته ماضي جي ريفرنڊمن کان ملڪ جا عوام چڱيءَ ريت واقف آهن تنهنڪري ڪنهن نئين مهم يا تجربي جي پوڻ جي ضرورت ناهي جماعت اسلامي جي پيٽروليم ليوي خلاف جاري ڌرڻي بابت هن چيو ته عوام کي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ سبب بار وڌي رهيو آهي ۽ مهانگائي ۾ وڌي رهي آهي عالمي مارڪيٽ ۾ ايران-آمريڪا جنگ سبب پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ کي روڪڻ آسان ناهي پر پيٽروليم ليوي بابت وفاقي حڪومت کي ڳالهائڻ گهرجي. سعيد غني چيو ته سنڌ کان ٻاهر ويهي سنڌ بابت تجزيا ڪندڙن کي شايد هتي جي زميني حقيقتن جي خبر ناهي ماضي ۾ سنڌ ۾ لساني بنيادن تي خونريزي ٿيندي رهي آهي ۽ ماڻهن کي زبان ۽ نسل جي ناتي پاڻ ۾ وڙهايو ويو آهي هن چيو ته اڄ الحمدالله سنڌ ۾ اها صورتحال ناهي تنهنڪري ايم ڪيو ايم جي دوستن کي سمجھائڻ چاهيان ٿو ته نئين سياسي مفادن خاطر سنڌ کي نفرت جي باهه ۾ نه ڌڪين سياسي مفاد ضرور رکو پر ڪنهن کي داءُ تي لڳائي نه انتظامي يونٽن بابت سعيد غني چيو ته کيس خبر ناهي ته ايم ڪيو ايم وارا انتظامي يونٽ بابت ايترا اتاولا ڇو آهن انتظامي يونٽ جو ڪو الڳ وزيراعليٰ ڊپٽي وزيراعليٰ وزير يا ڪابينا نه هوندي آهي انتظامي يونٽن ۾ ضلعا، ڊويزن تعلقا ۽ يونين ڪائونسلون هونديون آهن جيڪي اڳ ئي موجود آهن جيڪڏهن نوان ڊويزن ضلعا يا تعلقا ناهڻا آهن ته اهي ناهي سگهجن ٿا، پر ڪنهن ڊويزن جو الڳ وزيراعليٰ يا ڪابينا نه هوندي

بقايا 12 روزاني عبرت

رياست ڪردفان جي شهر روابه ۾ شهري ٺڪاڻن ۽ هنڌن تي ڊرون حملي سبب گهٽ ۾ گهٽ 13 ڄڻا مارجي ۽ 22 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب سوڊان جي رضاڪار تنظيم سوڊان ڊاڪٽرز نيٽ ورڪ موجب آڱاري ڏينهن ٿيل حملي کي هڪ نئون قتل عام قرار ڏنو نيم فوجي گروپ ريپڊ سپورٽ فورسز (آر ايس ايف) کي حملي جو ذميوار قرارڏنو ويو آهي حملن کان پوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو ۽ ماڻهو جان بچائڻ لاءِ ڀڄڻ لڳا ڪجهه ماڻهو زخمين جي مدد لاءِ پهچي ويا اڪثر زخمين کي علاج لاءِ ام روابه اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي واضح رهي ته اپريل 2023ع کان سوڊان جي هٿياربند فوج ۽ ريپڊ سپورٽ فورسز وچ ۾ جاري ويڙهه سبب اتر ڪردفان ۾ ڊرون حملن ۽ فوجي ڪارروائين ۾ اضافو ٿيو آهي تڪرار سبب هزارين ماڻهو مارجي ويا آهن ۽ لکين بي گهر ٿي چڪا آهن جڏهن ته سڄي ملڪ ۾ بنيادي ڍانچي کي وڏي پيماني تي نقصان پهتو آهي ۽ ضروري خدمتون به متاثر ٿيون آهن

بقايا 13 روزاني عبرت

آهي پيشيوراڻي جاچ ۽ معياري ثبوت مؤثر ۽ منصفاڻو فوجداري انصاف لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا سپريم ڪورٽ جي عوامي رابطي واري شعبي مان جاري پڌرائي موجب چيف جسٽس آف پاڪستان سان ڪمانڊنٽ نيشنل پوليس اڪيڊمي سعد اختر پرواز ۽ ڊين نسٽ لا اسڪول محمد نواز واهلا سپريم ڪورٽ ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران نيشنل پوليس اڪيڊمي ۽ فيڊرل جوڊيشل اڪيڊمي وچ ۾ اداري جاتي تعاون جي اهميت تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ڪمانڊنٽ نيشنل پوليس اڪيڊمي چيف جسٽس کي پوليس آفيسرن جي تربيتي پروگرامز کان آگاهه ڪيو چيف جسٽس چيو ته ٻنهي ادارن وچ ۾ تعاون سان پوليس آفيسرن جي فوجداري قانون جاچ طريقيڪار ثبوت گڏ ڪرڻ ۽ ڪيسن جي تياري بابت صلاحيت بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي جي پيشيوراڻي قانون کان آگاهه ۽ حقن جو احترام ڪندڙ پوليس آفيسرن جي تربيت ۾ نيشنل پوليس اڪيڊمي جي ڪردار کي ساراهيو ملاقات ۾ ڊين نسٽ لا اسڪول چيف جسٽس کي اداري جي قانوني تعليم جي پروگرامز کان آگاهه ڪيو جڏهن ته نسٽ لا اسڪول فيڊرل جوڊيشل اڪيڊمي وچ ۾ تعاون جي تجويز تي به خيالن جي ڏي وٺ ٿي چيف جسٽس چيو ته پوليس آفيسر ۽ قانون جا شاگرد انصاف جي فراهمي جي نظام جي اهم حصيدار آهن معياري قانوني تعليم بار ۽ نتيجا عدالتي نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا هن مستقبل جي بااصلاحيت ۽ پيشيوراڻي قانوني ماهرن جي تياري ۾ نسٽ لا اسڪول جي ڪردار کي ساراهيندي ٻنهي ادارن وچ ۾ فيڊرل جوڊيشل اڪيڊمي سان تجويز ڪيل تعاون جي آجيان ڪئي. چيف جسٽس صلاحيت، ادارو جاتي سگهه ۽ انصاف واري نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ گڏيل قدمن ۾ هر ممڪن تعاون جي خاطري به ڪرائي

بقايا 14 روزاني عبرت

ميوا شاهه قبرستان ويجهو هڪ 35 سالن جو شخص نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويو متوفي جي لاش کي ايڌي ايمبولينس ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب متوفي وٽان ڪجهه نه مليو جنهن سان ان جي سڃاڻپ ٿي سگهي متوفي منشيات جو عادي نظر آيو قانوني ڪارروائي ڪرڻ کان پوءِ پوليس لاش کي سڃاڻپ لاءِ ايڌي مرده خاني منتقل ڪيو بن قاسم ٿاڻي جي حد گلشن حديد ويجهو شاهه لطيف ٽائون جي علائقي بابو گبول گوٺ ۾ گهر مان هڪ نامعلوم شخص فائرنگ ڪري هڪ شخص کي قتل ڪري ڇڏيو سندس سڃاڻپ 30 سالن جي نصيب الله ولد عبدالوهاب جي نالي سان ٿي مقتول جي ڀاءُ چيو ته ڦورو گهر ۾ داخل ٿيو هو ۽ جڏهن ننڍڙو ڀاءُ جاڳيو ته ڦورو فائرنگ ڪري فرار ٿي ويو پوليس چيو ته واقعو دشمني يا ذاتي رنجش جو ڪيس لڳي رهيو آهي سچل ٿاڻي جي حد سعدي ٽائون جي ويجهو واٽر بورڊ جي هائيڊرينٽ مان نامعلوم شخص جو هڪ ڏينهن پراڻو لاش هٿ ٿي آءِ بي ٿاڻي جي حد پي آءِ بي ڪالوني پريس ڪلب جي ويجهو روڊ ڪناري تان نامعلوم وجهه سبب فوت ٿي ويل 50 سالن جي شخص شهزاد حبيب ولد حبيب جو لاش مليو آهي نيو ڪراچي صنعتي ايريا ٿاڻي جي حد نيو ڪراچي سيڪٽر 5 ايف ويجهو خميسو گوٺ ۾ گهر مان 17 سالن جي عورت وينا زال معيز جو لاش مليو موت جو سبب معلوم ناهي ٿي سگهيو جڏهن ته لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ ايڌي ايمبولينس جي ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 15 روزاني عبرت

مختلف هنڌن تي جاري ڌرڻا 25هين ڏينهن ۾ داخل ٿي ويا آهن ۽ 32 هنڌن تي احتجاج جاري آهي گورنر هائوس آڏو پڻ وڏي انگ ۾ عوام موجود رهيس جڏهن ته اڄ عورتن جو تاريخي جلسو منعقد ڪيو ويندو حافظ نعيم الرحمان چيو ته 11 سيپٽمبر تي گوجرانوالا ۾ وڏو جلسو عام ۽ 12 سيپٽمبر تي اسلام آباد ۾ عورتن جو وڏو جلسو ٿيندو حڪومت جماعت اسلامي سان ڳالهين لاءِ رابطو ڪيو آهي پر اسان واضح ڪيو آهي ته عوام کي فوري طور تي ريليف فراهم ڪيو وڃي هن چيو ته پيٽروليم شين تي لاڳو ٽيڪس، خاص طور پيٽروليم ليوي، عوام لاءِ وڏو مسئلو بڻجي چڪو آهي پيٽروليم ليوي جو عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن سان ڪو سڌو تعلق ناهي اها حڪومتي ناڪامي ۽ غلط معاشي پاليسين جو نتيجو آهي جماعت اسلامي ليوي ختم ڪرڻ لاءِ حڪومت کي اهم تجويزون ڏنيون آهن ۽ ٽيڪنيڪل ڪميٽي پڻ پنهنجون سفارشون حڪومت آڏو پيش ڪري چڪي آهي حافظ نعيم الرحمان چيو ته سنڌ اسيمبلي پاران پيٽروليم ليوي خلاف قرارداد منظور ڪرڻ تي عوام کي مبارڪباد ڏيون ٿا سنڌ اسيمبلي اها قرارداد مضبوط سفارشن سان فوري طور وفاق ڏانهن موڪلي جڏهن ته پيپلز پارٽي وفاقي حڪومت سان پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻ لاءِ ڳالهائي سياسي اختلاف پنهنجي جاءِ تي پر عوامي مفاد جي معاملي تي پيپلز پارٽي کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي هن چيو ته جيڪڏهن حڪومت ڳالهين ۾ سنجيدگي نه ڏيکاري ته جماعت اسلامي اسلام آباد ڏانهن مارچ ڪندي جيڪڏهن پيٽروليم ليوي ختم نه ڪئي وئي ته 10 سيپٽمبر جي رات ڌرڻي بابت ايندڙ اعلان ڪيو ويندو حڪومت کي عوام جا مطالبا مڃڻ تي مجبور ڪيو ويندو پيٽروليم ليوي جماعت اسلامي يا ڪنهن فرد جو ذاتي مسئلو نه پر ڪروڙين پاڪستانين جو مسئلو آهي آءِ پي پيز بابت حافظ نعيم الرحمان چيو ته بجلي پيدا ڪرڻ کانسواءِ به آءِ پي پيز کي اربين رپيا ادا ڪيا ويا ۽ مجموعي طور تقريباً 1700 کان 1800 ارب رپيا ڏنا ويا آءِ پي پيز سان ڳالهين جو عمل پڻ جماعت اسلامي جي احتجاج جو نتيجو آهي احتجاج ڪڏهن به ضايع نه ٿو وڃي جماعت اسلامي سڄي قوم جي طرفان عوامي حقن جي تحريڪ هلائي رهي آهي هن چيو ته مهانگائي غريب ۽ مڊل ڪلاس طبقي کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته مڊل ڪلاس معيشت جي ڪرنگهي جي هڏي آهي جيڪڏهن مڊل ڪلاس جي بچت مارڪيٽ ۾ اچي ته معيشت کي ڪيترائي پيرا فائدو ٿي سگهي ٿو رياست جي ذميواري تعليم صحت، پاڻي، بجلي ۽ امن فراهم ڪرڻ آهي پر عوام کي اهي بنيادي سهولتون به پنهنجي کيسي مان خريد ڪرڻيون پئجي رهيون آهن حافظ نعيم الرحمان چيو ته سرڪاري اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ معياري تعليم موجود ناهي والدين پيٽ ڪاٽي ۽ قرض کڻي ٻارن کي تعليم ڏيارڻ تي مجبور آهن سرڪاري اسپتالن جي صورتحال به انتهائي خراب آهي ڪرپشن ۽ ناقص نظام سبب عوام کي مناسب صحت جون سهولتون نٿيون ملن ڪراچي جا شهري پاڻي ٽينڪرن ذريعي خريد ڪرڻ ۽ امن لاءِ به پنهنجي کيسي مان خرچ ڪرڻ تي مجبور آهن مير رضا علي ڪيس بابت هن چيو ته ان ڪيس پوليس نظام جي خامين کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي سندس چوڻ هو ته شروعات ۾ مير رضا ڪيس کي خودڪشي قرار ڏئي معاملو دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جڏهن ته هاڻي جاچ ۾ اثرانداز ٿيڻ جون ڪوششون پڻ سامهون اچي رهيون آهن ملڪ ۾ مافيا جو راڄ آهي ۽ رياست عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام نظر اچي ٿي سود جي خاتمي بابت حافظ نعيم الرحمان چيو ته جماعت اسلامي جي جدوجهد ڊگهي عرصي کان جاري آهي ۽ اهو معاملو وفاقي شرعي عدالت ۽ سپريم ڪورٽ تائين پهچي چڪو آهي حڪومت اسٽيٽ بئنڪ کي خودمختيار ادارو بڻائي مسئلو وڌيڪ پيچيده ڪري ڇڏيو آهي اسٽيٽ بئنڪ جي خودمختياري بابت قانون ۾ فوري تبديلي آندي وڃي ۽ حڪومت پارليامينٽ ذريعي اهو قانون تبديل ڪري سگهي ٿي هن چيو ته پاليسي ريٽ ۾ سرڪاري گهٽتائي آڻي ان کي 10، 15 ۽ پوءِ 20 سيڪڙو تائين آندو وڃي شرح سود ۾ گهٽتائي سان بئنڪ مالڪن جي منافعي تي اثر پوندو پر قوم جو فائدو ٿيندو ۽ معاشي سرگرميون وڌنديون پاليسي ريٽ ۾ هڪ سيڪڙو گهٽتائي سان حڪومت کي تقريباً 600 ارب رپين جو فائدو جڏهن ته ٽن سيڪڙو گهٽتائي سان تقريباً 1700 ارب رپين جي بچت ٿي سگهي ٿي حافظ نعيم الرحمان چيو ته حڪومت هڪ سال دوران عوام کان 1567 ارب رپيا پيٽروليم ليوي جي صورت ۾ گڏ ڪيا جڏهن ته پاڪستان پنهنجي قرضن تي هر سال تقريباً 8 هزار ارب رپيا سود ادا ڪري رهيو آهي شرح سود گهٽ ڪرڻ سان قرضن جي ادائيگي جو بار گهٽ ٿيندو بئنڪ مالڪن جو مفاد عوامي مفاد تي حاوي نه ٿيڻ گهرجي هن چيو ته حڪومت آءِ ايم ايف پروگرام کي عوام لاءِ غلامي جو ذريعو بڻائي ڇڏيو آهي ۽ ملڪ کي آءِ ايم ايف جي غلامي مان نجات ڏيارڻ جي ڳالهه ڪري رهي آهي ايف بي آر جي ڪارڪردگي تي تنقيد ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته اداري جي ناقص ڪارڪردگي جو بار عوام تي وڌو پيو وڃي ايف بي آر ٽيڪس نيٽ ۾ موجود ماڻهن کان تقريباً 1300 ارب رپيا وصول نه ڪري رهيو آهي تنهن ڪري ايف بي آر جي ناڪامي جو بار غريب ۽ مڊل ڪلاس تي نه وڌو وڃي هن چيو ته لگزري ۽ وڏين گاڏين تي ٽيڪس وڌايو وڃي وڏين گاڏين جي ٽيڪس ٻيڻو ڪرڻ سان درآمدات ۽ پيٽرول جي استعمال ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي حڪومت اليڪٽرڪ گاڏين جي حوصلا شڪني ڪرڻ بدران انهن لاءِ سهولتون فراهم ڪري، موٽر ويز تي فوري چارجنگ اسٽيشنون قائم ڪيون وڃن ۽ اليڪٽرڪ گاڏين لاءِ چارجنگ اسٽيشن جا لائسنس جاري ڪيا وڃن حافظ نعيم الرحمان چيو ته 18هين ترميم کانپوءِ وفاق ۾ موجود اضافي کاتا ختم ڪيا وڃن صوبن ڏانهن منتقل ڪيل کاتن کي وفاق ۾ برقرار رکڻ جو ڪو جواز ناهي وفاقي کاتن جا اضافي خرچ ختم ڪري اربين رپيا بچائي سگهجن ٿا سرڪاري گاڏين جي حد 1300 سي سي مقرر ڪئي وڃي ۽ حڪومتي خرچ گهٽ ڪيا وڃن هن چيو ته ٽيڪس ۾ ڇوٽ ۽ مفت سهولتن جو فائدو هڪ مخصوص طبقي کي ڏنو پيو وڃي کنڊ جي درآمد ۽ برآمد بابت پاليسين سان به عوام بدران مافيا فائدو وٺي رهي آهي حافظ نعيم الرحمان چيو ته ملڪ تي هڪ مخصوص طبقي جو قبضو آهي ۽ حڪمران طبقو ويهي قوم جي قسمت جا فيصلا ڪري ٿو مخصوص طبقي کي هر سطح تي مراعتون ۽ فائدا ڏنا پيا وڃن جماعت اسلامي اشرافيه جي قبضي مان نجات لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي هن چيو ته جماعت اسلامي جا ڌرڻا ڪمزور يا ناڪام ٿيا ته ان جو فائدو صرف اشرافيه کي ٿيندو، ڌرڻا عوام جي تحفظ، حقن ۽ مستقبل لاءِ جماعت اسلامي جي تحريڪ جو ڪو ذاتي ايجنڊا ناهي سڀ سياسي جماعتون پنهنجا اختلاف هڪ طرف رکي عوامي مطالبن تي جماعت اسلامي جي تحريڪ جو ساٿ ڏين صوبن جي قيام بابت حافظ نعيم الرحمان چيو ته نوان صوبا ٺاهڻ جو آئيني طريقيڪار موجود آهي ۽ ان تي عمل ڪيو وڃي صوبن جي معاملن تي عوام کي تعصب جي بنياد تي ورهائڻ کان پاسو ڪن هن چيو ته جيڪڏهن حڪومت جي پنهنجن اتحادي جماعتن ۾ اتفاق راءِ ناهي ته قوم کان اتفاق راءِ ڪيئن گهريو پيو وڃي؟ آئيني ترميمن کان اڳ حڪومت کي اپوزيشن ۽ سمورين سياسي جماعتن سان ڳالهين ذريعي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ گهرجي حافظ نعيم الرحمان چيو ته عوام کي پاڻ ۾ وڙهائڻ بدران سندن اصل مسئلا حل ڪيا وڃن سياسي اختلافن کي تعصب ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي وڃي سنڌ ۾ نوجوان تعليم ۽ روزگار جي موقعن کان محروم آهن جڏهن ته ڪراچي جا شهري به تعليم روزگار ۽ نوڪرين ۾ مناسب موقعا نه ملڻ جون شڪايتون ڪن ٿا سنڌ ۾ مقابلي وارن امتحانن جي نتيجن ۾ دير پڻ نوجوانن لاءِ وڏو مسئلو آهي هن چيو ته حڪومت جيڪڏهن عوام کي ريليف ڏئي نٿي سگهي ته کين وڌيڪ ورهائڻ کان پاسو ڪري عوام جا مسئلا حل ڪرڻ کانسواءِ نوان تڪرار پيدا ڪرڻ مناسب ناهي ملڪ ۾ آئين موجود آهي ۽ سمورا معاملا آئين موجب حل ڪيا وڃن

بقايا 16 روزاني عبرت

منصوبن اثاثن زمين ۽ مالي معاملن بابت معلومات تائين سڌي رسائي حاصل هئڻ گهرجي. شفافيت اسان جي پهرين ترجيح آهي ڪراچي جا شهري هڪ سوچ ۽ هڪ مقصد تي متحد ٿي وڃن ته ڪا به طاقت کين ترقي جي سفر کان روڪي نٿي سگهي ماضي ۾ جيڪي معلومات محدود حلقن تائين محدود هونديون هيون اهي هاڻي ويب سائيٽ ۽ جديد ٽيڪنالاجي ذريعي عام ڪيون پيون وڃن ته جيئن ڪراچي جا شهري ۽ پوري دنيا شهر جي انتظامي ۽ ترقياتي معاملن کان باخبر رهي سگهي انهن خيالن جو اظهار هن اربع ڏينهن ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي هيڊ آفيس ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد، سٽي ڪائونسل ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جو پارلياماني ليڊر ڪرم الله وقاصي ڊپٽي پارلياماني ليڊر دل محمد، جمن دروان سٽي ڪائونسل جا ميمبر ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته جڏهن ڪو ماڻهو اهو ڄاڻڻ چاهي ته ڪراچي ۾ ڇا ٿي رهيو آهي ته ان کي ڪنهن آفيسر يا فائيل جو محتاج نه ٿيڻو پوي، پر سموري لاڳاپيل معلومات کيس آن لائن دستياب هجي هن چيو ته بلديه عظميٰ ڪراچي جي ويب سائيٽ kmc.gos.pk تي شفافيت ۽ معلومات تائين رسائي لاءِ نوان شعبا متعارف ڪرايا ويا آهن جن ۾ ڪي ايم سي جي اثاثن ۽ ملڪيتن جا تفصيل ترقياتي منصوبن جو رڪارڊ، ڪراچي جو ترقياتي نقشو لينڊ رڪارڊ مئنيجمينٽ سسٽم ۽ ٻيون اهم معلومات شامل آهن هن چيو ته شهرين کي معلوم هئڻ گهرجي ته ڪي ايم سي جي ڪٿي زمين آهي ۽ ملڪيتون آهن ڪراچي ۾ ڪهڙو ترقياتي ڪم جاري آهي ان منصوبي تي ڪيتري لاڳت اچي رهي آهي، ڪهڙو ادارو يا ٺيڪيدار ڪم ڪري رهيو آهي ۽ منصوبو ڪهڙي فنڊنگ تحت مڪمل ڪيو پيو وڃي. ڪراچي جي ترقياتي نقشي ذريعي شهرين کي اهو پڻ معلوم ٿي سگهندو ته ڪهڙو روڊ ٺهي رهيو آهي ۽ اهو روڊ ڪيستائين مڪمل ٿي رهيو آهي ان کي ڪير تعمير ڪري رهيو آهي ۽ اهو روڊ ڪي ايم سي، ٽائون يا ڪنهن ٻئي اداري جي دائري اختيار ۾ اچي ٿو ميئر ڪراچي زمين جي رڪارڊ جي ڊجيٽلائيزيشن بابت چيو ته بلديه عظميٰ ڪراچي وٽ ڪيترن ئي ڏهاڪن پراڻا ملڪيت جا رڪارڊ موجود آهن جن مان ڪجهه دستاويز انتهائي پراڻا ۽ زبون حال آهن هن رڪارڊ کي محفوظ بڻائڻ لاءِ مڪمل طور تي ڊجيٽل ڪيو پيو وڃي ته جيئن رڪارڊ ضايع يا تبديل نه ٿي سگهي هن چيو ته مستقبل ۾ ڪنهن به ملڪيت جي منتقلي پڻ نظام تحت پاڻمرادو رڪارڊ ٿيندي، جنهن سان انساني مداخلت گهٽ ٿيندي ۽ فائيلن ذريعي معاملن کي روڪڻ يا غيرضروري رڪاوٽون پيدا ڪرڻ جو سلسلو ختم ٿيندو ميئر ڪراچي چيو ته بلديه عظميٰ ڪراچي پنهنجي ملازمن جو مڪمل رڪارڊ SAP نظام تي منتقل ڪري چڪي آهي جنهن جو مقصد جعلي ۽ غيرقانوني ادائيگين جو خاتمو ۽ ملازمن جي رڪارڊ ۾ شفافيت يقيني بڻائڻ آهي هن چيو ته هڪ ئي شخص جي مختلف ادارن ۾ هڪ ئي وقت ملازمت يا ڪيترن ئي هنڌن تان مالي فائدا حاصل ڪرڻ واري عمل جو خاتمو ضروري آهي ان ڪري ملازمن جي رڪارڊ کي جديد ڊجيٽل نظام سان ڳنڍيو ويو آهي هن چيو ته بلديه عظميٰ ڪراچي جي اڪائونٽ سان گڏ هر ادائيگي اليڪٽرانڪ ۽ اڪائونٽ ٽو اڪائونٽ نظام ذريعي يقيني بڻائي وڃي ته جيئن هر رقم جي استعمال جو مڪمل رڪارڊ موجود هجي ۽ مالي معاملن ۾ شفافيت برقرار رهي هن چيو ته ايندڙ ڪجهه مهينن دوران ڪي ايم سي کي حاصل ٿيندڙ آمدني ۽ وصولين کي پڻ ڊجيٽل نظام سان ڳنڍيو ويندو جنهن کان پوءِ هر ايندڙ رقم جو درست ۽ بروقت رڪارڊ دستياب هوندو هن چيو ته ڊجيٽل نظام ذريعي آمدني ۾ نمايان بهتري سامهون آئي آهي ڪجهه شعبن ۾ جتي ماضي ۾ ماهوار وصولي 17 کان 18 ڪروڙ رپين جي لڳ ڀڳ هوندي هئي، اتي هاڻي آمدني ۾ ڪيترائي پيرا اضافو ٿيو آهي ۽ گذريل مهيني هڪ کاتي مان تقريبن 30 ڪروڙ رپين جي وصولي ٿي انهن قدمن جو بنيادي مقصد اهو آهي ته عوام جي پئسي جو درست استعمال ٿئي آمدني ۽ خرچن جو مڪمل حساب موجود هجي ۽ شهرين کي معلومات تائين آسان رسائي حاصل هجي هن چيو ته بلديه عظميٰ ڪراچي هڪ منصفاڻي، شفاف ۽ جمهوري طرز حڪمراني ڏانهن وڌي رهي آهي اهڙي حڪومت جيڪا عوام آڏو جوابده هجي ۽ هر شهري کي معلومات تائين رسائي فراهم ڪري هن چيو ته شفافيت ۽ ڊجيٽلائيزيشن ذريعي ڪراچي جي شهرين جو سرڪاري ادارن تي اعتماد وڌيڪ مضبوط ٿيندو ۽ شهر جي ترقي ۽ انتظام ۾ بهتري ايندي ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته بلديه عظميٰ ڪراچي تحت جاري ترقياتي منصوبن جا سمورا تفصيل عوام آڏو پيش ڪيا ويا آهن هاڻي ڪنهن به شهري کي اهو معلوم ڪرڻ لاءِ ڪنهن آفيس ڊائريڪٽر يا انجنيئر سان رابطو ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي ته شهر جي ڪهڙي ضلعي ۾ ڪهڙو ڪم ٿي رهيو آهي، ان جي لاڳت ڪيتري آهي ۽ منصوبي تي هن وقت تائين ڪيتري رقم خرچ ٿي چڪي آهي

بقايا 17 روزاني عبرت

رپورٽ موجب هيٺيون ڪارروايون عمل ۾ آنديون ويون آهن پلاٽ نمبر 1339 ڪئڙا، 3162، 3940 ۽ 3146 (گهٽي نمبر 6، دريا آباد) ۾ ڊاهڻ جو ڪم مڪمل ٿيڻ کانپوءِ هاڻي ملبي هٽائڻ جو ڪم تيزيءَ سان جاري آهي پلاٽ نمبر 2555 (گهٽي نمبر 12، نوا آباد)، 2666 (گهٽي نمبر 14، نوا آباد) ۽ 2035 (پلاٽ نمبر 2555 پرسان گهٽي نمبر 12، نوا آباد، لياري) تي عمارتون ڊاهڻ جو عمل جاري آهي رڪاوٽ ۽ دير جو شڪار هنڌ: پلاٽ نمبر 3111 (بلال مسجد جي سامهون گهٽي نمبر 6، دريا آباد) تي سياسي ۽ علائقائي اثر رسوخ سبب ڪم شروع نه ٿي سگهيو آهي ان معاملي جو سخت نوٽيس وٺندي ضابطن موجب ڪارروائي ڪئي ويندي پلاٽ نمبر 415 ۽ 415-A (بهار ڪالوني) ۽ پلاٽ نمبر 3168 (گهٽي نمبر 6، دريا آباد، ٻي منزل) تي رهائش يا عمارت جي ڪجهه حصي تي ماڻهن جي قبضي سبب في الحال مسمار ڪرڻ جو ڪم روڪيو ويو آهي پلاٽ نمبر 2060/A مڪمل طور آباد آهي ۽ معائني دوران اها عمارت خطرناڪ قرار نه ڏني وئي تنهنڪري اتي في الحال مسمار ڪرڻ جو عمل روڪيو ويو آهي صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه ۽ ڊي جي ايس بي سي اي ڊاڪٽر وسيم شمشاد عوام کي اپيل ڪئي آهي ته انساني جانين جي تحفظ لاءِ کاتي جي هن مهم ۾ تعاون ڪن ۽ زبون حال عمارتون فوري طور خالي ڪن قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن ۽ غيرقانوني طريقي سان ڪارروائي ۾ رڪاوٽ وجهندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي

بقايا 18 روزاني عبرت

چڪ ٿي عابد شير علي ايمل ولي کي چيو ته "مون کي فرق نٿو پوي، مان ڪا غلط ڳالهه نٿو ڪريان توهان طريقي سان ڳالهايو" ايمل ولي خان عابد شير علي کي جواب ڏيندي چيو ته "هو طريقي سان ڳالهائي رهيو آهي، توهان به طريقي سان ڳالهايو" قرت العين مري ۽ ٻين ميمبرن عابد شير علي ۽ ايمل ولي خان وچ ۾ پئي معاملو ٿڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

بقايا 19 روزاني عبرت

فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته ڀارتي سرپرستي ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جو مڪمل طور تي خاتمو ڪيو ويندو اربع ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان ۾ وزيراعظم ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم 11 دهشتگردن کي مارڻ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي بروقت ۽ موثر ڪارروائي کي ساراهيو وزيراعظم خاران ۾ رستو بند ڪري ٽريفڪ کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ، واشڪ ۾ دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي تباهه ڪرڻ ۽ 2.9 ٽن بارودي مواد هٿ ڪرڻ تي فورسز جي پيشيوراڻي صلاحيتن کي ساراهيو وزيراعظم شهباز شريف چيو ته دهشتگردن ۽ انهن جي سهولتڪارن جا ناپاڪ ارادا ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندا ۽ ڀارتي سرپرستي ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جو مڪمل طور تي خاتمو آندو ويندو هن چيو ته فتنہ الخوارج ۽ ٻين دهشتگرد عنصرن خلاف ڪارروايون پوري طاقت سان جاري رهنديون

بقايا 20 روزاني عبرت

قائم ڪئي وئي آهي، جيڪا هڪ هفتي اندر پنهنجي رپورٽ پيش ڪندي ايوان ڪجهه ٻين ترميمي قانونن جي پڻ منظوري ڏئي ڇڏي اجلاس جي ڪارروائي دوران عوامي اهميت وارا ڪيترائي ڌيان ڇڪايو نوٽيس پيش ڪيا ويا اجلاس ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي پيپلز پارٽي جي عورت ميمبرن جي نشاندهي تي عورتن بابت پنهنجي ڪجهه ريمارڪس جي وضاحت ڪئي ۽ معذرت پڻ ڪئي محنت کاتي بابت سوالن جي وقفي دوران صوبائي وزير محنت سعيد غني ميمبرن جي سوالن جا جواب ڏنا. سنڌ اسيمبلي جو اجلاس اربع ڏينهن ڊپٽي اسپيڪر نويد اينٿوني جي صدارت هيٺ شروع ٿيو ڪارروائي جي شروعات ۾ ايم ڪيو ايم جي نجم مرزا ايوان ۾ ڪورم جي نشاندهي ڪئي ان وقت ايوان ۾ ميمبرن جو تعداد ڪافي گهٽ هو جنهن سبب اجلاس ڪجهه دير لاءِ ملتوي ڪيو ويو جنهن کان پوءِ ٻيهر ڪارروائي شروع ڪئي وئي ڪارروائي دوران صوبائي وزير قانون ۽ پارلياماني معاملن ضياءُ الحسن لنجار اسپيڪر کي چيو ته پارلياماني سيڪريٽري بلديات قاسم سراج سومرو سنڌ لوڪل گورنمينٽ ترميمي بل 2026ع ايوان ۾ پيش ڪندو تنهنڪري کيس اجازت ڏني وڃي اجازت ملڻ کان پوءِ بل ايوان ۾ پيش ڪيو ويو ان موقعي تي سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2013ع ۾ ترميم لاءِ 12 رڪني ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي، جيڪا هڪ هفتي اندر پنهنجي رپورٽ پيش ڪندي ڪميٽي ۾ وزير قانون ضياءُ لنجار کان علاوه حڪومت ۽ مخالف ڌر جي پارلياماني پارٽين جا ميمبر پڻ شامل آهن سنڌ لوڪل گورنمينٽ ترميمي بل جون تجويزون مجوزه ترميمي قانون تحت ميئر ۽ چيئرمين پنهنجي مدت ختم ٿيڻ کان پوءِ به ايڊمنسٽريٽر طور ڪم ڪندا رهندا. ڊپٽي ميئر ۽ وائيس چيئرمين لاڳاپيل ڪائونسل جا ڪنوينر هوندا، جڏهن ته ڊپٽي ميئر ۽ وائيس چيئرمين ڪائونسل جي اجلاسن جي صدارت ڪندا. مسودي موجب بلدياتي چونڊن جو عمل ڪائونسل جي مدت مڪمل ٿيڻ کان 120 ڏينهن اڳ شروع ڪيو ويندو جيڪڏهن بلدياتي چونڊون نه ٿيون ته ميئر ۽ چيئرمين ايڊمنسٽريٽر جي حيثيت سان پنهنجون ذميواريون جاري رکندا چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين خلاف بي اعتمادي جي رٿ ٻه ٽهائي جي اڪثريت سان منظور ٿي سگهندي. مجوزه قانون ۾ سڌي ريت چونڊيل نمائندن لاءِ احتساب جو نظام پڻ جوڙڻ جي تجويز ڏني وئي آهي ترميمي بل تحت ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جو چيف ايگزيڪيوٽو ميٽروپوليٽن ڪمشنر هوندو ترميمي قانون تحت يونين، ميونسپل ۽ ٽائون سطح تي مصالحت وارا فورم قائم ڪرڻ جي تجويز پڻ ڏني وئي آهي اهي مصالحت وارا فورم برادري جي تڪرارن جو پاڻ ۾ حل ڳولڻ لاءِ ڪم ڪندا مسودي موجب مقامي ايس ايڇ او يوسي چيئرمين سان رابطي ۾ رهندو مصالحت واري فورم ۾ ايس ايڇ او ۽ چيئرمين جو پڻ ڪردار هوندو ايڪسائيز ۽ موٽر وهيڪل ترميمي بل منظور ايوان پنهنجي ڪارروائي دوران سنڌ ايڪسائيز ايڪٽ ترميمي بل 2026ع ۽ صوبائي موٽر وهيڪل آرڊيننس 1965ع ۾ ترميمي بل پڻ پيش ڪيا، جن جي ايوان منظوري ڏئي ڇڏي ٻئي بل صوبائي وزير قانون پيش ڪيا. صوبائي وزير ايڪسائيز مڪيش ڪمار چاولا صوبائي موٽر وهيڪل آرڊيننس 1965ع ۾ ترميمي بل بابت ايوان کي ٻڌايو ته اها ترميم ڪار ڊيلرز بابت آهي هن چيو ته اڳ جيڪا گاڏي هڪ مهيني اندر رجسٽرڊ نه ٿيندي هئي، ان تي جرمانو لاڳو ٿيندو هو پر هاڻي شو روم ۾ بيٺل گاڏي تي ڇهن مهينن تائين جرمانو لاڳو نه ٿيندو، گاڏي روڊ تي اچڻ کان پوءِ ان تي جرمانو لاڳو ٿي سگهي ٿو برساتي نالن بابت ڌيان ڇڪايو نوٽيس ايوان جي ڪارروائي دوران ميمبرن طرفان مختلف ڌيان ڇڪايو نوٽيس پيش ڪيا ويا، جن جا لاڳاپيل وزيرن ۽ پارلياماني سيڪريٽرين جواب ڏنا جماعت اسلامي جي ميمبر محمد فاروق پنهنجي ڌيان ڇڪايو نوٽيس ۾ چيو ته شاهه فيصل ڪالوني ۽ گرين ٽائون ۾ برساتي نالا کليل آهن جيڪي ڪنهن به وقت حادثي جو سبب بڻجي سگهن ٿا هن چيو ته اهي نالا هن سال به ڪچري سان ڀريل آهن ۽ انهن جي صفائي ناهي ڪئي وئي پارلياماني سيڪريٽري بلديات قاسم سراج سومرو چيو ته برساتي نالن جي سار سنڀال جي ذميواري ڪي ايم سي جي آهي ڪي ايم سي ڪجهه حصن جي مرمت ڪرائي آهي جڏهن ته باقي حصن جي پڻ مرمت ڪرائي ويندي جامعه بنوريه سامهون ڪچري بابت شڪايت ايم ڪيو ايم جي ميمبر عامر صديقي پنهنجي ڌيان ڇڪايو نوٽيس ۾ چيو ته جامعه بنوريه جي سامهون ڪچرو گڏ ٿيل آهي هن چيو ته اسان کي ٻڌايو ويندو آهي ته 18هين ترميم کان پوءِ تمام گهڻو فائدو ٿيو آهي پر فائدو ڪهڙو ٿيو آهي ته ڪچرو کڻائڻ لاءِ اسيمبلي ميمبرن کي منٿون ڪرڻيون پون ٿيون هن چيو ته ايم ڊي سالڊ ويسٽ کي خط لکيا وڃن ٿا، پر ان باوجود ڪو نوٽيس نٿو ورتو وڃي قاسم سراج سومرو جواب ڏيندي چيو ته جڏهن بلدياتي چونڊون ٿي رهيون هيون ته اسان منٿون ڪري رهيا هئاسين ته چونڊن ۾ حصو وٺو پر اهي ماڻهو بلدياتي چونڊن کان ڀڄي ويا. هن چيو ته سنڌ حڪومت سمورن بلدياتي نمائندن کي هر مهيني وڏي باقاعدگي سان فنڊ جاري ڪري ٿي ايم ڪيو ايم جي ميمبر محمد وسيم پنهنجي ڌيان ڇڪايو نوٽيس ۾ چيو ته سندس تڪ ۾ پاڻي جي صورتحال خراب آهي ۽ 24 ڪلاڪ بجلي پڻ دستياب ناهي هن چيو ته سڄي ڪراچي ۾ پاڻي جي کوٽ آهي قاسم سراج سومرو چيو ته ميمبر صاحب جو ٻيو ڀيرو ڌيان ڇڪايو نوٽيس آيو آهي هن يقين ڏياريو ته کاتي جا ماڻهو کيس مڪمل بريفنگ ڏيندا هن چيو ته شهر ۾ پاڻي جو مسئلو ان وقت تائين حل نه ٿيندو جيستائين ڪي-فور منصوبو مڪمل نه ٿيندو عورتن بابت ريمارڪس تي علي خورشيدي جي معذرت پيپلز پارٽي جي ميمبر سعديه جاويد پنهنجي ڌيان ڇڪايو نوٽيس ۾ نشاندهي ڪئي ته مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي عورت ميمبرن جي لباس بابت ايوان اندر ۽ بعد ۾ ميڊيا ٽاڪ دوران اهڙا ريمارڪس ڏنا، جيڪي مناسب نه هئا. هن چيو ته علي خورشيدي کي پنهنجا لفظ واپس وٺڻ گهرجن ۽ ايوان ۾ معذرت ڪرڻ گهرجي صوبائي وزير ترقي نسوان شاهينه شير علي ۽ پيپلز پارٽي جي سميتا افضل پڻ سعديه جاويد جي موقف جي حمايت ڪئي جنهن تي علي خورشيدي وضاحت ڪندي چيو ته هو نه رڳو مخالف ڌر جي بينچن تي ويٺل عورت ميمبرن کي ۽ حڪومتي بينچن تي موجود عورت ميمبرن کي پڻ پنهنجين ڀينرن جي حيثيت ڏين ٿا. هن چيو ته جيڪڏهن سندس ڪنهن ڳالهه سان کين ڏک پهتو آهي ته هو هڪ ڀاءُ جي حيثيت سان معذرت ڪرڻ ۾ ڪا به هٻڪ محسوس نٿو ڪري علي خورشيدي چيو ته سندس گذريل گفتگو جو مقصد عورت ميمبرن تي تنقيد ڪرڻ نه هو پر انهن ميمبرن ڏانهن اشارو هو جيڪي ايوان اندر ويڊيو ٺاهيندا آهن محنت کاتي بابت سعيد غني جا جواب محنت کاتي بابت سوالن جي وقفي دوران صوبائي وزير سعيد غني ميمبرن جي مختلف لکت ۽ ضمني سوالن جا جواب ڏنا. سعيد غني چيو ته جيڪڏهن ڪنهن صنعتي اداري ۾ ڪو حادثو پيش اچي ٿو ته اسان کي ڳالهه جو انتظار نٿا ڪريون پر صنعتي ادارو اسان کي اطلاع ڏئي اسان پاڻمرادو فوري ڪارروائي ڪندا آهيون هن چيو ته 9 هزار کان وڌيڪ ٻارن کي اسان جي اسڪولن ۾ تعليم ڏني پئي وڃي هڪ سوال جي جواب ۾ سعيد غني ٻڌايو ته اڳ مزدورن جي ٻارن کي يونيفارم ۽ جوتا ڏنا ويندا هئا پر هاڻي مزدورن جي ٻارن کي 10 هزار رپيا سڌي ريت ڏنا ويا آهن هن چيو ته گذريل سيڪريٽري مزدورن کي حج تي نه موڪليو هو پر هن سال اسان مزدورن کي حج تي موڪلي رهيا آهيون سعيد غني چيو ته ڪجهه آفيسرن خلاف تاديبي ڪارروائي ڪئي وئي پر عدالتي حڪمن تحت اهي آفيسر واپس پنهنجن عهدن تي اچي ويا. هن چيو ته اهڙي صورتحال ۾ مان مجبور ٿي وڃان ٿو ڇو ته آفيسرن کي هٽايو ۽ عدالت کين واپس ويهاري ڇڏيو مزدورن جي رجسٽريشن بابت اهم انڪشاف هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ سعيد غني ٻڌايو ته مزدورن جي رجسٽريشن فيڪٽريون نٿيون ڪرائين هن چيو ته اڪثر فيڪٽري مالڪ مزدورن جو انگ گهٽ ظاهر ڪندا آهن جڏهن ته انهن جي آمدني تمام گهڻي هوندي آهي هن چيو ته هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ مختلف تجويزن جو جائزو ورتو پيو وڃي سعيد غني اعتراف ڪيو ته ليبر ڪارڊ جي مڪمل عملدرآمد نه ڪرائي سگهيا آهيون هن چيو ته مزدور ڪارڊ لاءِ نادرا سان معاهدو ڪيو ويو آهي سعيد غني چيو ته ڪورونا جي وبا دوران سڄي پاڪستان ۾ ڪٿي به مزدورن جو مڪمل ڊيٽا موجود نه هو صرف سنڌ وٽ مزدورن جو ڊيٽا موجود هو هن واضح ڪيو ته ورڪرز ويلفيئر بورڊ ۽ سوشل سيڪيورٽي وٽ رقم رکي ٿي ان جو اين ايس سان ڪو تعلق ناهي اين آءِ آر ڪيس جي آفيسرن خلاف ڪارروائي سعيد غني چيو ته اين آءِ آر ڪيس ۾ غفلت ڪندڙ سمورن آفيسرن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي آهي هن ٻڌايو ته سمورن لاڳاپيل آفيسرن کي فائنل شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن سعيد غني چيو ته متاثر ٻارن لاءِ اينڊومينٽ فنڊ قائم ڪيو ويو آهي هن چيو ته متاثر ٻارن جي خاندانن کي اڪيلو نه ڇڏيو ويو آهي، پر سرڪاري خرچ تي انهن جو بهتر علاج ڪرايو پيو وڃي آخر ۾ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس جمعي جي ڏينهن منجهند 3 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو

بقايا 21 روزاني عبرت

آهيون ان ۾ ڪنهن کي به شڪ نه هجڻ گهرجي. خواجا آصف چيو ته يمن کان سعودي عرب تي ٿيندڙ حملن سان پاڪستان سعودي عرب ۽ ترڪي جو گڏيل دفاعي معاهدو آپريشنل ٿيندو هن جو چوڻ هو ته ٽه طرفي دفاعي معاهدي موجب هڪ ملڪ تي حملو ٻين ملڪن تي حملو تصور ڪيو ويندو واضح رهي ته يمن جي حوثي جماعت انصارالله سعودي شهرن ابها، خميس مشيط، نجران ۽ جازان ۾ حملا ڪيا، جن دوران شهري ۽ اقتصادي هنڌن کي نشانو بڻايو ويو جڏهن ته حملن ۾ 73 ڄڻا زخمي ٿيا، جن ۾ ٻار ۽ عورتون پڻ شامل آهن وزيراعظم شهباز شريف سعودي عرب ۾ حوثي باغين حملن جي مذمت ڪندي چيو آهي ته اهڙا حملا نه رڳو بيگناهه انساني جانين لاءِ خطرو آهن پر علائقائي امن ۽ سلامتي کي پڻ متاثر ڪن ٿا وزيراعظم چيو ته سعودي عرب جي خودمختياري، سلامتي ۽ علائقائي سالميت لاءِ پنهنجي مستقل حمايت جو عزم ورجايون ٿا. جڏهن ته خادم الحرمين الشريفين شاهه سلمان ولي عهد محمد بن سلمان ۽ ڀاءُ سعودي عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪريون ٿا

بقايا 22 روزاني عبرت

۽ سينيٽر اعظم خان سواتي جدا جدا ملاقاتون ڪيون ملاقاتن دوران ملڪ جي مجموعي امن امان ۽ سياسي صورتحال بابت معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اربع ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب ڏکڻ پنجاب سان تعلق رکندڙ پيپلزپارٽي جي نمائندن جي هڪ وفد پڻ وقتي صدر سان ملاقات ڪئي ۽ کيس پنهنجي پنهنجي علائقن بابت معاملن کان آگاهه ڪيو وفد ۾ ملتان مان پيپلزپارٽي جي ايم پي اي جو ٽڪيٽ هولڊر بيرسٽر مدثر شاهه، پيپلزپارٽي لوڌران جو ضلعي صدر امداد الله عباسي ۽ ڪبير والا خانيوال ضلعي مان پيپلزپارٽي جو ٽڪيٽ هولڊر زمان لنگڙيال شامل هئا. بعد ۾ علي عمر علوي پڻ وقتي صدر سان ملاقات ڪئي ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

بقايا 23 روزاني عبرت

"مڪمل طور ناڪام" سمجهي ٿو ته ان معاملي کي پارليامينٽ ۾ آڻي لنڊن ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ملڪ جي نظام جي خامين ۽ ناڪامين تي بحث لاءِ مناسب فورم ڪاروباري گڏجاڻيون نه پر پاڪستان جي پارليامينٽ آهي سندس چوڻ هو ته ملڪ جي قسمت ڪجهه ڪاروباري ماڻهن جي هٿن ۾ نٿي ڇڏي سگهجي بلاول ڀٽو زرداري محسن نقوي جي قومي اسيمبليءَ ۾ حاضري تي پڻ سوال اٿاريندي چيو ته گهرو وزير اسيمبليءَ ۾ گهٽ اچي ٿو، تنهنڪري کيس ڪاروباري فورمن بدران پارليامينٽ ۾ اچي ان معاملي تي بحث ڪرڻ گهرجي هن چيو ته هو پاڻ ۽ ٻيا ڪنهن وفاقي وزير يا حڪومتي نمائندي سان پارليامينٽ جي فلور تي ان معاملي تي بحث لاءِ تيار آهي

بقايا 24 روزاني عبرت

جو مقصد دهشتگردي ۽ انتهاپسندي خلاف قانونسازي، پارلياماني نگراني، ادارن وچ ۾ اثرائتي رابطي ۽ گڏيل حڪمت عملي کي هٿي وٺرائڻ هو هي ڊائلاگ سسٽين ايبل سوشل ڊيوليپمينٽ آرگنائيزيشن (SSDO) جي اهتمام هيٺ، برطانوي هاءِ ڪميشن جي سهڪار ۽ سنڌ سينٽر فار ايڪسيلينس آن ڪائونٽرنگ وائلنٽ ايڪسٽريم ازم (SCECVE)، گهرو کاتي سنڌ جي تعاون سان منعقد ٿيو ڊائلاگ ۾ سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن، پارلياماني اڳواڻن، گهرو کاتي، ڪائونٽر ٽيرازم ڊپارٽمينٽ، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، سول سوسائٽي، ماهرن ۽ ٻين اسٽيڪ هولڊرز وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ دهشتگردي ۽ پرتشدد انتهاپسندي جي خطرن، موجوده نظام اداراتي ميڪانيزم ۾ موجود خالن ۽ درپيش چئلينجن جو جائزو وٺندي پائيدار امن لاءِ اثرائتي قانونسازي، قانون جي عملدرآمد، پارلياماني نگراني ۽ سمورن لاڳاپيل ادارن وچ ۾ مربوط رابطي کي لازمي قرار ڏنو ويو ان موقعي تي ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي سنڌ ذوالفقار لاڙڪ چيو ته دهشتگردي ۽ انتهاپسندي جو مقابلو ڪرڻ لاءِ غير عسڪري قدمن کي مضبوط بڻائڻ ضروري آهي سنڌ ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ مختلف ايجنسين جي گڏيل ڪوشش سبب دهشتگردي جي واقعن ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي ۽ ڪيترن ئي امڪاني واقعن کي اڳواٽ ڪارروائي ذريعي روڪيو ويو آهي تنهن هوندي به پائيدار نتيجن لاءِ معاشري جي شموليت لازمي آهي برگيڊيئر (ر) انعام الحق سنڌ سينٽر فار ايڪسيلينس آن ڪائونٽرنگ وائلنٽ ايڪسٽريم ازم جي حڪمت عملي بابت بريفنگ ڏيندي چيو ته مرڪز جو بنيادي مقصد انتهاپسندي جي روڪٿام، خطري جو شڪار ماڻهن جي بحالي ۽ انهن کي ٻيهر معاشري جو حصو بڻائڻ آهي پاڪستان لاءِ هڪ جامع ڪميونيڪيشن پاليسي تيار ڪئي پئي وڃي، جنهن ۾ وفاق ۽ سمورن صوبن کي شامل ڪيو ويو آهي هن چيو ته سنڌ لاءِ مخصوص ڪائونٽر پاليسي تحقيق، استعداد ڪار ۾ اضافي، ڪميونٽي انگيجمينٽ، مثبت بيانيي جي فروغ ۽ بحالي ۽ معاشري ۾ ٻيهر شامل ڪرڻ تي ٻڌل پنجن سالن جو اسٽريٽجڪ پلان تيار ڪيو ويو آهي پارلياماني اڳواڻن ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن موقف اختيار ڪيو ته سنڌ ۾ دهشتگردي جي خاتمي ۽ ٻين لاڳاپيل شعبن بابت ڪيترائي قانون موجود آهن پر اصل چئلينج قانونن تي اثرائتي عملدرآمد ۽ نگراني آهي دهشتگردي خلاف ڪارروائين سان گڏوگڏ انتهاپسندي جي بنيادي نظرياتي ۽ سماجي سببن کي منهن ڏيڻ، نوجوانن کي انتهاپسند نظرين کان محفوظ رکڻ ۽ منفي پروپيگنڊا ۽ غلط معلومات جو اثرائتو تدارڪ ڪرڻ لاءِ غير عسڪري قدمن کي پڻ مضبوط بڻائڻو پوندو اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن اتفاق ڪيو ته ضلعي سطح تي امن ڪميٽين کي فعال بڻائي مقامي تڪرارن ۽ انتهاپسند رجحانن جي بروقت نشاندهي ۽ روڪٿام ممڪن بڻائي سگهجي ٿي اجلاس جي پڇاڙي تي ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو ته دهشتگردي ۽ پرتشدد انتهاپسندي خلاف پارليامينٽ، حڪومت، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، سول سوسائٽي، تعليمي ۽ مذهبي قيادت ۽ ڪميونٽي وچ ۾ مربوط سهڪار کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو ويندو ۽ قانون جي عملدرآمد ۽ پارلياماني نگراني جي نظام کي مضبوط بڻايو ويندو جڏهن ته انتهاپسندي جي خاتمي لاءِ مثبت بيانيي، ڪميونٽي انگيجمينٽ، اڳواٽ روڪٿام، بحالي ۽ ادارن وچ ۾ رابطي تي ٻڌل قدمن کي اڳتي وڌايو ويندو ته جيئن سنڌ ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام کي يقيني بڻائي سگهجي

بقايا 25 روزاني عبرت

ايڊووڪيٽ جو لاش هٿ آيو آهي پوليس لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو جڏهن ته واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي پوليس موجب، موت جا ڪارڻ جاچ مڪمل ٿيڻ کانپوءِ سامهون اچي سگهندا

بقايا 26 روزاني عبرت

حاصل ٿيندڙ آمدني تي 5 سيڪڙو ود هولڊنگ ٽيڪس (withholding tax) لاڳو ڪيو ويو آهي، جنهن کي مقامي رهواسين لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٽيڪس (minimum tax) طور شمار ڪيو ويندو

بقايا 27 روزاني عبرت

وينز بابت سنڌ حڪومت اهم قدم کنيا آهن جن ۾ سڀ کان پهرين گاڏين ۾ سي اين جي ۽ ايل پي جي ڪٽس جي استعمال تي پابندي لڳائي وئي ته جيئن امڪاني حادثن کان بچي سگهجي هن چيو ته اهي گاڏيون نه صرف بين الاضلاعي ۽ اندرون شهر سفر لاءِ استعمال ٿين ٿيون بلڪ اسڪول وينز ٻارن جي اچ وڃ لاءِ به استعمال ڪيون وينديون آهن ان ڪري انهن جي حفاظت حڪومت جي اولين ترجيح آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت سمورن لاڳاپيل گاڏين لاءِ فٽنس سرٽيفڪيٽ لازمي قرار ڏنو آهي جڏهن ته ڊجيٽلائيزڊ فٽنس سرٽيفڪيٽ ۽ روٽ پرمٽ نظام به متعارف ڪرايو ويو آهي هن [illegible]

بقايا 28 روزاني عبرت

[illegible]

بقايا 29 روزاني عبرت

[illegible]

بقايا 30 روزاني عبرت

[illegible] فراهم ڪيو ويو آهي ذريعن موجب تحقيقاتي ادارن طرفان مير رضا بابت اين سي سي آءِ کان گذريل 6 مهينن جو ڊيٽا حاصل ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي هئي، جيڪا اين سي سي آءِ کي ملي چڪي آهي اهو ڊيٽا ڪيترن ئي صفحن تي مشتمل آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته رڪارڊ کي ڊي ڪوڊ ڪرڻ کان پوءِ ڊي آر جي طرز تي جوڊيشل ڪميشن کي فراهم ڪيو ويو آهي بائننس جو ٽيڪنيڪل ڊيٽا هڪ خاص عددي فارميٽ ۾ هوندو آهي، جنهن کي عام فهم انداز ۾ سمجهڻ آسان ناهي، ان ڪري اين سي سي آءِ کان ڊيٽا جو تجزيو ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي آهي

بقايا 31 روزاني عبرت

سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن جڏهن ته اهل اميدوارن جا ايڊمٽ ڪارڊ ڪميشن جي ويب سائيٽ تي اپلوڊ ڪيا ويا آهن ڪميشن پاران اميدوارن جي سهولت لاءِ امتحان جي جوابي ڪاپين ۾ صفحن جو تعداد وڌايو ويو آهي جيئن اميدوارن کي جواب مڪمل ڪرڻ لاءِ گهربل اسپيس فراهم ٿي سگهي ڪميشن واضح ڪيو آهي ته امتحاني عمل دوران ڪنهن به صورت ۾ اضافي يا سپليمينٽري شيٽ فراهم نه ڪئي ويندي

بقايا 32 روزاني عبرت

ملڪيت جي وڪري لاءِ ايڊوانس ٽيڪس جي شرح 2.75 سيڪڙو ۽ ان جي خريداري لاءِ 1.25 سيڪڙو مقرر ڪئي وئي آهي بين الاقوامي ڪريڊٽ، ڊيبٽ ۽ پري پيڊ ڪارڊز تي ٽيڪس جي شرح 5 سيڪڙو مان گهٽائي 0.5 سيڪڙو ڪئي وئي آهي بين الاقوامي ڪريڊٽ، ڊيبٽ ۽ پري پيڊ ڪارڊز تي ايڊوانس ٽيڪس جي شرح 5 سيڪڙو مان گهٽائي 0.5 سيڪڙو ڪئي وئي آهي جڏهن ته ٽي وي ڊرامن ۽ اشتهارن تي ايڊوانس ٽيڪس ختم ڪيو ويو آهي

بقايا 33 روزاني عبرت

موجب سرجاني ٽائون سيڪٽر 7-B ۾ اڄ صبح گهر مان اڍائي مهينن جي فاطمه ڌيءَ محمد علي جو لاش پاڻي جي ٽانڪي مان هٿ آيو اطلاع ملندي ئي پوليس مقتولا ٻارڙي جي والدين کان پڇا ڳاڇا ۽ جاچ شروع ڪئي جنهن واقعي ۾ ملوث مرڪزي جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو

بقايا 34 روزاني عبرت

تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي قوم کي مبارڪباد ڏني آهي وڏي وزير خاران ۽ واشڪ ۾ ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز کي سلام پيش ڪندي چيو ته دهشتگردن خلاف ڪارروائي دوران سيڪيورٽي فورسز هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي پيشيوراڻي صلاحيتن جو لوهه مڃرايو آهي

بقايا 35 روزاني عبرت

سپورٽ پروگرام: امڪان مسئلا ۽ لائحه عمل" جي موضوع تي ڊائلاگ سيشن منعقد ڪيو ويو هن سيشن جي صدارت سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغه امتياز) ڪئي جڏهن ته مکيه مقرر ملڪ جو ناميارو معاشي ماهر پبلڪ پاليسي ايڪسپرٽ ۽ پلاننگ ڪميشن آف پاڪستان جو اڳوڻو ميمبر ڊاڪٽر قيصر بنگالي هو ٻين مقررن ۾ ڊاڪٽر ايم اي قاضي انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر عرفانه بيگم ملاح ۽ ايريا اسٽڊي سينٽر فار ايسٽ اينڊ سائوٿ ايسٽ ايشيا جو اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر رونق علي ٻهڻ شامل هئا. هن تقريب جي ڪارروائي ڊپارٽمينٽ آف انٿروپالاجي اينڊ آرڪيالاجي جي چيئرمين ڊاڪٽر عبدالرزاق چنا هلائي. تقريب کي صدارتي خطاب ڪندي سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري بينظير انڪم سپورٽ پروگرام کي حڪومت جو اهم پروگرام قرار ڏيندي چيو ته هن پروگرام ذريعي سڄي ملڪ اندر هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ غريب طبقي جي عورتن کي مالي مدد ملي رهي آهي

بقايا 36 روزاني عبرت

انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ انصاف هائوس ڪراچي ۾ اهم پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌ جي عوام هاڻي پيپلز پارٽي جي سياست کي رد ڪري ڇڏيو آهي ۽ سنڌ مان پيپلز پارٽي جي خاتمي جو وقت اچي ويو آهي پريس ڪانفرنس ۾ راجا اظهر جمال صديقي ارسلان خالد، محمد علي بلوچ، راڻو اعظم، غلام رسول وحيد رند، ايڊووڪيٽ خالد محمود، عاقل اعوان، فرخ جميل خان، رانا وسيم، معراج شاهه خان زمان، ايڊووڪيٽ خالد شر ملڪ عارف ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي حليم عادل شيخ چيو ته "زنده آهي ڀٽو زنده آهي" وارو سياسي نعرو هاڻي دفن ٿي چڪو آهي، زرداري جي پيپلز پارٽي ان نعري کي دفن ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 37 روزاني عبرت

جي اسلامڪ لرننگ ڊپارٽمينٽ جي چيئرمين پروفيسر عارف خان ساقي تي تشدد واري واقعي ۾ پوليس وڌيڪ 2 [illegible]

بقايا 38 روزاني عبرت

[illegible]

بقايا 39 روزاني عبرت

[illegible]

بقايا 40 روزاني عبرت

[illegible]

بقايا 41 روزاني عبرت

[illegible]

بقايا 42 روزاني عبرت

[illegible]

بقايا 43 روزاني عبرت

[illegible]

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
عالمي منڊيءَ ۾ تيل قيمتون ٻيهر آسمان کي ڇهڻ لڳيون
صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار
راند، موسيقي ۽ انسانيت جو درد...!
صفحو 4

سلمان غني
ڪشمير جي نقشي سان ڀارت جي ڇيڙڇاڙ
صفحو 4

مختيار اڻڙ
اڄوڪو ڏينهن .... 10 سيپٽمبر
صفحو 4

ٻنون جي ٻيلن جي هزارين ايڪڙ ناياب سرڪاري زمينن تي بااثر ماڻهن طرفان قبضي جو انڪشاف

اومني گروپ طرفان ٻيلن اندر ڇڏيل هزارين ايڪڙ ناياب زمينون هڪ دفعو ٻيهر هتان جي مقامي پوتارن لاءِ سون جي جهرڪي بڻيل

قبضي هيٺ ناياب زمينون ڪروڙين روپين عيوض وڪرو ٿيڻ ۽ پوتارن طرفان زمينن کي رکڻ لاءِ ڪيترائي هٿيارٻند ماڻهو ويهارڻ جا اطلاع

سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۽ سنڌ هائي ڪورٽ جي حڪمن جي سرعام ڀڃڪڙي، امڪاني رتوڇاڻ کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ پوليس طرفان ڪچي ۾ پڪٽ قائم

وفاقي توڙي سنڌ حڪومت، اعليٰ عدليا، نيب، اينٽي ڪرپشن ۽ ضلعي انتظاميه کان فوري نوٽيس وٺڻ ۽ زمينون خالي ڪرائي نوان وڻ پوکڻ جو مطالبو

دڙو: ٻنون جي ٻيلن جي ناياب زمينن تي قبضا ۽ ڪروڙين روپين جون آبادين جو ڏيک

دڙو (ن ع) سجاول ضلعي جي ٻنون فاريسٽ رينج جي ڪڏي، مولجند، جراڙ فتح پور سميت ٻين ٻيلن جون هزارين ايڪڙ ناياب سرڪاري زمينون تي بااثر ماڻهن قبضا ڪري ڇڏيا آهن. قبضاگيرن ٻيلي کاتي جي زمينن تي قبضو ڪرڻ بعد مختلف فصل ڪيٽي ساريون ڪمند، سرهه سبزي ۽ ٻيا فصل پوکي ڇڏيا آهن. جنهن مان اهي ڪروڙين روپين جي آپت ڪئي رهيا آهن. تازو سجاول ضلع جي ٻنون فاريسٽ رينج جي ٻيلن ۾ ملڪ جي بااثر ڌرين جي اومني ڪمپني طرفان ملڪي ادارن جي دٻاءُ ڪاڻ ڇڏيل سوين ايڪڙ زمينن تي هتان جي مقامي بااثر شخصيتن طرفان مسلسل ڪافي سالن جي قبضي بعد زمينن جي رکوالي لاءِ رکيل مقامي وڏيرن پنهنجون سياسي وفاداريون تبديل ڪري پنهنجا هٿيارٻند ماڻهو ويهاري ڇڏيا آهن. زمينن جي رکوالي ڪندڙ مقامي مينيجرن طرفان ڪچي جون ناياب زمينون مبينا طور ڪروڙين روپين جي عيوض وڪرو ڪرڻ جا اطلاع مليا آهن جڏهن ته سجاول ضلع جي پوليس طرفان ڪچي ۾ زمينن تي مبينا قبضي ۽ امڪاني رتوڇاڻ کي روڪڻ لاءِ پوليس جون پڪٽون قائم ڪري ڇڏيون آهن هتان جي سجاڻ ڌرين وفاقي توڙي سنڌ حڪومت، اعليٰ عدليا، نيب، اينٽي ڪرپشن ۽ سجاول ضلعي جي انتظاميا کان فوري نوٽيس وٺڻ ۽ زمينون خالي ڪرائي نوان وڻ پوکڻ جو مطالبو ڪيو آهي

جيئندل ڪوٽ فيڊر جي بجلي گذريل ٽن ڏينهن کان بند، 40 ڳوٺن جا رهواسي سخت پريشان

واپڊا عملداري پاران جيئندل ڪوٽ فيڊر جي بجلي گذريل ٽن ڏينهن کان بند رکڻ سبب ڪاروهنوار ٺپ

معمول جي زندگي مفلوج، پيئڻ ۽ وضو لاءِ پاڻي جي کوٽ پيدا ٿيڻ سان گڏ اسپتالن ۽ گهرن ۾ رکيل قيمتي دوائون خراب ٿيڻ لڳيون

لکين روپيا بل ادا ڪندڙ عوام کي ٽن ٽن ڏينهن تائين بنيادي بجلي جي سهولت کان محروم رکيو پيو وڃي، جيڪو سراسر ظلم آهي: رهواسي

مسوبرگڙي (ن ع) واپڊا عملداري پاران جيئندل ڪوٽ فيڊر جي بجلي گذريل ٽن ڏينهن کان بند رکڻ سبب مسوبرگڙي سميت لڳ ڀڳ 40 ڳوٺن جا رهواسي سخت عذاب ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. جڏهن ته ڊگهي بجلي بندش سبب معمول جي زندگي مفلوج، پيئڻ ۽ وضو لاءِ پاڻي جي کوٽ پيدا ٿيڻ سان گڏ اسپتالن ۽ گهرن ۾ رکيل قيمتي دوائون خراب ٿيڻ لڳيون آهن علائقي واسين موجب جيئندل ڪوٽ فيڊر سان لاڳاپيل ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ مسلسل ٽن ڏينهن کان بجلي جي فراهمي معطل آهي پر لاڳاپيل اختيارين طرفان مسئلو حل ڪرڻ لاءِ ڪو اثرائتو قدم نه کنيو ويو آهي. بجلي بند هجڻ سبب پاڻي جون موٽرون بند پيل آهن. جنهن ڪري رهواسي پيئڻ جي پاڻي سان گڏ مسجدن ۾ وضو لاءِ پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ به سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن. رهواسين جو چوڻ آهي ته بجلي جي ڊگهي بندش سبب گهرن ۾ موجود ڪاڏي پيٽي جون شيون خراب ٿيڻ سان گڏ مريضن لاءِ رکيل ضروري دوائون پڻ ضايع ٿيڻ جي خطري ۾ آهن علائقي جي اسپتالن ۽ طبي مرڪزن ۾ بجلي جي فراهمي متاثر ٿيڻ ڪري مريضن کي به ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. جڏهن ته بجلي تي هلندڙ ڪاروبار مڪمل طور ٺپ ٿي ويا آهن مقامي ماڻهن جو الزام آهي ته ڪن ڏينهن کان بجلي بند هجڻ باوجود شڪايتن تي سنجيدگي سان عمل نه ٿيڻ لاڳاپيل کاتي جي ڪارڪردگي تي سواليا نشان بڻجي رهيو آهي. سندن چوڻ آهي ته گرمي جي شدت ۾ ٻارن، عورتن، بزرگن ۽ بيمارن لاءِ بجلي کانسواءِ زندگي گذارڻ انتهائي ڏکيو بڻجي ويو آهي بجلي جي بندش خلاف علائقي واسين پاران احتجاج پڻ ڪيو ويو جنهن دوران هنن واپڊا ۽ لاڳاپيل اختيارين خلاف سخت نعريبازي ڪندي مطالبو ڪيو ته جيئندل ڪوٽ فيڊر جي بجلي فوري طور بحال ڪئي وڃي ۽ مسلسل بجلي بند رکڻ جا سبب عوام آڏو واضح ڪيا وڃن رهواسين جو چوڻ آهي ته بجلي جي فراهمي بحال نه ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو هنن اعليٰ اختيارين، ضلعي انتظاميا ۽ واپڊا جي لاڳاپيل آفيسرن کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي بجلي بحال ڪرائي عوام کي وڌيڪ پريشاني ۽ مالي نقصان کان بچايو وڃي علائقي واسين سوال اٿاريو آهي ته جيڪڏهن لکين روپيا بل ادا ڪندڙ عوام کي ٽن ٽن ڏينهن تائين بنيادي بجلي جي سهولت کان محروم رکيو وڃي ته پوءِ عوام جي شڪايتن ۽ بنيادي حقن جي ذميواري آخر ڪنهن تي عائد ٿئي ٿي

ٽنڊومحمدخان ضلعي ۾ گذريل ڪجهه مهينن کان بند منشيات جا اڏا ٻيهر کلي ويا

ٻرن ۾ لوڪل منشيات جا ننڍا وڏا ڊيلر ٻاهر نڪري آيا، پوليس به سرعام هلائڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي

ٽنڊوغلام حيدر، موسا، شيخ پرڪيو، ملاڪاتيار، لاڪاٽ، نائون ميل، ڏڳهه موري سميت ٻين علائقن ۾ سرعام وڪرو

منشيات بند هئي شهر ۾ امن رهيو ۽ نوجوان نسل جون زندگيون منشيات کان بچيل هيون وري ٻيهر شروع ڪئي ويئي آهي: شهري

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊومحمدخان ضلعي ۾ ڪيترن مهينن کان منشيات جو بند پيل ڪاروبار شروع سنڌ حڪومت طرفان منشيات جي پابندي هئڻ باوجود به منشيات فروشن کي کلي ڇوٽ ڏيئي منشيات جو وڪرو جاري ڪيو ويو جڏهن ته ٽنڊومحمدخان شهر سميت ٽنڊوغلام حيدر، موسا، شيخ پرڪيو ملاڪاتيار لاڪاٽ، نائون ميل، ڏڳهه موري سميت ٻهراڙي وارن مختلف علائقن ٻيهر مين پڙي سفينا گٽڪو شراب، آئس جو وڪرو ٿيڻ لڳو ضلعي انتظاميه ۽ پوليس مڪمل خاموش بڻيل ذريعن موجب منشيات جي وڪرو ڪندڙن ڊيلرن کي مبينا طور اجازت ڏيڻ سان شهر ۽ آس پاس ۾ گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان وڪرو ٿي رهي آهي منشيات جي وڪري خلاف شهر جي سماجي ادبي ڌرين ۽ ڊاڪٽرن پاران افسوس ۽ ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته منشيات واپرائڻ سان ڪيترائي گهرن جا نوجوان ڪينسر وگهي مري ويا آهن ڪينسر خطرناڪ بيماري آهي ڦهلجندي پئي وڃي جڏهن ته ڪافي وقت کان منشيات بند هئي شهر ۾ امن رهيو ۽ نوجوان نسل جون زندگيون منشيات کان بچيل هيون وري ٻيهر شروع ڪئي ويئي آهي جيڪو عمل افسوس ناڪ آهي اسان آئي جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ٿا ڪريون ته منشيات جو ڪاروبار بند ڪرايو وڃي جيڪو اسڪولن ۽ ڪاليجن جي ريجهو وڪرو ٿي رهي آهي جنهن جو فوري نوٽيس ورتو وڃي ته جيئن نوجوان نسل جون زندگيون بچي سگهن ۽ وڌندڙ ڪينسر جي بيماري جو خاتمو ٿئي منشيات جي سرپرستن خلاف قانوني قدم کنيا وڃن ۽ شهر جي نوجوان نسل جون زندگيون بچايون وڃن

چام نواز علي ۾ محفل ميلاد النبي ﷺ جي سلسلي ۾ عظيم الشان جلسو منعقد ڪيو ويو

چام نواز علي (ن ع) چام نواز علي حسين ڊينٽل ڪلينڪ جي سامهون مشهور ڊينٽل سرجن ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر هيلٿ سنڌ ڊاڪٽر صادق علي بلوچ ۽ امداد علي بلوچ جي ميزباني هيٺ هر سال جيان هن سال به محفل ميلاد النبي ﷺ جي سلسلي ۾ عظيم الشان جلسو منعقد ڪيو ويو تقريب جو اهتمام مرڪزي عيد ميلاد ڪميٽي ٽنڊو آدم پاران ڪيو ويو جنهن ۾ نعت خواني جي پروقار محفل سجائي وئي تقريب کي ملڪ جي مشهور عالمِ دين علامه مولانا حافظ ڊاڪٽر جميل احمد راڻوڙ خصوصي خطاب ڪندي سيرت طيبه ﷺ، عشقِ رسول ﷺ ۽ اسلامي تعليمات تي تفصيلي روشني وڌي هن حضور اڪرم ﷺ جي عظمت، شانِ اقدس ۽ سيرتِ مبارڪ بيان ڪندي مسلمانن کي سنتِ رسول ﷺ تي عمل ڪرڻ ۽ پنهنجي زندگيءَ کي نبي ڪريم ﷺ جي تعليمات مطابق گذارڻ جي تلقين ڪئي ان موقعي تي مشهور نعت خوان قاري محسن علي قادري بارگاهِ رسالت مآب ﷺ ۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪندي نعتون پيش ڪيون جنهن سان محفل جو ماحول انتهائي روحاني ايماني ۽ پرڪيف بڻجي ويو محفل جي اختتام تي ملڪ ۽ قوم جي سلامتي امن امان خوشحالي ۽ امت مسلم جي ڀلائي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي تقريب ۾ علائقي جي معزز شخصيتن ڊاڪٽرن، نوجوانن ۽ عاشقانِ رسول ﷺ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري حضور اڪرم ﷺ سان پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو آخر ۾ شرڪت ڪندڙن ۾ لنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو

سنڌ جي وحدت تي وار برداشت نه ڪنداسين: چام آصف ڏاريجو

اسان جو جيئڻ ۽ مرڻ سنڌ سان آهي، پ پ سنڌ جي محافظ جماعت آهي

جيالا پنهنجي جانين جا نذرانا ڏئي ڌرتي جي وحدت جو تحفظ ڪندا: ميڊيا سان ڳالهيون

گهوٽڪي(ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقہ گهوٽڪي جي صدر ۽ ميونسپل ڪميٽي گهوٽڪي جي چيئرمين چام آصف رزاق خان ڏاريجو چيو آهي ته مري وينداسين پر سنڌ جي وحدت تي وار برداشت نه ڪنداسين، اسان جو جيئڻ ۽ مرڻ سنڌ سان آهي، پ پ سنڌ جي محافظ جماعت آهي ۽ جيالا پنهنجي جانين جا نذرانا ڏئي ڌرتي جي وحدت جو تحفظ ڪندا. اهڙن خيالن جو اظهار هن گهوٽڪي ۾ انڌن ٻوڙن ۽ گونگن ٻارڙن لاءِ 7 ڪروڙ روپين جي ماليت سان قائم ٿيندڙ اسپيشل چلڊرين اسڪول جو افتتاح ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. چام آصف رزاق ڏاريجو چيو ته خاص ٻارڙن لاءِ معياري تعليم فراهم ڪرڻ سندس دلي خواهش هئي جنهن لاءِ ذاتي زمين فراهم ڪئي وئي آهي. اسڪول جو تعميراتي ڪم ٻن سالن اندر مڪمل ڪيو ويندو جتي خاص ٻارڙن کي بهترين ۽ معياري تعليمي سهولتون فراهم ڪيون وينديون. هن چيو ته روڊن ۽ رستن جي بحالي سان گڏ تعليم ۽ صحت جي شعبن ۾ پڻ ڀرپور ڪم جاري آهي. تعلقہ اسپتال ۾ اي پي آءِ سينٽر ذريعي شهرين کي صحت جون سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن. چيئرمين چام آصف رزاق ڏاريجو چيو ته اسان جي سياست عوام لاءِ وقف آهي، ذاتي فائدن بدران گهوٽڪي واسين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ کي ترجيح ڏني آهي. ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر عبدالقدوس ميمڻ ڊي اي او پرائمري ذڪريا ڏاڏڏي فوڪل پرسن سڪندر علي لاکو سيد رضوان نادر شاهه جيلاني سيد ماجد شاهه جيلاني، چوڌري محمد آصف آرائين اسدالله لاکو رضا محمد مغل رانا مشتاق راجپوت ۽ تعليم کاتي جا ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا.

گهوٽڪي: پ پ تعلقہ گهوٽڪي جو صدر ۽ ايم سي چيئرمين چام آصف ڏاريجو اسپيشل چلڊرين اسڪول جو افتتاح بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي

اگڙا هائير سيڪنڊري اسڪول مان چوري ڪندي چور سوگهو، ڪٽڪي بعد پوليس حوالي

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ لڳ اگڙا هائير سيڪنڊري اسڪول مان رات جو چور پڪا سولر پليٽون چوري ڪري رهيو هو ته اسڪول جي چوڪيدار چور کي پڪڙي ورتو ۽ شهرين کي سڏ ڪري ورتو چوڪيدار ۽ شهرين چور سٽڪو ڏئي اگڙا پوليس حوالي ڪري ڇڏيو.

گمبٽ جي ڪچي واسي پورهيت جو چوري ٿيل ڪارگو جي واپسي لاءِ احتجاجي مظاهرو

گمبٽ (ت.ر) تعلقي گمبٽ جي ڪچي واري ٻهارو ٿاڻي جي حد مان ڪي ڏينهن اڳ ڳوٺ ڏاڳڙي جو رهواسي غريب پورهيت مزدور بلاول ڪوري جو چوري ٿيل ڪارگو واپس نه ٿيو بلاول ڪوري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪي ڏينهن گذري ويا آهن پر حد جي پوليس چوري ٿيل ڪارگو واپس نه ڪرائي سگهي آهي ۽ منهنجا ننڍڙا ٻارڙا بک جوشڪار ٿي ويا آهن بيوس مزدور انصاف جي اميد ۾ قرآن پاڪ اڳيان رکي سنڌ حڪومت ۽ حد جي پوليس ۽ اعلاءِ اختيارين کان مدد گهري آهي ۽ متاثر پورهيت مزدور آ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ميرس کان مطالبو ڪيو آهي ته منهنجو چوري ٿيل ڪارگو جلد کان جلد واپس ڪرائي موڙ غريب جي پريشاني ختم ڪئي وڃي ته جيئن روزگار ڪري پنهنجن ٻچن پيٽ پلي سگهان.

دادو ضلعي جي پيارو ڳوٺ اسٽيشن جي رهواسي جو احتجاج

جيالي عبدالرزاق ميمڻ پارٽي قيادت پاران مسلسل نظرانداز ڪرڻ خلاف دانهيو

موجوده چونڊيل نمائندن پارٽي جي سچن ورڪرن کي بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي: عبدالرزاق ميمڻ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)دادو ضلعي جي پيارو ڳوٺ اسٽيشن جي رهواسي ۽ حال ڪوٽڙي جي رهواسي جهوني جيالي عبدالرزاق ميمڻ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پارٽي قيادت پاران مسلسل نظرانداز ڪرڻ خلاف علامتي بک هڙتال ڪئي ان موقعي تي هن دانهيندي چيو ته موجوده پ پ جي ٽڪيٽ تي چونڊيل ايم پي اي ۽ ايم اين اي پارٽي جي سچن ورڪرن کي بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته آءُ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کان وٺي اڄ تائين پ پ سان وفاداري نڀائي آهي پر پاڪ ڪتاب کڻي وڃڻ باوجود سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ملاقات نه ڪئي هن چيو ته مان پ پ جو پراڻو جيالو آهيان پيپلزپارٽي کي حياتي ارپي ڇڏي ڪي اين شاهه ۾ آمر ضياءَ جي دور ۾ فائرنگ دوران زخمي ٿيس هڪ جيالو شهيد ٿي ويو هر ڏکي وقت ۾ پ پ جو ساٿ ڏنو پر قربانين باوجود اسان جي اولاد سرڪاري نوڪرين ۽ مراعتن کان آءُ محروم آهيان هن صدر پاڪستان آصف علي زرداري،پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي اپيل ڪئي ته اسان جي واهر ڪئي وڃي ۽ منهنجي اولاد کي سرڪاري نوڪري ڏئي بيروزگاري کان بچايو وڃي

ڪوٽ غلام محمد ۾ وڌندڙ چورين خلاف تعلقي بار ايسوسيئيشن پاران احتجاج

قيمتي شيون گهرن ۽ مختلف هنڌن تان چوري ٿيڻ جا واقعا وڌي رهيا آهن: قرارداد

شهرين ۾ خوف، عدم تحفظ ۽ بي وسي جي صورتحال پيدا ٿي رهي آهي

ڪوٽ غلام محمد(ن ع)ڪوٽ غلام محمد ۾ وڌندڙ چورين خلاف تعلقي بار ايسوسيئيشن جو سخت احتجاج، پوليس کان فوري قدم کڻڻ جو مطالبو تعلقي بار ايسوسيئيشن ڪوٽ غلام محمد پاران 9 سيپٽمبر 2026 ع تي ٿيل اجلاس ۾ شهر اندر امن امان جي خراب ٿيندڙ صورتحال ۽ چوري جي وڌندڙ واقعن تي سخت ڳڻتي، تشويش ۽ مذمت جو اظهار ڪيو ويو بار ايسوسيئيشن پاران جاري ڪيل قرارداد ۾ چيو ويو ته شهر اندر موٽر سائيڪلون ڪارون پاڻي جا پمپ ۽ موٽر سميت ٻيون قيمتي شيون گهرن ۽ مختلف هنڌن تان چوري ٿيڻ جا واقعا وڌي رهيا آهن. جنهن سبب شهرين ۾ خوف، عدم تحفظ ۽ بي وسي جي صورتحال پيدا ٿي رهي آهي. قرارداد ۾ چيو ويو ته شهرين جي جان، آزادي ۽ ملڪيت جي حفاظت رياست ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي بنيادي ذميواري آهي. سنجيدگي سان وٺڻ ضروري آهي تعلقہ بار ايسوسيئيشن ايس ايس پي ميرپورخاص، ايس ايڇ او ڪوٽ غلام محمد ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته وڌندڙ چورين کي روڪڻ لاءِ فوري ۽ اثرائتا قدم کنيا وڃن، خاص طور تي رات جي وقت رهائشي ۽ حساس علائقن ۾ پوليس گشت وڌايو وڃي قرارداد ۾ وڌيڪ مطالبو ڪيو ويو ته چوري ۽ ٻين ڏوهاري سرگرمين ۾ ملوث جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. جڏهن ته چوري ٿيل موٽر سائيڪلن گاڏين پاڻي جي پمپن ۽ ٻين قيمتي شين جي واپسي لاءِ فوري ڪوششون ڪيون وڃن بار ايسوسيئيشن فوجداري ڪيسن جي مناسب جاچ بروقت داخل ڪرڻ ۽ قانون موجب جلد نيڪال کي پڻ يقيني بڻائڻ جو مطالبو ڪيو ته جيئن شهرين جو قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي اعتماد بحال ٿي سگهي

ڏگهڙي: سيرتِ خاتم الانبياءِ صه ۽ عظمتِ صحابہ و اهلِ بيت ڪانفرنس جو ڏيک

ڏگهڙي ۾ سيرتِ خاتم الانبياءِ صه ۽ عظمتِ صحابہ و اهلِ بيت ڪانفرنس

عقيده ختمِ نبوت جي تحفظ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيون: مولانا شڪيل

اڄ صحابه ڪرام تي تنقيد ڪرڻ دين اسلام کي شڪي بڻائڻ جي برابر آهي: ڪانفرنس کي خطاب

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي لڳ ديهه 170 C ۾ عظيم الشان سيرت خاتم الانبياءِ صه ۽ عظمت صحابه و اهلِ بيت ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن کي مشهور عالمِ دين مولانا شڪيل الرحمان فاروقي خطاب ڪيو ڪانفرنس ۾ عالمن سڳورن عهديدارن ڪارڪنن ۽ عوام اهل سنت وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مولانا شڪيل الرحمان فاروقي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته عقيدو ختم نبوت عين ايمان آهي هن عقيدي جي تحفظ لاءِ سڀ کان پهريان خليفي اول حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ميدان ۾ آيا، ۽ اڄ اسين به عقيده ختم نبوت جي تحفظ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيون هن چيو ته صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين ۽ اهلِ بيت عظام رضوان الله عليهم اجمعينَ دينِ اسلام جون ٻه اکيون آهن انهن مان ڪنهن هڪ کان سواءِ اسلام نامڪمل آهي صحابه ڪرام دين اسلام کي کڻي سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويا، تنهن ڪري اڄ صحابه ڪرام تي تنقيد ڪرڻ دينِ اسلام کي شڪي بڻائڻ جي برابر آهي مولانا شڪيل الرحمان فاروقي مطالبو ڪيو ته تحفظ ناموس صحابه و اهل بيت بل جيڪو پارليامينٽ ۽ سينيٽ مان منظور ٿي چڪو آهي ان کي قانون جو حصو بڻائي نافذ العمل ڪيو وڃي ان موقعي تي مفتي عمر فاروق ڪراچي، ضلعي صدر قاري عبدالرشيد، مولانا نذير حيدري، قاري افتخار احمد، حافظ محمد عمير مسعود سميت ٻين عهديدارن ڪارڪنن ۽ عوام اهل سنت جي وڏي انگ ۾ موجودگي رهي ڪانفرنس دوران فضائون "صحابہ صحابہ" جي نعرن سان گونججنديون رهيون

اڏيرولال لڳ ڳوٺ نوبت مري جي گرلس پرائمري اسڪول جي عمارت زبون

بلڊنگ زبون حال بڻيل آهي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ به روز جا معمول بڻيل آهن: شاگرديائيون

واشروم جي سهولت آهي نه پيئڻ جي پاڻي جي اسڪول ۾ صرف هڪ استاد مقرر ٿيل آهي

اڏيرولال(ن ع) اڏيرولال لڳ ڳوٺ نوبت مري جي گرلس پرائمري اسڪول جي بلڊنگ زبون حال بڻيل شاگرديائين آمنہ خاصخيلي عاشاخاصخيلي ڪلثوم ڪوسو ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته اسان جي اسڪول جي بلڊنگ زبون حال بڻيل آهي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ به روز جا معمول بڻيل آهن نه اسڪول ۾ واشروم جي سهولت آهي نه پيئڻ جي پاڻي جي اسڪول ۾ صرف هڪ استاد مقرر ٿيل آهي 3 سو کان مٿي ٻارڙا تعليم حاصل ڪري رهيا آهن اسڪول بنيادي مسئلن جي ور چڙهيل آهي شڪايتن باوجود ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي اسڪولي شاگردن صوبائي وزير تعليم ۽ مٽياري ضلعي جي چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو ته جلد اسڪول جي بلڊنگ جو مرمت ڪرائي پيئڻ جي پاڻي سميت استادن جي کوٽ ختم ڪري اسڪول ۾ بنيادي سهولتون مهيا ڪري پريشاني ختم ڪئي وڃي

اڏيرولال: اسڪولي ٻارڙا بلڊنگ جي مرمت نه ڪرائڻ خلاف احتجاج ڪندي

پيٽروليم ليوي خلاف جماعت اسلامي طرفان ٽنڊي ڄام ۾ احتجاجي ڪئمپ قائم

ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري وفاقي حڪومت خلاف نعريبازي ڪئي وئي

وفاق پيٽروليم ليوي جي نالي تي عوام کان اضافي ٽيڪس وصول ڪري رهيو آهي: اڳواڻ

ٽنڊوڄام (ات ر)پيٽروليم ليوي خلاف جماعت اسلامي طرفان ملڪ گير احتجاج جي سلسلي ۾ ٽنڊوڄام جي عبدالستار ايڌي چوڪ تي احتجاجي ڪئمپ قائم ڪئي وئي جماعت اسلامي جي ڪارڪنن حافظ غيور احمد ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري وفاقي حڪومت خلاف نعريبازي ڪئي انهي موقعي تي جماعت اسلامي ٽنڊوڄام جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته وفاقي حڪومت پيٽروليم ليوي جي نالي تي عوام کان اضافي ٽيڪس وصول ڪري رهي آهي، جنهن سبب اڳ ئي مهانگائي جي ماريل عوام تي وڌيڪ معاشي بار پئجي رهيو آهي هنن ته پاڪستان ۾ پيٽروليم تي ليوي جي مد ۾ ٽيڪس وصول ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته دنيا جي ٻين ملڪن ۾ اهڙي طريقي سان ليوي لاڳو ناهي هنن چيو ته حڪومت عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ پيٽروليم ليوي ختم ڪري فوري پيٽروليم جو قيمتون گهٽ ڪري هنن اعلان ڪيو ته جيستائين سندن مطالبو تسليم نه ڪيا ويندا ، تيستائين احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو

ٽنڊوڄام: پيٽروليم ليوي خلاف جماعت اسلامي طرفان احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ملي لڳ ڳوٺ ڪپوسر جي پرائمري اسڪول ۽ مڊل اسڪول جي حالت زبون

شاگرد ڪمرن کان ٻاهر وڻن هيٺ شديد گرمي ۾ تعليم پرائڻ تي مجبور بڻيل

اسڪولن جي زبون حالت آهي، ڪنهن به وقت وڏي نقصان جو خدشو موجود آهي: ڳوٺاڻا

ڪپوسر جي اسڪولن جي بلڊنگ ۽ پرائمري اسڪول جي مرمت ڪرائي وڃي

ملي (ڊ-ر)ملي لڳ ڳوٺ ڪپوسر جي پرائمري اسڪول ۽ مڊل اسڪول جي زبون حالت، اسڪول جا ڇاپڙ ڪرڻ لڳا، نقصان ٿيڻ جو خدشو موجود، اسڪول جا ڪمرا زبون هئڻ سبب شاگرد ڪمرن کان ٻاهر وڻن هيٺ شديد گرمي ۾ تعليم پرائڻ تي مجبور بڻيل آهن. ان ڏس ۾ ڳوٺاڻن ڏاهيندي چيو ته اسان جي اسڪول جي ڪمرن جا زبون حالت بڻيل آهي، ڪنهن به وقت وڏي نقصان جو خدشو موجود آهي، شاگرد وڻن هيٺ شديد گرمي ۾ تعليم پرائڻ تي مجبور بڻيل آهن. ڳوٺاڻن وزير تعليم سيد سردار شاهه، ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ملاڻي، ايم پي اي ارباب لطف الله، سينيٽر پونجومل ڀيل، ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر ۽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر کي اپيل ڪئي آهي ته مڊل اسڪول جي بلڊنگ ۽ پرائمري اسڪول جي مرمت ڪرائي وڃي ته جيئن شاگرد بهتر نموني تعليم پرائي سگهن

ڪوٽ غلام محمد ۾ فنڪشنل جي تنظيم سازي جي حوالي سان تقريب

تعلقي ڪوٽ غلام محمد جي سٽي سميت 14 يونين ڪائونسلن جي تنظيم سازي مڪمل

ضلعي آرگنائيزر مبارڪ علي مهر پاران يوسي عهديدارن جون فائلون سندن حوالي ڪيون ويون

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل جي تنظيم سازي جي حوالي سان فائيو اسٽار هال ۾ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي جيڪا فقير سعيد الله مهر ۽ ذوالفقار قائمخاني جي اڳواڻي ۾ ٿي تقريب ۾ فنڪشنل ليگ ضلعي آرگنائيزر مبارڪ علي مهر فقير اسماعيل راڄڙ سردار فاروق لغاري، رحمان ڳاهو سميت فنڪشنل ليگ جي ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب دوران تعلقي ڪوٽ غلام محمد جي سٽي سميت 14 يونين ڪائونسلن جي تنظيم سازي مڪمل ٿيڻ تي ضلعي آرگنائيزر مبارڪ علي مهر پاران يوسي عهديدارن جون فائلون سندن حوالي ڪيون ويون ان موقعي تي خطاب ڪندي مبارڪ علي مهر چيو ته پير صاحب پاڳاري ۽ سائين صدرالدين شاهه جي حڪم تي سڄي سنڌ ۾ فنڪشنل مسلم ليگ جي تنظيم سازي لاءِ نڪتا آهيون قيادت جو خاص حڪم آهي ته پارٽي جي تنظيمي باڊين ۾ اقليتن کي به مناسب نمائندگي ڏني وڃي، ڇو ته اهي به اسان جا ڀائر آهن هن چيو ته اسان جو مقصد سڀني کي گڏ کڻي هلڻ پارٽي کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ عوام سان رابطو وڌائڻ آهي تقريب جي آخر ۾ آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا.

سول سوسائٽي آف سنڌ جي ڇهن سالن جي ڪامياب ڪارڪردگي تي تقريب

اعزازي ميمبر رئيس نظير احمد راهو جي سوسائٽي جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز سان ملاقات

مٽياري ضلعي ۾ هلندڙ مختلف عوامي ڀلائي جي منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ ورتي

سڪرنڊ (س ر) صدر مملڪت جي ويجهي ساٿي مٽياري ضلعي جي بااثر راڄائتي شخصيت ۽ سول سوسائٽي آف سنڌ جي اعزازي ميمبر رئيس نظير احمد راهو سول سوسائٽي آف سنڌ جي ڇهن سالن جي ڪامياب ڪارڪردگي ۽ عوامي ڀلائي جي منصوبن جو جائزو وٺڻ لاءِ مهراڻ پيراڊائيز پهتا ان موقعي تي رئيس نظير احمد راهو وڻڪاري مهم ۾ حصو وٺندي پنهنجي حصي جو ٻوٽو وڻ لڳايو ۽ قومي پرچم ڪشائي پڻ ڪئي بعد ۾ سول سوسائٽي آف سنڌ جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز سان ملاقات دوران قرارداد هالا ۽ هالا سميت مٽياري ضلعي ۾ هلندڙ مختلف عوامي ڀلائي جي منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ ورتي رئيس نظير احمد راهو سول سوسائٽي جي ڪوشش کي ساراهيندي يقين ڏياريو ته هو سول سوسائٽي جي جائز اجتماعي مطالبن ۽ عوامي ڀلائي جي ڪمن کي اعليٰ قيادت تائين پهچائڻ سان گڏ قيادت سان گڏيل ملاقات جو پڻ بندوبست ڪندا هن وڌيڪ چيو ته هو اعليٰ قيادت کي مهراڻ پيراڊائيز جي هن خوبصورت ۽ منفرد تفريحي هنڌ جو دورو پڻ ڪرائيندا ان موقعي تي چيئرمين سول سوسائٽي آف سنڌ سيد گلفام ڪاظمي پاران رئيس نظير احمد راهو کي سنڌي روايتي لونگي پارائي سندن اعزازي رڪنيت جي موقعي تي محبت ۽ احترام طور پورٽريٽ جو تحفو پڻ پيش ڪيو ويو آجيان واري تقريب ۾ سول سوسائٽي آف سنڌ جا جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر عبدالرشيد ميمڻ فنانس سيڪريٽري انجنيئر عنايت الله ميمڻ ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر وقار احمد انصاري، بي او ڊي ميمبرس ڊاڪٽر غلام علي ميمڻ ميان شهاب الدين پٽي انجنيئر معشوق حسين ميمڻ انجنيئر رفيق احمد ميمڻ ۽ عذير پرويز ميمڻ پڻ موجود هئا.

ٺٽي ۾ گذريل ڏينهن خوفناڪ حادثي ۾ فوت ٿي ويل 6 ڄڻن جي تدفين،هانءُ ڏاريندڙ منظر

فوت ٿي ويل 6 ڄڻن جا جنازا هڪ ئي ڳوٺ مان کڄڻ وقت هر اک آلي،اجتماعي جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد تدفين واريون رسمون ادا ڪيون ويون

عبدالحميد پنهور،صوبائي وزير رياض شاهه شيرازي،قومپرست اڳواڻ نواز شاهه پاڏائي،عبدالواحد سومرو سميت سياسي سماجي شخصيتن ۽ ڳوٺاڻن شرڪت ڪئي

خوفناڪ حادثي ۾ عورتن ۽ ٻارڙن سميت 15 کان مٿي پورهيت زخمي ٿيا هئا جن کي سول اسپتال ۾ داخل ڪري علاج ڪيو پيو وڃي

ٺٽو: گذريل ڏينهن خوفناڪ حادثي ۾ فوت ٿي ويلن جا جنازه کنيا پيا وڃن

ٺٽو(ڊ ر) گذريل ڏينهن ٺٽي لڳ پير جو ڳوٺ وٽ ٽريڪٽر ٽرالي جي بجلي جي تارن سان ٽڪرائجڻ سبب پيش آيل خوفناڪ حادثي ۾ فوت ٿي ويل 6 ڄڻن جا جنازا هڪ ئي ڳوٺ مان کڄڻ وقت هر اک آلي، ڪهرام وارو منظر ڳوٺ حاجي عيسو پنهور مان ٻن عورتن سميت فوت ٿيل 6 ڄڻن الهڏنو سڪندر حنيف مختيار فهميدان ۽ نازيه جا مڙهه تدفين لاءِ کنيا ويا ته هانءُ ڏاريندڙ منظر سامهون آيو سندن اجتماعي جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد سندن تدفين واريون رسمون ادا ڪيون ويون وڃن، سندن جنازي نماز ۾ ٺٽي جي ضلعي چيئرمين عبدالحميد پنهور صوبائي وزير رياض شاهه شيرازي قومپرست اڳواڻ نواز شاهه پاڏائي اڳوڻو ايم اين اين ڊاڪٽر عبدالواحد سومرو سميت ضلعي جي مختلف سياسي سماجي شخصيتن ۽ مقامي ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي خوفناڪ حادثي ۾ 6 ڄڻن جي اجل جو شڪار ٿيڻ واري واقعي سبب ضلعي ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانيل حادثي ۾ زخمي ٿيلن جي حالت سڌرڻ لڳي خوفناڪ حادثي ۾ عورتن ۽ ٻارڙن سميت 15 کان مٿي پورهيت زخمي ٿيا هئا جن کي سول اسپتال ٺٽو ۾ داخل ڪري سندن علاج ڪيو پيو وڃي، گذريل ڏينهن بدنصيب ميربحر برادري جو ڪٽنب پير جو ڳوٺ لڳ سارين جو لابارو ڪرڻ بعد پنهنجي اڻ ۽ ٻراڙ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ڪٺائي ڳوٺ وڃي رهيا هئا ته پير جو ڳوٺ پرسان بجاءِ بند وٽ بجلي جي لٽڪيل تارن سان ٽريڪٽر ٽرالي ٽڪرائجڻ سبب افسوسناڪ حادثو پيش آيو

پگهارون ۽ پينشن ڏيو: حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج بدستور جاري

واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 67 هين ڏينهن به حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو

گذريل 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن: مظاهرين

ماسري جو نوٽيس وٺي، 20 مهينن جون رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 67 هين ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله، محمد نديم شاهد خان،جاويد پٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيويو ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيوته 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيوته ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سموريون مراعتون وٺي رهيا آهن پر ٻين ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي هنن چيو ته اداري جي هر مهيني ڪروڙين روپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وزير بلديات کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه کانپوءِ ڪجهه عناصر سنڌ ۾ به حالتون خراب پيا ڪن: راشد محمود سومرو

ٺئين صوبي جي ڳالهه سنڌ لاءِ سينسيٽو آهي، جيڪڏهن زبردستي ڪئي ٿي وڃي ته سڄي سنڌ مان سخت ردعمل ايندو

پرڏيهي قوتون پاڪستان کي مضبوط ڪرڻ بجاءِ ان کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ عوام جي مرضي جي خلاف فيصلا آڻڻ جي سازش ۾ اڳتي آهن

وفاقي سرڪار ۾ شامل نواز ليگ سميت سڀني سياسي قومي پارٽين کي نون صوبن جي سازش کي ناڪام ڪرڻ گهرجي: ميٽ دي پريس کي خطاب

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) جمعيت العلما اسلام سنڌ جو جنرل سيڪريٽري مولانا راشد محمود سومرو ٽنڊو محمد خان جي نورالقرآن مدرسي ۾ ميٽ دي پريس کي خطاب ڪندي چيو هن چيو ته بلوچستان، خيبرپختونخواهه ۾ باهه لڳائڻ کانپوءِ ڪجهه عناصر سنڌ ۾ اهڙيون حالتون پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌي عوام جي مرضي جي خلاف نون صوبن جو راڳ آلاپي سنڌ کي ورهائڻ جي سازش سان حالتن کي خراب ڪرڻ جي سازش ۾ رڌل آهن هن وقت سنڌ مسائلستان بڻجي ويو آهي جنهن جا ذميوار موجوده حڪمران آهن هن چيو ته ٺئين صوبي جي ڳالهه سنڌ لاءِ سينسيٽو آهي جيڪڏهن زبردستي ڪئي ٿي وڃي ته ظاهر آهي ته سنڌ جي صورتحال به خيبرپختونخواهه کان مختلف نه هوندي هن چيو ته وفاق نون صوبن جو راڳ آلاپي 18هين آئيني ترميم ۾ صوبن کي مليل حق وفاق ڏانهن منتقل ڪرڻ جي سازش ڪري رهيا آهن سنڌ صوبي کي تقسيم ڪرڻ ۽ سنڌ کي حصن ۾ تقسيم ڪرڻ وارو خواب ڪڏهن به پورو ٿي نٿو سگهي، سنڌ جو عوام پنهنجي ڌرتي ماءُ جي وجود جي خلاف هر سازش کي ناڪام بڻائڻ لاءِ پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪري سگهي ٿو سنڌ کي تقسيم ڪرڻ لاءِ هر سازش جي خلاف جمعيت العلما اسلام جو موقف پوري ملڪ اندر واضح ڪيو ويو آهي ته مولانا فضل الرحمان نون صوبن جي اشو کي دفن ڪرڻ لاءِ پنهنجو موقف واضح ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته پرڏيهي ملڪ دشمن قوتون پاڪستان کي مضبوط ڪرڻ بجاءِ ان کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ عوام جي مرضي جي خلاف فيصلا آڻڻ جي سازش ۾ اڳتي آهن پرڏيهي قوتون سنڌ جي معدني وسيلن تي قابض ٿيڻ لاءِ عوام جي مرضي جي خلاف سنڌ کي ٽوڙڻ جي سازش ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهن هن چيو ته وفاقي سرڪار ۾ شامل نواز ليگ سميت سڀني سياسي قومي پارٽين کي نون صوبن جي سازش کي ناڪام ڪرڻ گهرجي سنڌ اندر پ پ جي صوبائي حڪومت جي ناقص پاليسين جي ڪري ايم ڪيو ايم کي سنڌ خلاف سازش ڪرڻ جو موقعو فراهم ٿيو آهي. گهاري جي پرسان اربين روپين جي سي پيڪ منصوبي کي سنڌ حڪومت جي نااهلي جي ڪري ناڪام بڻايو ويو آهي، چين پاڪ تعلقات بهتر ڪرڻ گهرجن پر ان جي ابتڙ حڪمرانن جي عالمي صورتحال ۾ ملڪي مفادن کي ترجيح ڏيڻ بجاءِ آمريڪي ايجنڊا طرف وڃڻ سان ملڪ کي نقصان رسندو جيڪي مفاد ملڪ ۽ قوم جي مفادن لاءِ بهتر ثابت ٿي نه سگهندا، انهي موقعي تي جمعيت العلما اسلام جو صوبائي اڳواڻ مخدوم العلما مولانا عبدالقيوم هاليجوي، مولانا ابراهيم سومرو ۽ ٻيا موجود هئا.

ٽنڊو محمد خان: علامہ راشد محمود سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي

مهراڻ ۾ آمريڪن اڪيڊمي آف انوائرنمينٽل انجنيئرس اينڊ سائنٽسٽس جي شاخ قائم

مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي قائم ٿيل شاخ جو افتتاح ڪيو

اهڙيون شاخون کلڻ سان شاگردن جي پيشور صلاحيتن ۽ تربيت ۾ بهتري ايندي: ڊاڪٽر طه حسين

ڄامشورو: مهراڻ يونيورسٽي ۾ آمريڪي اڪيڊمي آف انوائرمينٽل انجنيئرس جي شاخ جو ربن ڪاٽي افتتاح ڪندي

ڄامشورو(اپ ر) مهراڻ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف انوائرنمينٽل انجنيئرنگ اينڊ مئنجمينٽ ۾ آمريڪن اڪيڊمي آف انوائرنمينٽل انجنيئرس اينڊ سائنٽسٽس جي شاخ قائم مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي قائم ٿيل شاخ جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي چيو ته آمريڪن سوسائٽيز قائم ٿيڻ ۽ اهڙيون شاخون کلڻ سان شاگردن جي پيشور صلاحيتن ۽ تربيت ۾ بهتري ايندي، مهراڻ يونيورسٽي ۾ هن کان اڳ ڪيميڪل، سول، پيٽروليم ۽ ٻين شعبن ۾ اهڙيون سوسائٽيز قائم آهن انوائرنمينٽل انسٽيٽيوٽ جي شاگردن ۽ استادن جي ڪوشش سان قائم ٿيل هي شاخ مهراڻ يونيورسٽي جي ماحولياتي شعبي لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندي افتتاحي تقريب ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر انيل ڪمار انوائرنمينٽل انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر محمد صفر ڪورائي ۽ ڊائريڪٽر اورڪ ڊاڪٽر شيراز ميمڻ ۽ نئين ڪليل شاخ جي عهديدار شاگردن ۽ شاگرديائين شرڪت ڪئي

پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ عبدالستار ڪيريو جي سالگرهه تي تقريب جو اهتمام

سڪرنڊ (س ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ڪيريا قبيلي جي سردار انڊس پبلڪ سوشل فورم جي سرپرست سردار عبدالستار ڪيريو کي سندس سياسي سماجي خدمتن تي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ سندن جنم ڏينهن تي روحاني مرڪز درگاهه سيد پير راڄن شاهه جي چانڊ ۾ يونٽ جي صدر صدام حسين ڪيريو جي ميزباني ۽ ضلعي صدر محمد بچل ڪيريو جي صدارت هيٺ شاندار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي مهمان خاص طور شرڪت ڪئي جڏهن ته حسين بخش ڪيريو شوڪت حسين ڪيريو مجيد عباسي ولي محمد پٽي علي شير ڪيريو راجڪمار اوڊ، محمد هاشم ڪيريو ۽ نويد انجم ڪيريو پڻ شريڪ هئا جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته سردار عبدالستار ڪيريو جي شخصيت بي داغ آهي سندس ڪردار ۽ ڪم ڪيريا برادري کانسواءِ هر برادري لاءِ هڪجيترو مان رکندڙ آهي پاڻ سياست سان گڏ فلاحي ڪمن ۾ پڻ پاڻ ملهايو آهي اهوئي سبب آهي جو مختلف برادريون سندس سان محبت ڪن ٿيون ان کان اڳ ميزبان صدام حسين ڪيريو آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو پروگرام دوران ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو شاندار تقريب ۾ شاهه محمد ڪيريو عبدالستار ڪيريو قربان لکمير سائل ڪيريو خالد ڪنڀر محمدالدين مغل نويد علي سومرو نعيم شيخ نويد احمد ڪيريو فوجي شريف ڪيريو محراب عباسي جمشير ڪيريو فدا حسين ڪيريو گل شير ڪيريو ۽ محمد جمن ڪيريو سميت ڪئي شخصيتون شريڪ هيون آخر ۾ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي سردار عبدالستار ڪيريو جي صحت سالم ۽ ڊگهي ڄمار لاءِ دعا گهري

اسپارڪ پاران رابطاڪاري کي يقيني بڻائڻ لاءِ اسٽيڪ هولڊر مشاورتي اجلاس

ادارن، قانوني ماهرن ۽ سول سوسائٽي وچ ۾ مضبوط سهڪار ضروري

جبري پورهيو ڪرائڻ، قرض جي بدلي جبري پورهيو ۽ استحصال جي ٻين قسمن کي روڪڻو پوندو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)سوسائٽي فار دي پروٽيڪشن آف دي رائيٽس آف دي چائلڊ پاران سنڌ ۾ انساني اسمگلنگ خلاف اثرائتا قدم کڻڻ متاثرين جي تحفظ، قانوني مدد ۽ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ بهتر رابطاڪاري کي يقيني بڻائڻ لاءِ هڪ اهم اسٽيڪ هولڊر مشاورتي اجلاس منعقد ڪيو ويو اجلاس ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، قانوني ادارن ليگل ايڊ سوسائٽي آغا خان يونيورسٽي ليبر کاتي، چائلڊ پروٽيڪشن سوشل ويلفيئر سول سوسائٽي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي،اجلاس جو موضوع "قانون کان عمل تائين سنڌ ۾ انساني اسمگلنگ خلاف ردعمل کي مضبوط ڪرڻ" هو جنهن جو مقصد انساني اسمگلنگ بابت موجود قانونن ۽ پاليسين کي عملي سطح تي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ، متاثرين جي بروقت سڃاڻپ، تحفظ، ريفرل قانوني مدد ۽ انصاف تائين رسائي کي بهتر بڻائڻ هو اجلاس جي شروعات ۾ اسپارڪ جي نمائندي ڪاشف بجير اجلاس جي پسمنظر ٻارن جي حقن ۽ تحفظ لاءِ اداري جي خدمتن ۽ ڪاميابين تي روشني وڌي هن چيو ته ٻارن ۽ ٻين ڪمزور طبقن کي استحصال ۽ انساني اسمگلنگ کان محفوظ رکڻ لاءِ سرڪاري ادارن، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، قانوني ماهرن ۽ سول سوسائٽي وچ ۾ مضبوط سهڪار انتهائي ضروري آهي اسپارڪ جي نمائندن تسليم ۽ احسن علي سنڌ ۾ ٻارن ۽ ڪمزور طبقن کي درپيش مسئلن بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪندي خاص طور ٻارن مزدورن ۽ ڪمزور خاندانن کي درپيش خطرن ٻارن کان جبري پورهيت ڪرائڻ قرض جي بدلي جبري پورهيت ۽ استحصال جي ٻين قسمن جي باهمي لاڳاپن تي روشني وڌي هنن خاص طور سرن جي ڀٽن ۽ زرعي شعبي سان لاڳاپيل برادرين کي درپيش خطرن جو ذڪر ڪيو ليگل ايڊ سوسائٽي جي دانش احمد سومري انساني اسمگلنگ جي متاثرين کي حاصل قانوني تحفظ ۽ قانوني مدد بابت آگاهي ڏني اجلاس ۾ سنڌ پوليس ايف آءِ اي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن وچ ۾ معلومات جي بروقت مٽاسٽا، متاثرين جي سڃاڻپ، ريفرل ۽ جاچ واري عمل کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ تي پڻ زور ڏنو ويو جڏهن ته غير ضروري دير ۽ ادارن وچ ۾ ڪم جي تڪرار کان بچڻ لاءِ بهتر رابطاڪاري کي ضروري قرار ڏنو ويو

گمبٽ لڳ بوائز ايليمينٽري اسڪول نواب سولنگي ۾ جشن عيد ميلادالنبي ﷺ عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ لڳ گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول نواب سولنگي طرفان جشن عيد ميلادالنبي صہ الله عليه واله وسلم نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي ان موقعي تي اسڪول ۾ جشن عيد ميلادالنبي صہ جي شاندار تقريب ڪوٺائي وئي تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين وچ ۾ نبي اڪرم صہ جي شان ۾ نعت تقريرون ڪوئيز مقابلا اصلاحي ٽيبلوز پيش ڪيا ويا جن ۾ عليشاسولنگي ،سحانا اڄڻ محمد طيب محمد سفير عثمان سلمان سيمہ سولنگي بلقيس سولنگي ۽ ٻين شاگردن شاگرديائين ڀرپور حصو ورتو ان موقعي تي ٽي اي او پرائمري ميل ڪوڪڏيجي نذير حسين وساڻ ٽي اي او ميل سيڪنڊري ڪوڪڏيجي شهمير مهراڻي پ ٽ الف ضلعہ خيرپور جي صدر قمرعباس وساڻ پ.ٽ الف ڪوڪڏيجي عبدالجبار وساڻ سڳا اڳواڻ منظور اڄڻ هيڊ ماستر عبدالجبار سولنگي استاد امان الله منگي .شفقت وساڻ اياز حسين منگي .محسن علي سولنگي دليپ ڪمار ۽ ٻين رسول پاڪ حضرت محمد صہ جن جي سيرت طيبه ۽ سوانح حيات تي روشني وڌي آخر ۾ پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين کي ٽرافيون ۽ نقد انعام ڏنا ويا....

اسسٽنٽ ڪمشنر لطيف آباد بلڊر جي ونگار پيو وهي: سلمان غوري

مينهن جا واڙا ميرذوالفقار جي زمين تي واقع آهن، 20ورهين جو زمين مالڪ سان معاهدو ٿيل آهي

وقت کان اڳ زمين خالي ڪرائڻ جي صورت ۾ اڏاوت جو خرچ زمين مالڪ ادا ڪرڻ جو پابند آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي لطيف آباد نمبر 5 مير ڪالوني ۾ واقع مينهن جي واڙي مالڪن ايوب قريشي ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ سلمان غوري، جاويد احمد، شڪيل قريشي ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته اسسٽنٽ ڪمشنر لطيف آباد بلڊر جي ونگار وهندي اسان جا مينهن جا واڙا ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا آهن جيڪا زيادتي آهي هن چيو ته سندن مينهن جا واڙا ميرذوالفقار جي زمين تي واقع آهن جڏهن 20ورهين جو زمين مالڪ سان معاهدو ٿيل آهي وقت کان اڳ زمين خالي ڪرائڻ جي صورت ۾ اڏاوت جو خرچ زمين مالڪ ادا ڪرڻ جو پابند آهي هن چيو ته زمين مالڪ ڄاڻايل زمين حيدرآباد جي عارف بلڊر کي وڪرو ڪرڻ کان پوءِ معاهدي کان ڦري ويو آهي بلڊر ۽ زمين مالڪ اسسٽنٽ ڪمشنر لطيف آباد کي استعمال ڪندي واڙا حد دخليون ڄاڻائي ڊهرائي ۽ پڪرائي رهيا آهن هن چيوته اسسٽنٽ ڪمشنر زمين خالي ڪرڻ جو 25آگسٽ تي نوٽس جاري ڪري اسان کي 27آگسٽ تي ڏئي 29آگسٽ تي سرزمين تي ڳريون مشينون کڻي اچي واڙا ڊاهي شروع ڪري ڇڏيا آهن جيڪو عمل غيرقانوني ۽ طاقت ور ڌر جي ونگار وهڻ برابر آهي هن ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد ۽ ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته ڄاڻايل ماسري جو نوٽيس وٺي اسسٽنٽ ڪمشنر جي ناجائز ڪارروائي جلد روڪرائي تحفظ ڏنو وڃي ۽ زمين مالڪ کان معاوضو ڏياريو وڃي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 10 سيپٽمبر 2026ع

عالمي منڊيءَ ۾ تيل قيمتون ٻيهر آسمان کي ڇُهڻ لڳيون

وچ اوڀر ۾ وڌندڙ جنگي ڇڪتاڻ رڳو ان خطي جي امن ۽ سلامتي لاءِ خطرو ناهي، پر ان جا اثر هاڻي عالمي معيشت جي دروازن کي ڌوڏي رهيا آهن. جنگ جي شدت، خطي مان تيل جي فراهمي متاثر ٿيڻ جي خدشن ۽ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جاري ڇهن مهينن کان پراڻي تڪرار جي خاتمي جا امڪان گهٽجڻ سبب عالمي منڊي ۾ خام تيل جون قيمتون تيزيءَ سان وڌي رهيون آهن. برينٽ خام تيل جي قيمت 100 ڊالر في بيرل کان مٿي وڃڻ ان ڳالهه جو واضح اشارو آهي ته جنگ هاڻي رڳو ميزائلن ۽ بارود تائين محدود نه رهي آهي پر ان جا معاشي ڌڪ به سڄي دنيا محسوس ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. عالمي خبرو ادارن مطابق برينٽ خام تيل جي قيمت 2.15 ڊالر، يعني 2.2 سيڪڙو واڌ سان 100.07 ڊالر في بيرل ٿي وئي، جڏهن ته آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيئيٽ خام تيل 94.73 ڊالر في بيرل تائين پهچي ويو. برينٽ تيل جي قيمت 24 جولاءِ کان پوءِ پهريون ڀيرو 100 ڊالر جي نفسياتي حد پار ڪئي آهي. وڌيڪ ڳڻتيءَ جي ڳالهه اها آهي ته گذريل مهيني جي شروعات کان وٺي برينٽ خام تيل جي قيمت ۾ لڳ ڀڳ 25 سيڪڙو واڌ ٿي چڪي آهي. جيڪڏهن جنگ وڌيڪ پکڙجي ٿي ۽ تيل جي فراهميءَ ۾ وڏي رڪاوٽ پيدا ٿئي ٿي ته صورتحال وڌيڪ سنگين ٿي سگهي ٿي، ڇو ته دنيا جي معيشت ۾ تيل کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. ٽرانسپورٽ، صنعت، زراعت، بجلي، هوابازي ۽ روزمره جي استعمال جون بي شمار شيون تيل جي قيمت سان سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح لاڳاپيل آهن. تنهن ڪري جڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ خام تيل مهانگو ٿئي ٿو ته ان جو اثر صرف پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن تائين محدود نٿو رهي، پر خوراڪ، ڀاڙي، بجلي، ٽرانسپورٽ ۽ صنعتي شين جي قيمتن ۾ به اضافو ٿيڻ لڳي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ اڳ ئي مهانگائيءَ جو شڪار عوام لاءِ زندگي وڌيڪ ڏکي ٿي سگهي ٿي. خاص طور تي اسان جهڙن تيل درآمد ڪندڙ ملڪن لاءِ اها صورتحال وڏي چئلينج کان گهٽ ناهي. پاڪستان پنهنجي توانائيءَ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ درآمدي تيل تي گهڻو ڀاڙيندو آهي. عالمي منڊيءَ ۾ تيل جي قيمت وڌڻ سان ملڪ جي درآمدي بل ۾ اضافو ٿيندو، جنهن سان پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن تي دٻاءُ وڌندو ۽ ڪرنٽ اڪائونٽ جي صورتحال پڻ متاثر ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن عالمي سطح تي تيل جي قيمت ڊگهي عرصي تائين 100 ڊالر يا ان کان وڌيڪ رهي ته حڪومت کي پيٽروليم شين جي قيمتن بابت سخت فيصلا ڪرڻا پوندا. اهڙي واڌ جو سڀ کان وڏو بار عام ماڻهوءَ تي پوندو. پيٽرول مهانگو ٿيڻ سان رڳو موٽر سائيڪل يا ڪار هلائڻ جو خرچ نٿو وڌي، پر بس، ٽرڪ ۽ مال بردار گاڏين جا ڀاڙا به وڌن ٿا. ٽرانسپورٽ مهانگي ٿيڻ سان سبزيون، اناج، کير ۽ ٻيون روزمره جون شيون شهرن تائين پهچائڻ جو خرچ وڌي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ مارڪيٽ ۾ قيمتون وڌن ٿيون. اهڙي طرح تيل جي عالمي قيمت ۾ ٿيندڙ هر واڌ آخرڪار غريب ۽ وچولي طبقي جي گهريلو بجيٽ کي متاثر ڪري ٿي. ڊيزل مهانگو ٿيڻ سان هاريءَ جي پيداواري لاڳت وڌندي، جنهن جو اثر زرعي شين جي قيمتن تي پوندو. ڀاڻ ۽ ٻين زرعي شين جي پيداوار ۽ آمدرفت پڻ توانائيءَ جي قيمتن سان ڳنڍيل آهي. نتيجي ۾ تيل جي عالمي بحران جو هڪ اثر خوراڪ جي مهانگائي جي صورت ۾ به ظاهر ٿي سگهي ٿو. ان صورتحال جو ٻيو اهم پاسو عالمي سفارتڪاري آهي. تيل پيدا ڪندڙ خطي ۾ جنگ جي شدت وڌڻ سان وڏين عالمي طاقتن لاءِ توانائيءَ جي سلامتي هڪ وڏو مسئلو بڻجي سگهي ٿي. آمريڪا، يورپ، چين ۽ ٻين وڏين معيشتن جون پاليسيون به ان بحران کان متاثر ٿي سگهن ٿيون. جيڪڏهن تيل جي ترسيل جا اهم سامونڊي رستا غير محفوظ ٿين ٿا ته عالمي سپلاءِ چين تي سخت اثر پئجي سگهي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ صرف تيل نه پر عالمي واپار جي رفتار پڻ متاثر ٿيڻ جو خدشو موجود آهي. هن وايومنڊل ۾ عالمي برادريءَ جي ذميواري وڏي وڃي ٿي ته جنگ کي وڌيڪ پکڙجڻ کان روڪڻ لاءِ سفارتي ڪوششن کي تيز ڪرڻ ضروري آهي. طاقت جي استعمال بدران ڳالهين، سفارتڪاري ۽ عالمي قانون جي ذريعي تڪرارن جو حل ڳولڻ ئي دنيا کي هڪ وڏي معاشي بحران کان بچائي سگهي ٿو. تيل پيدا ڪندڙ ملڪن ۽ وڏين طاقتن کي به عالمي توانائيءَ جي فراهميءَ کي جنگي سياست جو هٿيار بڻائڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

وڃن مَ وينجهار، پاڻيٺ جي پرکڻا،
ڪينرَ پايو اکئين، لهن سيکنهن سار،
موتيءَ جي مزاجَ جو، قدرَ مَنجهه ڪِنار،
صرافنئون ڏار، ماڻِڪ مُلاحظو ٿِئي!

آهي وينجهار شل نه لڏين، جي موتي پرکيندڙ آهن. آهي اکين تي خوردبيني چاڙهي هر ڪنهن پاڻيٺ جي پرک ٿا لهن. موتيءَ جي نفاست جو ملهه ان جي نفيس ڪنارن تي آهي. صرافن کانسواءِ ماڻڪ کي جوکو (بي قدرائيءَ جو) آهي. (سچي انسان جو ملهه روحاني شخص سڃاڻن)

تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر

تعليمي ادارن جي تحفظ جو عالمي ڏينهن

نور سنڌي

سنڌ جي ڪنهن ويران ڳوٺ ۾ صبح ٿئي ٿي پر اسڪول جو دروازو نٿو کُلي. هڪ ماءُ پنهنجي ٻار کي ڪتاب هٿ ۾ ڏئي اسڪول موڪلڻ چاهي ٿي پر رستي ۾ غربت، خوف ۽ بي وسي بيٺل آهن. ڪنهن هنڌ اسڪول جي عمارت ٻوڏ جي زخمن هيٺ دٻيل آهي. ڪنهن هنڌ استاد جي غيرحاضري ڪلاس روم کي خاموش ڪري ڇڏيو آهي. ڪنهن هنڌ پاڻي ۽ واش روم جي کوٽ نياڻين لاءِ تعليم جا دروازا بند ڪريو ڇڏي ته ڪنهن هنڌ اسڪول جي عمارت تي بااثرن جي قبضي جو پاڇو آهي. سنڌ جو اهو ٻار، جيڪو ڪتاب ۽ اکين ۾ خواب کڻي اسڪول وڃڻ گهرجي، اڄ به ڪيترن ئي هنڌن تي پنهنجي مستقبل لاءِ بنيادي حق جي جنگ وڙهي رهيو آهي. سنڌ جو تعليمي بحران رڳو انگن اکرن جو بحران ناهي، اهو انهن خوابن جو ماتم آهي، جيڪي بند اسڪولن، غيرحاضر استادن، تباهه ٿيل عمارتن ۽ ڪمزور حڪمرانيءَ هيٺ مرن ٿا. گذريل ڏينهن تعليمي ادارن جي تحفظ جو عالمي ڏينهن هو. اهو ڏينهن جنگ، هٿياربند تڪرارن ۽ هنگامي حالتن دوران شاگردن، استادن ۽ تعليمي ادارن جي تحفظ بابت عالمي شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ اهم آهي. دنيا جي ڪيترن ئي تڪراري علائقن ۾ اسڪول بمباري، هٿياربند حملن ۽ ٻين خطرن جو نشانو بڻجن ٿا. غزه، يوڪرين، سوڊان، ميانمار ۽ ٻين علائقن جون حالتون ٻڌائين ٿيون ته اسڪول تي حملو صرف عمارت تي حملو ناهي پر اهو هڪ نسل جي مستقبل تي وار آهي. پر افسوس جو اڄ پاڪستان ۾ به چند پروگرامن کان سواءِ، هن اهم ڏينهن جي حوالي سان وڏي سطح جون سرگرميون نمايان نظر نه آيون. جڏهن ته ضرورت اها آهي ته اهو ڏينهن رڳو ڪئلينڊر جي هڪ تاريخ نٿو رهي پر ملڪ جي هر اسڪول ۾ ٻارن، استادن ۽ والدين سان گڏ تعليمي ادارن جي تحفظ بابت پروگرام منعقد ٿين ها.

تقريرون، مذاڪرا، آگاهي مهم، واڪ، هنگامي حالتن بابت مشقون ۽ شاگردن لاءِ تحفظ جا عملي سبق ڪرايا وڃن ها. وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن کان وٺي هر ڊويزن، ضلعي ۽ تعلقي سطح تائين تقريبون منعقد ڪري اهو پيغام ڏنو وڃي ها ته تعليم ۽ ان جي حفاظت قومي ترجيح آهي. خاص طور تي هر ضلعي کي پنهنجي اسڪولن جي تحفظ بابت مسئلا سامهون آڻي، حل ۽ ايندڙ سال لاءِ واضح ايڪشن پلان پيش ڪرڻ گهرجي ها. پاڪستان اهڙي دردناڪ تاريخ کان محفوظ ناهي. آرمي پبلڪ اسڪول پشاور جو سانحو ۽ سوات سميت مختلف علائقن ۾ اسڪولن تي حملا اڄ به قومي يادگيريءَ جا گهرا زخم آهن. 2026ع دوران خيبرپختونخوا ۾ تعليمي ادارن بابت سامهون آيل ڪجهه حملا به اهو سوال ٻيهر اٿارين ٿا ته عدم تحفظ تعليم جي رستي ۾ ڪيتري وڏي رڪاوٽ بڻجي سگهي ٿو پر سنڌ ۾ تعليم تي حملو هميشه بندوق يا بم سان نٿو ٿئي.

هتي غفلت، سياسي مداخلت، ڪرپشن، اسڪولن تي قبضا، ٻوڏ، غيرحاضري، غربت ۽ ڪمزور انتظاميا به تعليم تي خاموش حملا بڻجي وڃن ٿا. مختلف رپورٽن ۾ سنڌ اندر تقريبن 11 هزار غيرفعال اسڪولن بابت انگ سامهون آيو آهي، جڏهن ته 5 هزار کان وڌيڪ استادن جي نشاندهيءَ بابت پڻ رپورٽون موجود آهن. اهي انگ اکر حتمي حقيقت قرار ڏيڻ کان اڳ اسڪول وار ۽ استاد وار جسماني تصديق گهرن ٿا پر جيڪڏهن انهن دعوائن جو ڪجهه حصو به درست آهي ته صورتحال انتهائي ڳڻتيءَ جوڳي آهي. فائيل ۾ موجود پر زمين تي غيرفعال اسڪول ٻار جي مستقبل کان ٿيندڙ اهڙو نقصان آهن، جنهن جو ازالو رڳو ڪاغذي ڪارروائيءَ سان نٿو ٿي سگهي. حڪومت پاران بايوميٽرڪ حاضري، سنڌ ايجوڪيشن مينيجمينٽ انفارميشن سسٽم ۽ آءِ بي اي سکر ذريعي ميرٽ تي PST ۽ JEST استاد ڀرتي ڪيا ويا آهن. انهن قدمن جي ڪاميابيءَ جو اصل معيار اهو هجڻ گهرجي ته بند اسڪول کُلي رهيا آهن. سنڌ جي ڪچي وارن علائقن، خاص طور تي ڪشمور، ڪنڌڪوٽ، شڪارپور ۽ گهوٽڪيءَ ۾ بدامني ۽ اغوا جي خوف سبب ٻارن ۽ استادن جي تحفظ جو سوال وڌيڪ سنگين آهي. والدين جيڪڏهن ٻار کي اسڪول موڪلڻ کان ڊڄن ته تعليم جو حق عملي طور خطري ۾ آهي. اسڪولن کي مستقل سيڪيورٽي چوڪين ۾ تبديل ڪرڻ بدران اسڪولن جي چوڌاري محفوظ ماحول، محفوظ رستا، هنگامي رابطي ۽ مقامي برادريءَ جي سهڪار سان تحفظ جو نظام ناهڻ گهرجي. 2022ع جي ٻوڏ سنڌ جي تعليمي ڍانچي کي به سخت نقصان پهچايو هو. فراهم ڪيل انگن موجب 19 هزار 8 سؤ کان وڌيڪ اسڪول متاثر ۽ 7 هزار 5 سؤ کان وڌيڪ مڪمل تباهه ٿي چڪا آهن. انهن انگن اکرن جي موجوده صورتحال سرڪاري ضلعي وار ڊيٽا سان ٻيهر جانچڻ ضروري آهي پر جيڪڏهن ڪو اسڪول اڄ به بحاليءَ جو منتظر آهي ته ان اسڪول جا ٻار به پنهنجي مستقبل جي بحاليءَ جا منتظر آهن.

راند، موسيقي ۽ انسانيت جو درد...!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

چاهي قديم زماني جو رومي دور هجي يا جديد دور جي 21هين صدي راندين جا مقابلا اسان کي اهو سيکارين ٿا ته زندگيءَ ۾ ڪاميابيءَ جو تعلق عزم ۽ حوصلي سان هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪو اهڙو رانديگر جيڪو زندگيءَ جي انتهائي ڏکين حالتن کي منهن ڏئي رهيو هوندو آهي، جڏهن راند جي ميدان ۾ قدم رکندو آهي ته پنهنجي همت ۽ حوصلي سان مخالف کي شڪست ڏئي سڀني کي حيران ڪري ڇڏيندو آهي. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ موسيقيءَ جي پروگرامن ذريعي ڪاميابي حاصل ڪرڻ کانپوءِ پريم نگر دي لينڊ آف لو طرفان اسلام آباد ۾ خاص ٻارن لاءِ هڪ اهڙي منفرد راندين ۽ خيرات تي ٻڌل موسيقيءَ جي پروگرام جو اهتمام ڪيو ويو آهي، جتي راند، موسيقي ۽ انسانيت هڪ ئي مقصد لاءِ گڏ ٿي هڪ نئين تاريخ رقم ڪندا. هلندڙ هفتي 12 سيپٽمبر تي پاڪستان اسپورٽس ڪامپليڪس اسلام آباد ۾ ٿيندڙ هن يادگار تقريب ۾ اسلام آباد جي مختلف سرڪاري ۽ خانگي تعليمي ادارن، خاص ٻارن جي مرڪزن ۽ سماجي ادارن سان لاڳاپيل خاص ٻارن وچ ۾ مختلف راندين، تفريحي سرگرمين ۽ ٻين مقابلن جو اهتمام ڪيو ويندو. انهن سرگرمين جو مقصد خاص ٻارن ۾ اعتماد ۽ حوصلو پيدا ڪرڻ سان گڏ کين پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور اظهار ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ آهي. جڏهن اهي ٻار اسپورٽس ڪامپليڪس جي ميدان ۾ لهندا ته اتي موجود هر تماشائي کين داد ڏيڻ تي مجبور ٿي ويندو. انهن ٻارن مان ڪو اهڙو به هوندو، جيڪو ڏسي نه سگهندو پر سندس آواز ۾ اهڙو سُر هوندو، جيڪو دلين کي ڇُهندو. ڪو ٻار هٿن کان محروم هوندو پر پنهنجي پيرن سان اهڙي خوبصورت مصوري ڪندو جو صحتمند هٿ رکندڙ ماڻهو به حيران رهجي ويندا. انهن ۾ ڪو اهڙو ٻار به هوندو، جنهن جون ٽنگون نه هونديون پر هو ويل چيئر ريس ذريعي اڳتي وڌڻ جو حوصلو رکندو هوندو. اهڙا معصوم ٻار به موجود هوندا، جيڪي نفسياتي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ جن کي پنهنجن ئي ماڻهن اڪيلو ڇڏي ڏنو آهي پر ان جي باوجود اهي زندگيءَ سان ڪا شڪايت نٿا ڪن.

پريم نگر جي اهتمام هيٺ ٿيندڙ خيرات تي ٻڌل راندين واري تقريب جو سڀ کان دلچسپ مرحلو انعام ورهائڻ جي رنگا رنگ تقريب هوندي، جڏهن مختلف مقابلن ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ ٻارن کي انعام ڏيڻ لاءِ اسٽيج تي گهرايو ويندو. اهي خاص ٻار تاڙين جي گونج ۾ پنهنجي هٿن ۾ ٽرافيون کڻي عزم، حوصلي ۽ جدوجهد جي هڪ جيئري جاڳندي تصوير پيش ڪندا. اختتامي تقريب جي موقعي تي پريم نگر جون برانڊ سفير، صوفي موسيقيءَ جي راڻي عابده پروين ۽ استاد راحت فتح علي خان پهريون ڀيرو گڏجي اسٽيج تي لائيو پرفارمنس پيش ڪندا. اتي موجود موسيقيءَ جي شوقينن لاءِ هڪ ٻي دلچسپ ڳالهه مشهور ڳائڻو ابرار الحق هوندو، جيڪو استاد راحت فتح علي خان سان گڏ خاص پرفارمنس پيش ڪندو ۽ هڪ گيت پريم نگر جي معصومن جي نالي ڪندو. صوفي ڳائڻي عابده پروين جڏهن شاهه عبداللطيف ڀٽائي، بُلهي شاهه، بابا فريد، سلطان باهو ۽ سچل سرمست جهڙن عظيم صوفي شاعرن جو ڪلام پيش ڪندي ته سندس آواز ۾ سنڌ ڌرتيءَ جو صديون پراڻو محبت ۽ ڀائيچاري وارو پيغام گونجي اٿندو، جيڪو هر انسان کي مذهبي، لساني ۽ سماجي اختلافن کان مٿانهون ٿي محبت ۽ انسانيت بابت سوچڻ تي مجبور ڪندو.

ٻئي طرف استاد راحت فتح علي خان صوفي موسيقيءَ کي پاڪستان کان وٺي سڄي دنيا تائين پهچائڻ ۾ هڪ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي. سندس آواز محبت ۽ روحانيت جي ان عظيم روايت جي نمائندگي ڪري ٿو جيڪا اسان جي خطي جي سڃاڻپ رهي آهي. منهنجي نظر ۾ انسانيت جو درد رکندڙ اهڙن عظيم فنڪارن جو اسان جي فلاحي مشن سان گڏ بيهڻ پاڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته جيڪڏهن راند جسم جي حوصلي جي نمائندگي ڪري ٿي ته موسيقي روح سان مخاطب ٿيندي آهي. رانديون اسان کي گڏجي ڪم ڪرڻ، نظم ۽ ضبط ۽ برداشت جو سبق ڏين ٿيون. جڏهن ته صوفي ڪلام محبت، امن، رواداري، ڀائيچاري ۽ انسانيت جي جذبن کي اجاگر ڪري ٿو. جڏهن پريم نگر سان لاڳاپيل عظيم فنڪار خاص ٻارن کي داد ڏيڻ لاءِ هڪ نيڪ مقصد تحت اسٽيج تي ايندا ته اهو منظر يقيناً هڪ يادگار ۽ تاريخي لمحو بڻجي ويندو. ٿرپارڪر جي ريگستان ۾ 150 ايڪڙن تي پکڙيل پريم نگر دي لينڊ آف لو هڪ اهڙي مثالي فلاحي ڳوٺ جي قيام جي مخلصاڻي ڪوشش آهي، جتي خاص ٻارن، يتيم ٻارن، بي سهارا عورتن، بزرگ شهرين، معذور ماڻهن ۽ ٻين محروم طبقن لاءِ تعليم، صحت، بحالي، رهائش ۽ هنر سکڻ جا موقعا پيدا ڪيا پيا وڃن. تنهن هوندي به اهڙا منصوبا رڳو خوابن سان مڪمل نٿا ٿين پر انهن کي قائم رکڻ ۽ اڳتي وڌائڻ لاءِ وڏي پئماني تي وسيلا، سهڪار ۽ گڏيل ذميواري گهربل هوندي آهي. مون موسيقي ۽ راندين کي فلاحي خدمت سان ان ئي سوچ تحت ڳنڍيو آهي ته جيئن اسلام آباد جا ماڻهو هڪ خوبصورت ۽ يادگار تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ سان گڏ ڪنهن ضرورتمند جي زندگيءَ ۾ به مثبت تبديلي آڻڻ جو سبب بڻجن.

اوهان جي مدد فلاحي منصوبي کي اڳتي وڌائي سگهي ٿي. اوهان جو ڏنل عطيو ڪنهن ٻار لاءِ تعليم جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو. اوهان جو سهڪار ڪنهن مستحق فرد لاءِ سهارو بڻجي سگهي ٿو ۽ اوهان طرفان خريد ڪيل هڪ ٽڪيٽ ڪنهن ٻار جي چهري تي مرڪ آڻي سگهي ٿي. مان اسلام آباد، راولپنڊي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کي خاص اپيل ٿو ڪريان ته 12 سيپٽمبر تي "پاڪستان اسپورٽس ڪامپليڪس" ۾ خاص ٻارن جي راندين جي مقابلن ۾ دل کولي کين داد ڏين. ٻارن جي حوصلا افزائيءَ لاءِ اوهان جو داد، مرڪ ۽ هڪ لمحي جو ڌيان به انهن معصومن کي خوشيون ڏئي سگهي ٿو. اچو ته پريم نگر جي هن خواب کي پورو ڪرڻ ۾ منهنجو ساٿ ڏيو ته ڪو به ٻار پنهنجي محروميءَ سبب پوئتي نه رهجي وڃي، ڪو به انسان بي سهارو نه هجي ۽ معاشرو ڪنهن به فرد کي سندس ڪمزوريءَ جي بنياد تي اڪيلو نه ڇڏي. اسان کي اهو ثابت ڪرڻو آهي ته ڪنهن به جسماني يا ذهني ڪمزوريءَ سان انسان جون صلاحيتون ختم نٿيون ٿين. خاص ٻارن جي ڪاميابين جون ڪهاڻيون اسان جي معاشري ۾ پکڙيل انهن بي شمار انسانن کي اڳتي وڌڻ جو حوصلو ڏينديون، جن کي اسين حالتن جي جبر سان وڙهڻ لاءِ اڪيلو ڇڏي ڏيندا آهيون. مون کي يقين آهي ته 12 سيپٽمبر تي اسلام آباد ۾ راندين جي ميدان ۾ حوصلو، اسٽيج تي موسيقي ۽ دل ۾ انسانيت جو درد، معاشري ۾ مثبت تبديلي آڻڻ جو هڪ وڏو محرڪ بڻجي ويندو.

نيپال سانحو: پاڪستان لاءِ ڳڻتيءَ جوڳو لمحو!

اشتياق بيگ

نيپال کي هماليه جي ڌرتي ۽ برف سان ڍڪيل جبلن جو ملڪ چيو وڃي ٿو پر ان جي اها ئي جاگرافيائي جوڙجڪ ان کي قدرتي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ وڌيڪ حساس بڻائي ٿي نيپال ۾ گذريل ڏينهن آيل خوفناڪ ٻوڏ دنيا کي اهو پيغام ڏنو آهي ته موسمياتي تبديلي، گليشيئرن جي تيزيءَ سان ڳرڻ ۽ قدرتي آفتن جي وڌندڙ خطرن کان پاڪستان سميت دنيا جا ڪيترائي ملڪ محفوظ نه آهن. 26 آگسٽ تي صبح سوير نيپال ۽ چين جي تبت واري سرحدي علائقي ۾ ماڻهو اڃا ننڊ مان به نه جاڳيا هئا ته گليشيئر جو هڪ وڏو حصو هزارين ميٽر هيٺ موجود هڪ ڍنڍ ۾ ڪِري پيو. برفاني ٽڪريءَ جي ڪِرڻ ۽ زمين سان ٽڪرائجڻ جي شدت ايتري ته تيز هئي جو ان جي نتيجي ۾ 5.2 شدت جو زلزلو رڪارڊ ڪيو ويو. ان سان ٻوڏ جي پاڻيءَ جي اهڙي زوردار لهر پيدا ٿي، جنهن ماڻهن کي محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ٿيڻ جو موقعو ئي نه ڏنو. ٻوڏ جي ان وهڪري ۾ ايندڙ وادين، بجليءَ جي منصوبن، روڊن ۽ پُلن کي تباهيءَ سان منهن ڏيڻو پيو. هن خوفناڪ تباهيءَ جي نتيجي ۾ نيپال ۽ چين ۾ هينئر تائين 14 سؤ کان وڌيڪ ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن، جڏهن ته 5 هزار کان وڌيڪ نيپالي ۽ چيني شهرين سان گڏ سوين پرڏيهي سياح به گُم آهن.

نيپال جي تازي تباهي هڪ ڀيرو ٻيهر دنيا جو ڌيان موسمياتي تبديليءَ جهڙن اهم مسئلن ڏانهن ڇڪايو آهي ۽ هن سانحي جو سبب هماليه جي علائقي ۾ وڌندڙ گرمي پد کي قرار ڏنو پيو وڃي. ماحولياتي ماهرن موجب گرم ٿيندڙ فضا گليشيئرن جي ڳرڻ، برفاني ذخيرن ۾ تبديلي ۽ وڏن جبلن وارن علائقن ۾ مستقل طور جميل گليشيئرن کي ڪمزور ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. ان جي نتيجي ۾ اهي پٿر ۽ برفاني ڍانچا، جيڪي صدين کان نسبتاً مضبوط ۽ مستحڪم رهيا آهن هاڻي آهستي آهستي غير مستحڪم ٿيندا پيا وڃن. نيپال ۾ آيل ٻوڏ ان ڪري به غير معمولي هئي، ڇاڪاڻ ته روايتي طور ٻوڏ عام طور تي برساتن ۽ دريائن ۾ چاڙهه اچڻ سبب اينديون آهن. جڏهن ته نيپال ۾ آيل هن ٻوڏ جو بنيادي سبب گليشيئر ۽ جبل جي پٿرن جو اوچتو ڪِري پوڻ هو. هن ٻوڏ سبب ٿيندڙ معاشي نقصان جو ڪاٿو 5 ارب ڊالر کان وڌيڪ لڳايو ويو آهي، جيڪو نيپال جي مجموعي معيشت جو لڳ ڀڳ 10 سيڪڙو بڻجي ٿو. ٻوڏ جي اها تباهي رڳو نيپال جو مسئلو ناهي پر خطي جي ٻين ملڪن لاءِ به ڳڻتيءَ جو سبب آهي نيپال وانگر پاڪستان جو به عالمي سطح تي گرين هائوس گئسن جي خارج ڪرڻ جو حصو تمام گهٽ آهي پر هماليه جو اهو علائقو موسمياتي تبديليءَ جي اثرن جو هڪ اهم مرڪز بڻجي رهيو آهي. ان ڪري گرين هائوس گئسن جو گهٽ خارج ڪندڙ ملڪ به موسمياتي تبديليءَ جي انهن اثرن کي منهن ڏئي رهيا آهن، جن جي ذميواري وڏي حد تائين عالمي سطح تي گرين هائوس گئسن جي وڌندڙ خارج سان لاڳاپيل آهي.

اهڙي صورتحال ۾ جڏهن پاڪستان جا اترين علائقا، خاص طور تي گلگت بلتستان ۽ خيبر پختونخوا جا جابلو علائقا تيزيءَ سان سياحت، واپار ۽ تعميراتي سرگرمين جو مرڪز بڻجي رهيا آهن ۽ وڏي انگ ۾ ملڪي توڙي پرڏيهي سياح انهن علائقن جو رُخ ڪري رهيا آهن، جيڪو يقيناً ملڪ لاءِ هڪ بهترين معاشي موقعو آهي. پر جيڪڏهن هن معاشي ترقيءَ جو بنياد موسمياتي ۽ جاگرافيائي خطرن کي نظرانداز ڪيو ويو ته اها ئي خوبصورتي ۽ معاشي سرگرمي مستقبل ۾ وڏن انساني المين جو سبب بڻجي سگهي ٿي. ايندڙ سالن ۾ معاشي طور ڪامياب ملڪ اهو نه هوندو، جنهن پنهنجي جابلو علائقن ۾ سڀ کان وڌيڪ روڊ، هوٽلون ۽ عمارتون تعمير ڪري سياحت کي هٿي ڏني هجي پر معاشي طور ڪامياب اهو ملڪ هوندو، جنهن پنهنجي سياحتي ماڳن کي محفوظ بڻايو هجي. پاڪستان کي گهرجي ته هو پنهنجي اترين علائقن جي ترقيءَ واري ماڊل تي نئين سِر غور ڪري ۽ اهڙو ماڊل اختيار ڪري، جنهن ۾ سياحت، واپار ۽ روزگار وڌائڻ سان گڏ انساني جانين جي تحفظ کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏني وڃي. ترقي ضرور ٿيڻ گهرجي، سياحت کي به هٿي ملڻ گهرجي پر اها ترقي اهڙي هجي، جيڪا ماڻهن جي زندگين کي خطري ۾ وجهڻ بدران انهن لاءِ محفوظ مستقبل جي ضمانت بڻجي.

ڪشمير جي نقشي سان ڀارت جي ڇيڙڇاڙ



سلمان غني

ڀارت شروع کان ئي ڪشمير جي سياسي، جاگرافيائي ۽ تاريخي اهميت کي مڃڻ کان انڪار ڪندو رهيو آهي ۽ ضد ڪري ڪشمير کي پنهنجو اٽوٽ حصو قرار ڏيندو رهيو آهي پر ڪشمير جي هڪ وڏي حقيقت اِها آهي، جنهن کي ڀارت ڪيترو به لِڪائڻ جي ڪوشش ڪري، ان کي رد نٿو ڪري سگهجي ته ڪشميري عوام ڀارتي قبضي کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ڀارت ڪشمير تي پنهنجو قبضو برقرار رکڻ لاءِ اتي لکين فوجي مقرر ڪري رکيا آهن پر اُن باوجود ڪشميرين جي دلين ۾ ڀارت لاءِ محبت بدران ڪاوڙ ۽ نفرت موجود آهي ڀارت ڀاران ڪشمير جي خاص حيثيت ختم ڪرڻ باوجود اڄ به ڪشمير بابت گڏيل قومن جون قراردادون ان جي ايجنڊا تي موجود آهن عالمي ميڊيا به ڪشمير جي مسئلي کي ڏکڻ ايشيا جو هڪ انتهائي حساس ۽ خطرناڪ مسئلو قرار ڏئي ٿي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان ۽ ڀارت ٻئي ايٽمي ملڪ آهن ان باوجود ڀارت اڄ تائين عالمي برادري کي اِهو يقين ڏيارڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو آهي ته ڪشمير تي سندس قبضو جائز ۽ قابلِ قبول آهي. تازو ئي ڀارتي پرڏيهي وزارت جي ترجمان رنڌير جيسوال پنهنجي هڪ بيان ۾ ڪشمير کي ڀارت جو حصو قرار ڏيندي چيو ته 4 سيپٽمبر 2026ع تي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ ۾ هڪ قرارداد منظور ٿيڻ کانپوءِ ڪشمير بابت صحيح نقشو سامهون آيو آهي. سندس چوڻ هو ته اُن قرارداد جو مقصد اهڙا نقشا استعمال ڪرڻ جي همت افزائي ڪرڻ آهي جن ۾ دنيا جي مختلف زميني علائقن جو اصل ۽ هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ صحيح رقبو برقرار رهي. ڀارتي ترجمان وڌيڪ چيو ته اُن قرارداد ۾ ڪنهن خاص قسم جي نقشي يا ڪنهن ملڪ جي سرحدن کي صحيح قرار ڏيڻ جي ڳالهه ناهي ڪئي وئي. پاڪستان جي پرڏيهي وزارت ڀارتي بيان جو بروقت نوٽيس وٺندي واضح ڪيو ته ڀارت جا هڪ طرفا قدم ۽ جموں ۽ ڪشمير تي سندس مسلسل غيرقانوني قبضي سان ڪشمير جي عالمي سطح تي تسليم ٿيل تڪراري حيثيت تبديل نٿي ٿي سگهي. پاڪستاني ترجمان چيو ته گڏيل قومن جا سرڪاري نقشا، جن ۾ جموں ۽ ڪشمير کي تڪراري علائقو ڏيکاريو ويو آهي، هن خطي جي موجوده قانوني حيثيت کي ظاهر ڪندڙ صحيح نقشا آهن ان ڪري ڀارت طرفان ناهيل نام نهاد سرڪاري نقشا يا ڪشمير تي پنهنجي مرضيءَ سان خودمختياري جون دعوائون ڪرڻ سان هن تڪراري علائقي جي حيثيت تي ڪو به فرق نٿو پوي. پاڪستاني پرڏيهي وزارت جي ترجمان وڌيڪ چيو ته جموں ۽ ڪشمير جو مسئلو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ايجنڊا تي موجود سڀ کان پراڻن حل طلب ۽ عالمي سطح تي تسليم ٿيل تڪرارن مان هڪ آهي هن مسئلي جو آخري فيصلو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي مرضيءَ مطابق ٿيڻ گهرجي. ڪشميري عوام جي اها مرضي گڏيل قومن جي نگراني هيٺ آزاد ۽ غيرجانبدار راءِ شماري ذريعي معلوم ٿيڻ گهرجي پاڪستان جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان پنهنجي بيان ۾ ڪشمير جي مسئلي جي اهميت، ان جي تڪراري حيثيت ۽ گڏيل قومن جي موقف ۽ ڪردار کي واضح ڪري ڇڏيو آهي پر اصل سوال اِهو آهي ته آخر ڀارت ڪشمير جهڙي عالمي سطح تي تسليم ٿيل تڪرار بابت مونجهارو پيدا ڪرڻ ۽ تاريخ کي پنهنجي مرضيءَ مطابق پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڇو ڪري رهيو آهي؟ ۽ ڇا ڀارت جون اهڙيون ڪوششون واقعي ڪامياب ٿي سگهنديون؟

ڪشمير جي مسئلي کي غور سان ڏسجي ته هن مسئلي جون بنيادي طور تي چار ڌريون آهن؛ پاڪستان، ڀارت، ڪشميري عوام ۽ گڏيل قومن جو ادارو (اقوام متحده). اُن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته ڪشمير جو مسئلو رڳو ڀارت جو اندروني مسئلو ناهي ۽ نه ئي اِهو صرف پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ سرحدي تڪرار آهي. اصل ۾ هيءُ مسئلو ڪشميري عوام جي مستقبل سان لاڳاپيل آهي. گڏيل قومن جي قراردادن موجب ڪشمير جي عوام کي پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو حق حاصل آهي ۽ اِهو فيصلو عالمي نگراني هيٺ راءِ شماري ذريعي ٿيڻ گهرجي، يعني ڪشميري عوام پاڻ فيصلو ڪن ته هُو پاڪستان سان گڏ رهڻ چاهين ٿا يا ڀارت سان. ڀارت جي ڪوشش رهي آهي ته ڪشمير جي مسئلي کي وڌيڪ پيچيده بڻايو وڃي ۽ اصل حقيقتن کي لِڪائي يا انهن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق پيش ڪيو وڃي پر هن مسئلي جو قانوني، سياسي ۽ اخلاقي حل ڪشميرين جي راءِ معلوم ڪرڻ کانسواءِ ممڪن ناهي. ڪشمير جي جاگرافيائي حيثيت به اِها ناهي ته اُهو ڀارت جو حصو آهي، پر اِهو هڪ تڪراري علائقو آهي، جنهن جي مستقبل جو فيصلو ڪشميري عوام جي پنهنجي مرضي ۽ خودمختياري جي حق تحت ٿيڻ گهرجي. گڏيل قومن جون قراردادون ۽ ڪشمير جي خاص علائقائي حيثيت واضح ڪن ٿيون ته اِهو هڪ تڪراري علائقو آهي. ڀارت جيڪڏهن طاقت جي زور تي ڪشمير تي پنهنجو قبضو برقرار رکڻ بدران اتي جي ماڻهن جي خواهشن تي به غور ڪري ها ته شايد صورتحال مختلف هجي ها. اڄ ڪشمير جا ڪيترائي ماڻهو ڀارت جي حڪمراني ۽ اتي مقرر ڪيل فوجن جي سخت مخالفت ڪن ٿا ۽ پنهنجي لاءِ ڀارت کان آزاديءَ کي ئي بهتر مستقبل جو رستو سمجهن ٿا. ڇا ڀارت کي اِهو سوچڻ نه گهرجي ته ڪشمير بابت سندس موجوده پاليسين سبب اِهو مسئلو اڄ به حل ٿيڻ بدران وڌيڪ پيچيده بڻجي رهيو آهي؟

والاريل ڪشمير ۾ جمهوري ادارن ۽ بار بار ٿيندڙ چونڊن واري عمل کي مداخلت ۽ ڌانڌلي ذريعي تباهه ڪيو ويو آهي. دهلي سرڪار اِهو مڃڻ لاءِ تيار ناهي ته ڪشمير ۾ سندس مرضيءَ جي حڪومت کانسواءِ ڪا ٻي حڪومت به اقتدار ۾ اچي سگهي ٿي. دهليءَ جي حڪمرانن ڪشمير جي عوام جي خواهشن ۽ مرضيءَ جو ڪڏهن به احترام ناهي ڪيو. ڪشمير کي زبردستي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ ۽ اتي وڏي انگ ۾ فوج مقرر ڪرڻ جو خرچ به هاڻي ڀارت جي خزاني تي بار بڻجي رهيو آهي. ڀارت ڪشمير جي خاص حيثيت ختم ڪرڻ باوجود اتي جي صورتحال کان خوفزده آهي. کيس چڱيءَ ريت خبر آهي ته جڏهن به ڪشميرين کي پنهنجي مرضيءَ جو فيصلو ڪرڻ جو موقعو مليو ته هُو ڀارتي قبضي مان آزاديءَ بابت ضرور سوچيندا. اِهو ئي خوف ڀارت کي ڪشمير بابت هر وقت نوان حربا استعمال ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿو. ٻئي طرف، علائقائي صورتحال ۾ پاڪستان جو وڌندڙ ڪردار به ڀارتي قيادت لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب بڻيل آهي. جڏهن آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگبندي ڪرائڻ ۾ پاڪستان جي سفارتي ۽ ثالثي واري ڪردار کي سڄي دنيا ساراهيندي نظر اچي ٿي ته ڀارت کي اِهو خوف پيدا ٿئي ٿو ته پاڪستان ڪنهن نه ڪنهن مرحلي تي ڪشمير جي مسئلي بابت پنهنجي ذميواري ۽ وابستگي ٻيهر ڀرپور نموني اڳتي وڌائيندو ۽ پوءِ ڀارت لاءِ اُن چئلينج کي منهن ڏيڻ آسان نه هوندو. علائقائي سياست جي حوالي سان چين به پاڪستان کي اِهو مشورو ڏيندي نظر اچي ٿو ته هاڻي وقت اچي ويو آهي ته ڪشمير مسئلي جو ڪو مستقل ۽ انصاف تي ٻڌل حل ڳوليو وڃي، جيئن هن خطي ۾ امن ۽ استحڪام قائم ٿي سگهي. حقيقت اِها آهي ته ڪشمير جو مسئلو هن خطي لاءِ هڪ وڏو ايٽمي خطرو بڻيل آهي. جيستائين اِهو مسئلو حل نه ٿيندو، تيستائين ڏکڻ ايشيا ۾ مڪمل امن ۽ استحڪام جي ضمانت نٿي ڏئي سگهجي. اِهو خطي جو سڀ کان وڏو سياسي مسئلو آهي ۽ ان جو حل ڳالهين ذريعي ئي ڪڍڻ گهرجي، جنهن لاءِ گڏيل قومن جون اهم قراردادون پڻ موجود آهن. جيستائين ڪشمير جو مسئلو حل نه ٿيندو، تيستائين ڀارت مختلف حربن ذريعي ڪشمير جي تڪراري حيثيت کي متاثر ڪرڻ جون ڪوششون ڪندو رهندو، ڇاڪاڻ ته ڪشمير بابت ڀارت وٽ ڪو مضبوط سياسي دليل موجود ناهي ۽ هو پاڪستان سان ڳالهين جي ميز تي ويهي مسئلو حل ڪرڻ کان به پاسو ڪندو رهيو آهي.

اڄوڪو ڏينهن ..... 10 سيپٽمبر



مختيار اثر

شيرين فيروز نانا

هن نامور ليکڪ ۽ سگهڙ خاتون جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1915ع ۾ خيرپور ميرس ۾ ٿيو. پاڻ نادر بيگ مرزا جي نياڻي ۽ شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ جي پوٽي هئي. هن ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان گهر ۾ حاصل ڪئي. شاديءَ کانپوءِ پنهنجي گهر واري جسٽس فيروز نانا به کيس وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. هن کي ڪيترين ئي ٻولين تي عبور حاصل هو جن ۾ سنڌي، فارسي، انگريزي، فرينچ، اطالوي، جرمن ۽ ترڪي ٻوليون شامل آهن. روسي ٻوليءَ جي به سٺي ڄاڻ حاصل هئس. هن کي ڪتابن سان گڏ سنڌ جي ڀرت، زيورن، هٿ جي هنرن ۽ ثقافتي شين سان پيار هوندو هو. پاڻ پنهنجي گهر ۾ سنڌ جي ڀهراڙين سان واسطو رکندڙ سگهڙ عورتن جون وقت بوقت گڏجاڻيون ڪرائيندي هئي ۽ کانئن هٿ جي هنرن بابت ڄاڻ حاصل ڪندي هئي. هوءَ هڪ بهترين ليکڪا پڻ هئي. سندس لکيل ڪتابن ۾ "سنڌي ايمبرائڊري" ۽ "ليٽرس ٽو ايملي" شامل آهن. هن 3 جنوري 1996ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو. کيس حيدرآباد جي ٽنڊي ٺوڙهي واري قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

محمد اڪرم اوڍاٿو

محمد اڪرم اوڍاٿو شڪارپور ضلعي جو صوفي شاعر هو. هن جو جنم 10 سيپٽمبر 1920ع تي ماڙي ڳوٺ ۾ ٿيو. غربت سبب فقط چار درجا سنڌي پڙهيو، وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو. ڪچڙي جوانيءَ ۾ ئي روزگار جي تلاش ۾ ڳوٺ ڇڏي سکر ۾ وڃي رهيو ۽ پوءِ اتان جو ٿي ويو. جيتوڻيڪ هو گهٽ پڙهيل هو پر بيدل ۽ سچل سائينءَ جي شاعريءَ جي چڱي ڄاڻ حاصل هئس. ادبي ڪتاب پڙهڻ جو به شوقين هو. هو پاڻ به هڪ سٺو شاعر هو. سندس شاعريءَ ۾ بيت ۽ ڪافيون وغيره شامل آهن. جن تي صوفي رنگ نمايان نظر اچي ٿو. هن 14 آڪٽوبر 1983ع تي پنهنجي زندگيءَ جو سفر پورو ڪيو.

تاج تڪڙائي

سنڌ جي هن قادرالڪلام شاعر جو جنم 10 سيپٽمبر 1938ع تي ٽنڊي محمد خان ضلعي جي تاريخي ڳوٺ تڪڙ ۾ ٿيو. سندس والد محمد خان غني به ناليوارو شاعر هو. تاج تڪڙائيءَ جو اصل نالو محمد دائود ميمڻ هو. هن 1956ع ۾ مئٽرڪ ۽ 1961ع ۾ اديب سنڌيءَ جو امتحان پاس ڪيو. اڳتي هلي 1975ع ۾ بي اي جي سند حاصل ڪيائين. هن 1957ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي تلڪ چاڙهيءَ واري ڪتاب گهر ۾ نوڪري ڪئي، ان بعد ڪراچي سٽي ڪورٽ ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو. ٽن سالن کان پوءِ اها نوڪري ڇڏي بئراج کاتي ۾ ملازمت ڪيائين ۽ انهيءَ ئي کاتي مان رٽائر ٿيو. هڪ علمي ۽ ادبي خاندان سان واسطو هجڻ سبب هن ڏهن سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ ئي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. شروع ۾ "دائود" ۽ بعد ۾ "تاج" تخلص استعمال ڪيائين. جيتوڻيڪ غزل سندس پسنديده صنف هئي پر گڏوگڏ نظم، ڪافي، نعت، مرثيو، رباعي، گيت، ترائيل، مولود ۽ ٻين صنفن تي به طبع آزمائي ڪيائين. سندس شاعريءَ جا ٻه مجموعا "زندگي آهي سفر" ۽ "طوفانن ۾ ٻيڙو ترندو" ڏينهن جي روشني ڏسي چڪا آهن. سنڌ جي هن برک شاعر 24 آگسٽ 2022ع تي هن فاني دنيا مان موڪلايو.

پروفيسر برڪت علي ڪريمي ابڙو



هن ناليواري علمي ۽ ادبي شخصيت جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1947ع ۾ سنڌ جي تاريخي شهر نصرپور ۾ ٿيو. هن مئٽرڪ تائين تعليم پنهنجي شهر نصرپور مان حاصل ڪئي. ان بعد اعليٰ تعليم حاصل ڪري بي اي، بي ايڊ ۽ ايم اي (مسلم هسٽري) جون سندون حاصل ڪيائين. کيس قرآن شريف جي ياد حافظ هئڻ جي به سعادت نصيب ٿي. پاڻ پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪئي. ان بعد هاءِ اسڪول جو استاد مقرر ٿيو. 1975ع ۾ تعليم کاتي ۾ مسلم هسٽريءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ 2007ع ۾ پروفيسر طور رٽائر ٿيو. رٽائر ٿيڻ وقت پاڻ ايس ايم ڪاليج ٽنڊي الهيار جي پرنسپال طور ڪم ڪري رهيو هو. رٽائر ٿيڻ کانپوءِ پنهنجي شهر نصرپور ۾ ٻارن کي قرآن شريف پڙهائيندو هو. پروفيسر برڪت علي تعليم سان گڏ ادبي ۽ سماجي سرگرمين ۾ هميشه اڳڀرو رهيو. پاڻ پنهنجي هم خيال دوستن ۽ شاگردن سان ملي نصرپور ۾ "مصري شاهه لائبريري" قائم ڪئي ۽ انهيءَ لائبريريءَ جي جنرل سيڪريٽريءَ طور خدمتون سرانجام ڏنائين. هو ادبي تنظيم "بزم صادق" ۽ سماجي ڪلب "مهراڻ ڪلب" جو سرگرم ڪارڪن هو. هن جي ئي ڪوشش سان نصرپور ۾ ٻارڙن جي تنظيم "گلن جهڙا ٻارڙا" جي شاخ کلي. پاڻ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن سان پڻ لاڳاپيل رهيو. هن "الخادم مدني" نالي سان هڪ اشاعت گهر کولي ڪيترائي ڪتاب ڇپرايا. پاڻ هڪ بلند پائي جو ليکڪ ۽ شاعر به هو. سندس ڪتابن ۾ "جميعت العلماءِ هند جو نصب العين"، "انڊين يونين ۽ مسلمانن جو آئيندو"، "حسين رضه ۽ يزيد" ۽ "شيخ الاسلام سيد حسن احمد مدني- حيات" شامل آهن.

تاج محمد هاليپوٽو

تاج محمد هاليپوٽو عمرڪوٽ ضلعي جو مشهور سگهڙ ۽ لوڪ ادب جو ماهر هو. هن جو جنم 10 سيپٽمبر 1956ع تي پراڻي شادي پلي، تعلقي پٿوري ضلعي عمرڪوٽ ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان شاهه ولي الله هاءِ اسڪول ميرپورخاص مان پاس ڪيو. هن 14 ورهين جي ننڍڙي ڄمار ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. لوڪ ادب ۽ شاعريءَ جي بنيادي ڄاڻ پنهنجي ناني حاجي علي محمد هاليپوٽي کان حاصل ڪيائين. شاعريءَ ۾ معمور يوسفاڻيءَ پڻ سندس رهنمائي ڪئي. تاج محمد هاليپوٽي جي شاعريءَ ۾ غزل، ڪافيون، نظم، گيت، سينگار بيت ۽ ڏور بيت وغيره شامل آهن. هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان نشر ٿيندڙ لوڪ ادب جي پروگرامن ۾ ڪيترائي ڀيرا شرڪت ڪئي. پاڻ ايف-ايم 88 ميرپورخاص تي "سرها هون سنگهار" نالي لوڪ ادب جي هفتيوار پروگرام جي ميزباني پڻ ڪئي. سندس ذاتي لائبريريءَ ۾ لوڪ ادب ۽ سنڌ جي ثقافت ۽ تاريخ سان واسطو رکندڙ ناياب ڪتابن جو وڏو ذخيرو موجود هو. سندس اوطاق تي سگهڙن جون محفلون متل هونديون هيون. هن پهرين نومبر 2023ع تي وفات ڪئي.

رحيم بخش مهر خادم

هن ناليواري شاعر ۽ نثر نويس 10 سيپٽمبر 1965ع تي ڳوٺ جيئُو مهر تعلقي لکي ضلعي شڪارپور ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو. سندس والد جو نالو محمد شعبان مهر هو. هن پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول الهداد جاگيراڻيءَ مان حاصل ڪئي. ڇهين کان اٺين ڪلاس تائين گورنمينٽ مڊل اسڪول لکيءَ ۾ پڙهيو. مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ جا امتحان شڪارپور مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين. هن ساڳيءَ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ چيئرمين طور ڪم ڪيو. هن جي شاعري ۽ مضمون سنڌ جي ساک وارن ادبي رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻجندا رهيا آهن. سندس ڪتابن ۾ "عالمي معلومات"، "معجزات محمدي" ۽ "منهنجي من ۾ ڪوئي سپنو" (شاعري) شامل آهن.

گل خاصخيلي

هن نامور شاعر ۽ ليکڪ جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1970ع ۾ ڳوٺ الهڏني خاصخيلي ضلعي سجاول ۾ ٿيو. هن جو پورو نالو گل حسن خاصخيلي ۽ والد جو نالو الهرکيو خاصخيلي آهي. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول ارباب خدا بخش ميمڻ مان حاصل ڪئي، جڏهن ته مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپور بٺوري مان پاس ڪيو. هن 1994ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٺٽي مان گريجوئيشن ڪئي ۽ 1989ع ۾ پرائمري اسڪول جو استاد مقرر ٿيو. 1990ع ڌاري هڪ شاعر طور ادبي دنيا ۾ پير پاتائين. هن جي شاعريءَ ۾ وايون، بيت، ڪافيون، هائيڪا، ٽيڙو، گيت، غزل ۽ نثري نظم شامل آهن. هن جا ترتيب ڏنل ٻه ڪتاب "پسي تنهنجي تجلي" ۽ "غزل جي سرهاڻ" ڇپجي چڪا آهن. هو سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ۽ سنڌي ادبي سنگت جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو آهي ۽ ڊڙي مان شايع ٿيندڙ سرهاڻ مئگزين جو سب ايڊيٽر پڻ رهيو.

نياز حسين شيخ



اتر سنڌ جي هن پهلوڙ شاعر اڄوڪي ڏينهن تي 1970ع ۾ شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ ڏڙي شيخ ۾ اکيون کوليون. هن ايم اي، ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيون ۽ پرائمري اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگي شروع ڪئي. 1983ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين. سندس شاعريءَ ۾ غزل، نعتون ۽ چوسٽا وغيره شامل آهن. سندس شاعريءَ جو مجموعو "تنهنجا سپنا" 1998ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

سبرين هيسباڻي



سبرين هيسباڻي ٽيليويزن جي مشهور اداڪاره آهي. سندس جنم 10 سيپٽمبر 1978ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي شهر نارو شاهه ۾ ٿيو. هن جي والده ماريه بلوچ مشهور گلوڪاره آهي ۽ هن جون ڀينرون مهرين هيسباڻي، صنم بلوچ ۽ غنويٰ بلوچ به انٽرٽينمينٽ جي دنيا ۾ پنهنجي خاص سڃاڻپ رکن ٿيون. سبرين مختلف ٽيليويزن چئنلن جي ڊراما سيريلس ۾ يادگار ڪردار ادا ڪري تمام گهڻي مقبوليت ماڻي آهي.

سيد شمس الدين شاهه شمن

سنڌ جي هن ڪلاسيڪي شاعر جو جنم 1898ع ۾ حيدرآباد ضلعي جي ڳوٺ شاهپور جهانيان ۾ ٿيو. سندس والد سيد قطب علي شاهه به پنهنجي دور جو وڏو شاعر هو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ شمن تخلص استعمال ڪيو آهي. افسوس جو سندس شاعريءَ جو وڏو حصو زماني جي گردشن ۾ گم ٿي ويو آهي. مخدوم طالب المولىٰ مطابق هن بزرگ شاعر جو لاڏاڻو 10 سيپٽمبر 1920ع تي ٿيو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات عروسہ فاطمہ..پلينٽف. بخلاف. ڪاشف حسين ولد طالب حسين ذات ڪوسو رهندڙ ميمڻ ڪالوني سائيٽ ايريا ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 10-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ 318 نمبر سال 2026

مسمات سپنا چانڊيو.پلينٽف. بخلاف. رميز چانڊيو ولد سرور چانڊيو رهندڙ عبدالله چاڙهہ ڳوٺ ڄامشورو تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ رڪوري ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 11-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات پروين شورو.پلينٽف. بخلاف. مختياراحمد ابڙو ولد احمد علي ذات ابڙو رهندڙ بلوچ ڪالوني سائيٽ ايريا ڪوٽڙي 03073175527...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ڪانجوگل رائيٽس، ميٽينينس، جهيز جي واپسي ۽ ڏاور اماؤنٽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 11-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 310 سال 2026

مسمات سبحان چانڊيو.پلينٽف. بخلاف. سهيل پليجو ولد سائين ڏنو ذات پليجو رهندڙ يتيم مسافر خانو سن ستي تعلقو مانجهند ضلعو ڄامشورو..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 17-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهہ
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

مسمات بشيران بيگم زال پيرل خان رهندڙ وارڊ نمبر 7 سيال محلہ سيتا روڊ تعلقو ڪي اين شاهہ..اپيليڪينٽ. بخلاف. شهنيلا زال فياض احمد جانوري رهندڙ وارڊ نمبر 8 پنهور محلا ويجهو ميمڻ محلا اسڪول سيتا روڊ تعلقو ڪي اين شاهہ ضلعودادو ...اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين اپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 14-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهہ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

شريمتي پانسي زال آجو ڌيءِ هري هندو بالغ ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ حاجي مقرب خان ضلعو ٽنڊو الهيار..پلينٽف. بخلاف. آجو ولد Ghetan هندوبالغ ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ ٽنڊو سومرو پيپا ڪالوني ضلعو ٽنڊو الهيار ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن ميٽينينس ۽ رڪوري ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر 120 سال 2026

مسمات خيرالنساءِ ڌيءِ گلشير زال رياض احمد ذات خاصخيلي ڳوٺ جيو ڪاڪيپوٽو تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار ..پلينٽف. بخلاف. رياض احمد ولد محمد بخش ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ ولي محمد درس تعلقو ضلع ٽنڊو الهيار.ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ميٽينينس ۽ رڪوري ڏاوري آرٽيڪلز ۽ ميڊيڪل جي خرچ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 18-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر 29 سال 2026

مسمات ثمرين ڌيءِ محمد يوسف ذات لنڊ رهندڙ ڳوٺ خدا بخش لينڊ آبادگار تعلقو بلڙي شاهہ ڪريم ..پلينٽف. بخلاف. اياز ولد علي محمد ذات لنڊ رهندڙ خدا بخش لينڊ آبادگار تعلقو بلڙي شاهہ ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان.ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 10-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير I ڪوٽ غلام محمد
فيملي سوٽ نمبر 29 سال 2026

مسمات نذيران ڌيءِ خميسو ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ حاجي احمد خان ديهہ 348 ڪوٽ غلام محمد ..پلينٽف. بخلاف. اسلم ولد ڪريم بخش ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ رئيس احمد خان پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد 03470324293..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 15-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير I ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج I ڪنري
فيملي سوٽ نمبر 63 سال 2026

شريمتي سپنا ڌيءِ جي رام داس زال جتيندر هندو بالغ رهندڙ خالد ڪالوني وارڊ نمبر 319 ڪنري ستي ..پلينٽف. بخلاف. جتيندر ڪمار ولد ڪيلاش ڪمار رهندڙ نزد فضل عمر اسپتال ميرپورخاص سيل نمبر 03002127571..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن ميٽينينس رڪوري ڏاوري آرٽيڪلز رڪوري اصل دستاويز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 15-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج I ڪنري

گمشده ڊگري بابت اطلاع

جيئن تہ منهنجي اصل M.sc سرٽيفڪيٽ پاسنگ سال 2016 يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو پاران جاري ڪيل ڪٿي ڪرگر ٿي وئي آهي ڪافي تلاش باوجود ملي نہ سگهي آهي اگر ڪنهن کي ملي تہ ڏياري موڪلي

ماهين زال فراز آرائين شناختي ڪارڊ نمبر 4130250239400 رهندڙ گهر نمبر 2834 ٽلڪ چاڙهي حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول/فيملي جج هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
فيملي سوٽ نمبر 133 سال 2026

مسمات رشيده رهندڙ ڳوٺ سالارو ڪنڊو حال رهندڙ روشن علي پيرآباد فيز 2 هالا نيو ..پلينٽف. بخلاف. منظور سيال ولد علي محمد رهندڙ ڪورائي مارڪيٽ نسيم نگر قاسم آباد 03082210121..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ ميٽينينس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 11-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/فيملي جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي اير II حيدرآباد
سول مسلينس درخواست نمبر سال 2026

عرفان علي ولد غلام قاسم (2) شهمير علي ولد محمد عباس (3) وحيد ولد الله بچايو (4) سيد عذير شاهہ ولد جليل شاهہ (5) مهراڻ ولد داؤد ميمڻ ..اپيليڪينٽ. بخلاف. سرڪار. ريسپونڊنٽس ڪرائم نمبر 255/2026 زير قلم 341،353،427،148،149 پي ايس پٺاڻي نگر قاسم اباد حيدرآباد (جنرل پبلڪ ايٽ لارج

جنرل پبلڪ ڏانهن:

جيئن تہ مٿين اپيليڪينٽ زير قلم 516-A تحت درخواست داخل ڪئي آهي موبائل فون رئيل مي C53 اوپو A18 رئيل مي C53۽ آئي فون 12 پرو رئيل مي C52، انفليڪس جي رڪوري لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي اگر ڪنهن کي اعتراض هجي تہ هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 15 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض داخل ڪندا ٻي صورت ۾ قانون موجب جاري ڪيوويندو ۽ بعد ۾ ڪو بہ اعتراض قابل قبول نہ هوندو

سول جج اينڊ جي اير II حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج مٽياري
سڪسيشن سوٽ نمبر 46 سال 2026

سلطان احمد لاشاري ولد محمد قاسم لاشاري رهندڙ ڳوٺ سليم راهو تعلقو هالا ضلعو مٽياري ..اپيليڪينٽ. بخلاف. (1) مسمات نورجهان ولد سلطان احمد لاشاري مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ سليم راهو تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري (2) بيبي سونا ولد سلطان احمد لاشاري (3) عباس علي ولد سلطان احمد لاشاري (4) بهادر علي ولد سلطان احمد لاشاري مسلم ماٺر رهندڙ ڳوٺ سليم راهو تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري معرفت پيءُ سلطان احمد لاشاري گارڊين (6) مينيجر خوشحالي مائيڪرو فنانس بينڪ لميٽڊ برانچ هالا ضلعو مٽياري (5) جنرل پبلڪ.. ريسپونڊنٽس

.مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين اپيليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 278 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي ڏاڏلي زال سلطان احمد وفات جي تاريخ 29-06-2026 تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 16-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج مٽياري

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V ٽنڊو محمد خان
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

مسمات نسيمان زال علي بخش ذات مگسي رهندڙ ڳوٺ ملوڪ مگسي ناگو شاهہ تعلقو ضلعو ٽنڊو محمد خان ..اپيليڪينٽ. بخلاف. (1) نور محمد (2) مسمات رابعہ (3) مسمات صبيحہ (4) نور احمد (5) مسمات رحمت (6) مسمات نعمت (7) نور الحسن سڀ پٽ ڌيئرون علي بخش مگسي (11) مختيارڪار تعلقو ٽنڊو محمد خان (12) جنرل پبلڪ. اپوننٽس (1) مسمات عظمت (2) رحمت الله (3) فرح ديبا (4) نعمت الله (5) اسدالله (6) عبيدالله (7) مزمل سڀ پٽ ڌيئرون علي بخش مگسي.. ماٺر

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين اپيليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 17-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج V ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ ٿرڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ڪورٽ شڪارپور
سڪسيشن پٽيشن نمبر 58سال 2026

(1) اختيار علي ولد ملاجهڙو سومرو ويٺل ڳڙهي ياسين ضلعو شڪارپور ..درخواستگذار. بخلاف. (1) ذڪيا بيگم (2) سڪندر علي سومرو (3) هر عام وخاص اپوننٽس

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين اپيليڪينٽ درخواست زير قلم 5(B) سنڌ ليٽرس آف ايڊمنسٽريشن سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 11-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ٿرڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ڪورٽ شڪارپور

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو تہ عرضدار نور محمد اسان کي درخواست ڏني آهي تہ هيٺ ذڪر ڪيل فوتين جي سنڌن حصي موجب زرعي زمين سروي نمبر 59/1to4 ايراضي (08-11) ايڪڙ ديهہ ٽڪيجيون شاهہ 7 سروي نمبر 395 ,392 ,390 ,389 ,294 ,211/1.2 جملي ايراضي (18-21) ايڪڙ ديهہ گل محمد لوڙهو تعلقہ حيدرآباد ۾ آهي جن جا فوتي ڪاتا سنڌن جائز وارثن ۾ ڪري ڏنا وڃن فوتي توهہ ولد جانو جيڪو مورخہ 05.03.1930 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث:خان محمد ولد توهہ (پٽ). فوتي خان محمد ولد توهہ جيڪو مورخہ 03.05.1949 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث:سوڍو (پٽ)، سنگهار (پٽ)، گل محمد (پٽ)، چار زادي (ڌي). فوتڻ چار زادي ڌي خان محمد جيڪو مورخہ 06.07.1978 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث:نور محمد (مڙس)، سنگهار (ڀاءُ)، گل محمد (ڀاءُ). فوتي سنگهار ولد خان محمد جيڪو مورخہ 08.10.1982 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث:جنت ڌي سنگهار (ڌي)، گل محمد (ڀاءُ).فوتي سوڍو ولد خان محمد جيڪو مورخہ 01.01.1988 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث:آمنہ ڌي سوڍو (ڌي)، سنگهار (ڀاءُ)، گل محمد (ڀاءُ)، چار زادي (ڀيڻ) فوتي گل محمد ولد خان محمد جيڪو مورخہ 02.04.1991 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث:سلميٰ ڌي گل محمد (ڌي)، سنگهار (بيوا).فوتڻ آمنہ ڌي سوڍو جيڪو مورخہ07.12.2023 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث:سلميٰ (سئوٽ).جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبہ جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي تہ هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراٽائنڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نہ هوندي

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن تہ اسان جي آفيس ۾ نالي نور نبي ولد نبي بخش پرڳڙي درخواست ڏني آهي تہ هن جو پيءُ نبي بخش ولد محمد خان پرڳڙي جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهہ سيالڪي ٽپو ٽنڊو شهر تعلقي بدين سروي نمبر 61 ۽ ٻيا مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ يار محمد پرڳڙي تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو تہ فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي نبي بخش ولد محمد خان پرڳڙي جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 نور نبي پٽ فوتي جو 2 نور زمان پٽ فوتي جو 3 نور الهدا پٽ فوتي جو 4 محمد خان پٽ فوتي جو 5 نورالعمين پٽ فوتي جو 6 نور الله پٽ فوتي جو 7 مسمات زينت ڌي فوتي جي 8 مسمات نجمہ ڌي فوتي جي 9 مسمات امينا ڌي فوتي جي 10 مسمات زينب زال فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي تہ مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن بہ ماڻهو کي ڪنهن بہ قسم جو اعتراض هجي تہ هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبہ اعتراض ٻڌڻ ۾ نہ ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

لاتعلقي جو اظهار

جيئن تہ: منهنجو پٽ وزير راهو غلط صحبت ۾ اچي ويو آهي جنهن کي گهريائين پاران ڪيترائي سمجهايو ويو پر هن پنهنجي روش تبديل نہ ڪئي آخرڪار مجبور ٿي اسان ڪيس سنڌس حصي جي زمين پڻ ڏئي ڇڏي آهي "هنن واضح ڪيو تہ اڄ کان پوءِ وزير راهو سان جيڪو بہ ماڻهو ڪنهن بہ قسم جي ڏيتي ليتي، ڪاروبار يا معاملو ڪندو اهو پنهنجي نفعي ۽ نقصان جو پاڻ ذميوار هوندو اسان جي پوري فيملي جو سائنس ڪو بہ واسطو نہ هوندوولي محمد راهو ۽ سنڌس فيملي پاران اسسٽنٽ ڪمشنر ، ڊي ايس پي ، ۽ ايس ايڇ او قاضي احمد کي اپيل ڪئي وئي آهي تہ هن بيان کي سرڪاري رڪارڊ تي رکيو وڃي تہ جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي ۽ فيملي ڪنهن بہ قانوني پيچيدگي کان محفوظ رهي

ولي محمد راهو ۽ سنڌس پوري فيملي
ڳوٺ صالح شاهہ تعلقو سڪرنڊ ضلعو
شهيد بينظير آباد

لاتعلقي جو اظهار

جيئن تہ اسان جو ڀاءُ/پٽ نالي ڪمال الدين ولد الهبخش جنهن ٻئي قوم مان شادي ڪري اسان سان گهرواري جي چوڻ ۾ اچي تلخ ڪلامي، بدتميزي ۽ نافرماني ڪندو رهندو آهي ۽ سنڌس گهرواري معرفت اسان کي ۽ اسان جي رشتيدارن کي ڪوڙيون ڪهاڻيون ۽ ڊراما ڪري اعليٰ اختيارن کي درخواستن ڏيندو رهندو آهي ۽ اسان کي ۽ اسان جي رشتيدارن کي مختلف طريقن سان حراسان ڪندو رهندو آهي ۽ اسان ڪيس ڪافي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي مگر ڪمال الدين ڪنهن جي بہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهي ۽ اسان جو چوڻ نہ وڻن ڪري اسان ڪيس اڄ کان لاتعلقي جواظهار ڪيون ٿا اسان جي يا اسان جي خاندان جي ڪنهن بہ فرد جو ڪوبہ تعلق نہ آهي نہ ڪي مستقبل ۾ رهندو ۽ اسان ڪمال الدين کي پنهنجي گهر مان منقول غير منقول ملڪيت مان ۽ هر رشتي مان بيدخل ڪيون ٿا جيڪڏهن ڪو شخص ڪمال الدين سان ڪنهن بہ قسم جو سودو پئسن جي ڏيتي ليتي ڪري ٿو تہ ان جو ذميوار هو پاڻ هوندو ان ۾ اسان جي يا اسان جي خاندان جي ڪنهن بہ فرد جي ڪابہ ذميواري نہ آهي

مسمات لطيفان بيوه الهبخش،مشرف الدين جمالي ولد الهبخش، علي جان ولد الهبخش ذات جمالي رهندڙ: ڳوٺ نبي بخش جمالي تعلقہ سعيدآباد ضلع مٽياري

عام اطلاع

جيئن تہ نالي امتياز علي ولد محمد جمن جهيجو ويٺل ڳوٺ پهرين اوڊيرو لعل تعلقو و ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي تہ سنڌس والد محمد جمن ولد محمد حسين جهيجو جيڪو ڳوٺ آباد ۾ رٽائرڊ مختيارڪار هو ۽ فقہ سني جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 12-12-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي. (نوٽ مرحوم جون 02 شاديون ٿيل هيون مرحوم جي پهرين گهرواري ، والدين ۽ 2 پٽ مرحوم جي حياتي ۾ فوت ٿيل هئا. (1) امتياز علي جهيجو (پهرين گهرواري مان) پٽ (2) مسمات رابعہ جهيجو (پهرين گهر واري مان) ڌيءُ (3) مسمات نازيہ جهيجو (پهرين گهرواري مان) ڌيءُ (4) مسمات خالده جهيجو (ٻئي گهرواري) بيواهہ (5) مسمات حفصہ جهيجو (ٻئي گهرواري مان) ڌيءُ (6) مسمات زنيرا جهيجو (ٻئي گهرواري مان) ڌيءُ جڏهن تہ اهڙي تصديق ٻن شاهدن هڪ نالي (1) عرفان علي جهيجو ولد امير بخش (2) وزير علي ولد واحد ڏنو گهانگهلو جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي تہ جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو بہ اعتراض هجي تہ هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪوبہ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نہ رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار تعلقو مٽياري

عام اطلاع

سڀني عام وخاص ماڻهن کي هن اشتهار جي ذريعي اطلاع ٿو ڪجي تہ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ نالي قمرالدين ولد عبدالله پنهنجي والد نالي فوتي عبدالله ولد مرحوم ڏني بخش جي ديهہ ۾ زرعي زمين جي فوتي ڪاتي بدل لاءِ درخواست ڏني آهي جنهن ۾ فوتي جي وارثن ۾ مري وڃڻ کانپوءِ هيٺيان وارث ڇڏيا آهن انهن کان علاوه اگر ٻيو ڪو وارث يا ڪنهن مٽ مائٽ کي ڪو اعتراض يا ڪا هجت هجي تہ هن اشتهار جي جاري ٿيڻ کانپوءِ ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض جناب مختيارڪار صاحب دادو جن وٽ ڪرائيندا نہ تہ ٻي صورت ۾ فوتي ڪاتو مٽايو ويندو (1) قمرالدين (پٽ) (2) شمس الدين (پٽ) (3) عبدالخالق (پٽ) (4) عبدالغفار (پٽ) (5) عبدالستار (پٽ) (6) نثار احمد (پٽ) (7) عمران خان (پٽ) (8) حسنا ڌي (9) سيما ڌيءُ (10) شائلہ ڌيءُ (11) شمائلا ڌي (12) مسمات سرداران (زال)

مختيارڪار تعلقو دادو

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو تہ عرضدار حسين بخش ولد گل محمد رهندڙ ٽنڊو الهيار اسان کي درخواست ڏني آهي تہ سنڌس نالي گل محمد ولد محمد عمر مورخ تاريخ 28-05-2005تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 360/2.3 361 ايراضي 00-12 ايڪڙ ديهہ ڪنر ٽپو حسين خان لوڙهو تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسہ عام بيان ۾ ڏني آهي (1) حسين بخش (پٽ) (2) ادريس(پٽ) (3) نبي بخش (پٽ) (4) حليمان (ڌي) (5) حاجره (ڌي) (6) مسمات فاطمہ (بيواهہ) نبي بخش مورخہ 26-04-2016 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث (1) محمد اڪبر (پٽ) (2)منظور (پٽ)(3) ثمينہ (ڌي) (4) خديجان (بيواهہ) جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبہ جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي تہ هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراٽائنڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نہ هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهہ ٿو ڪجي تہ عبدالرزاق شورو ولد ابراهيم شورو معرفت فوتي پيءُ ابراهيم ولد الله بچايو شورو سروي نمبر 79-74-73-32-71-70-78-77-76-75
-86-85-87-88-89-90-91-92-93-94-95-110-80-81
-82-83-84-207-208-121-127-135-136-137-138-
141-142-143-144-122-123-124-125-126-151-133
-52-58-211-215-216-98-145-146-212-213-214-
204-205-203-157-158-159-161-163-164-175-
182-188-202-152-153-117-134-118-119-128-131-
132-160-169-140-139-129-116 شيئرڊ ايريا 19-24
1/4 ديهہ سميجاڻي جاگير ٽپو رامديهہ تعلقو ميرپورساڪرو ضلعو ٺٽو ريڪنسٽريڪشن آف رڪارڊ آف رائيٽس لاءِ ثبوتن سميت درخواست ڏني آهي 15 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ اعتراض داخل ڪن ٻي صورت ۾ ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر II ٺٽو

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهہ ٿو ڪجي تہ اٿون محمد اعجاز ولد امان الله شناختي ڪارڊ نمبر 4130395854785 هڪ عدد پلاٽ نمبر 36 ايراضي 400 مربع گز واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد جو سودو پلاٽ جي حقيقي مالڪن (1) غلام مصطفيٰ ولد محمد صديق ميمڻ شناختي ڪارڊ نمبر 4130689994521 (2) محمود اقبال ولد محمد صديق ميمڻ شناختي ڪارڊ نمبر 4130663446065 (3) محمد نديم ولد محمد صديق ميمڻ شناختي ڪارڊ نمبر 4130601766989 سان ڪيو آهي اگر ڪنهن بہ شخص يا اداري کي مذڪوره پلاٽ جي خريد ۽ فروخت تي ڪنهن بہ قسم جو ڪو بہ اعتراض يا دعويٰ هجي تہ هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد واقع بلاڪ اي شهباز بلڊنگ کي تحريري طور تي آگاهہ ڪري معياد گذري وڃڻ کانپوءِ ڪو بہ اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نہ هوندو ۽ سوسائٽي انتظاميہ سودي جي بقايا ٽرانسفر جي ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي

محمد اعجاز ولد امان الله

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ اٿون سعيد خان ولد شبير احمد رهندڙ گهر نمبر 1723-A/96 محلہ مارڪيٽ جيل روڊ حيدرآباد پلاٽ نمبر B-71 ايراضي 240 مربع گز واقع ڪوهسار هائوسنگ اسڪيم نمبر V آف ايڇ ڊي اي (جنرل پبلڪ) تعلقو لطيف آباد حيدرآباد نالي مسرور حسين ولد اڪرام حسين جي رجسٽرڊ جنرل اٽارني علي احمد ولد شبير احمد رهندڙ گهر نمبر 319 محلہ اماني شاهہ ڪالوني يونٽ نمبر 11 لطيف آباد حيدرآباد کان خريد ڪري لينڊ مينيجمينٽ اداره ترقيات حيدرآباد جي رڪارڊ ۾ پنهنجي نالي منتقل ڪرائڻ لاءِ درخواست ڏني آهي اگر ڪنهن بہ شخص يا اداري کي ڪنهن بہ قسم جو قانوني اعتراض يا حق دعويٰ هجي تہ هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر جناب اسسٽنٽ ڊائريڪٽر لينڊ مينيجمينٽ ڊپارٽمينٽ اداره ترقيات حيدرآباد فورٿ فلور سوڪ سينٽر ٿڌي سڙڪ حيدرآباد کي تمام قانوني دستاويزي ثبوتن سان اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو بہ اعتراض قابل قبول نہ هوندو ۽ پلاٽ جي منتقلي جي ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي

سعيد خان ولد شبير احمد 4130328774319

بقايا 1 ”روزاني عبرت“

ويا تہ سوڳ وارو ماحول ڇانئجي ويو جنازي نماز ۾ سياسي سماجي قومپرست اڳواڻن سميت علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

هو هنن ٻڌايو تہ ڌمڪين سبب ڪين ڳوٺ مان لڏڻ تي مجبور ڪيو ويو جڏهن تہ سنڌن گهر بہ ڊاهي پٽ ڪيا ويا آهن متاثرن ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور سميت اعليٰ اختيارين، ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ گهر ڊاهڻ توڙي ڌمڪين ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

عوامي ڪليل ڪچهري کي خطاب ڪندي ڪيوان موقعي تي ڳالهائيندي هن چيو تہ اجوڪي ڪليل ڪچهري لڳائڻ جو مقصد اهو آهي تہ غريب عوام سان ملي سنڌن مسئلا معلوم ڪجن ۽ انهن جي حل لاءِ موقعي تي ڪاروائي ڪجي،هن واسطيدار عملدارن کي هدايت ڪئي تہ اهي اجوڪي ڪچهري ۾ عوام پاران پيش ڪيل مسئلن ۽ انهن کي حل ڪرڻ بابت ڪيس رپورٽ پيش ڪن

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

ڪورٽ جو در کڙڪائي ڇڏيو

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

پٽ سراج مري سخت زخمي ٿي پيو موٽروي پوليس زخمي ۽ فوتي جو لاش سول اسپتال نوشهرو فيروز پهچايو جتان ضروري ڪاروائي بعد فوتي جو مڙهہ وارثن حوالي ڪيو مڙهہ ڳوٺ صيفل مري ۾ پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ڪرالر کي پوليس تحويل ۾ ورتو ڊرائيور موقعي فرار ٿي ويو. ياد رهي تہ نيشنل هاءِ وي تي ڪن سالن کان وٺي ڪم سست رفتاري سان هلڻ ڪري نيشنل هاءِ وي سوين حياتيون ڳڙڪائي ويو آهي.

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

ناڪابندي ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي سي آءِ اي پوليس هيرلو پرسان شڪي ڪار کي روڪي جوابدار کي حراست ۾ وٺي ڪار جي تلاشي ورتي جنهن دوران ڪار مان 10 بوريون منشيات ۽ گٽڪي جو وڏو ذخيرو برآمد ڪيو ويو.پوليس موجب گرفتار جوابدار مختلف علائقن مان منشيات آڻي خيرپور ۽ ٻين علائقن ۾ وڪرو ڪندو هو جوابدار خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن تہ گرفتار جوابدار کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري آهي.

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي مينيجنگ ڪميٽي لاءِ نامزد ڪيو وڃڻ ايسوسيئيشن لاءِ وڏي اعزاز ۽ فخر جي ڳالهہ آهي آصف بيگا اميد ظاهر ڪئي تہ مبين وقار اليڪشن ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري ۾ ٽيڪسٽائل شعبي سميت سموري ڪاروباري برادري جو مؤثر ۽ مضبوط آواز بڻجندو ۽ واپارين کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو هن وڌيڪ چيو تہ مبين وقار کي مينيجنگ ڪميٽي جي ميمبر طور نامزد ڪرڻ تي اسان بي ايم جي گروپ جي چيئرمين زبير موتي والا، وائيس چيئرمين انجم نثار ۽ گروپ جي ٻين اڳواڻن جا دل جي گهراين سان ٿورائتا آهيون ان موقعي تي آصف بيگا ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي ڪارپوريٽ ۽ ايسوسيئيٽ ميمبرن کي اپيل ڪئي تہ هو مقرر ڪيل 1 کان 15 تائين پنهنجي قيمتي ووٽ جو استعمال ڪندي بي ايم جي گروپ جي اميدوارن کي ڪامياب بڻائين

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

تي ٻن ڀائرن سميت ڇهن جوابدارن کي عمر قيد ۽ هر هڪ کي 25-25 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي عدالت جوابدارن عبدالرشيد جوڻيجو،امين جوڻيجو، غلام قادر جوڻيجو ۽ محمد يعقوب جوڻيجو کي ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي عمر قيد جي سزا ٻڌائي. جڏهن تہ هر جوابدار تي 25-25 لک رپيا ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيو ويو.عدالت موجب ڏنڊ جي رقم مقتول جي وارثن کي ادا ڪئي ويندي، جڏهن تہ ڏنڊ جي رقم ادا نہ ڪرڻ جي صورت ۾ جوابدارن کي وڌيڪ ٻہ سال قيد جي سزا ڀوڳڻي پوندي.پراسيڪيوشن موجب جوابدارن 13 سيپٽمبر 2014ع تي رانيپور ٿاڻي جي حد ۾ فائرنگ ڪري پرويز علي جوڻيجو کي قتل، منگهن جوڻيجو کي زخمي ڪرڻ بعد جميل جوڻيجو کي اغوا ڪيو هو.واقعي بابت مقتول ۽ زخمي جي ماسي مسمات عظيمان خاتون رانيپور ٿاڻي تي 6 جوابدارن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرائي هئي ڪيس جي دوران ٻن جوابدارن بخش علي جوڻيجو ۽ الله رکيو ولد منگهن جوڻيجو جي وفات ٿي وئي، جنهن بعد باقي ڇهن جوابدارن خلاف ڪيس جي ڪارروائي جاري رهي.عدالت پاران سزا جو فيصلو سينٽرل جيل خيرپور مان وڊيو لنڪ ذريعي ٻڌايو ويو.

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

مصروف هو تہ اوچتو بجلي اچي وڃڻ سبب ڪيس ڪرنٽ لڳي ويو ۽ هو بيهوش ٿي ويو.حادثي کانپوءِ سنڌس وارثن ۽ علائقي واسين نوجوان کي فوري طور اسپتال منتقل ڪرڻ لاءِ گاڏي ۾ کڻي روانا ٿيا، پر صداقت علي رستي ۾ ئي دم ڏئي ڇڏيو.نوجوان جو لاش جڏهن گهر پهچايو ويو تہ گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن تہ وارثن جي روڄ راڙي سبب علائقي ۾ پڻ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي.

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

قمر رضا جسڪاڻي آڏو پنهنجا مسئلا پيش ڪيا ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي سپاهي آفيسرن ۽ جوانن جا مسئلا غور سان ٻڌا ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي مسئلن جي فوري حل لاءِ ضروري هدايتون ۽ حڪم جاري ڪيا.

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري صدارت ڪئي ڪانفرنس ۾ سنڌ جي مختلف يونيورسٽين ۽ علمي ادبي ادارن سان لاڳاپيل عالمن اديبن محققن ڊينز ڊائريڪٽرن استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

جلالپور ڪينال ذريعي سنڌ جي پاڻي بابت خدشا آهن سنڌ زرعي ملڪ آهي ۽ پاڻي سنڌ جي معيشت لاءِ انتهائي اهم آهي هنن پاڻي جي مسئلي کي سنڌ کي معاشي طور ڪمزور ڪرڻ جي سازش قرار ڏنو.جسقم اڳواڻ غمشاد علي مري خلاف ڪاهي ٿاڻي جي حد ۾ پيرو ڪولهي جي قتل واري واقعي تي آواز اٿارڻ سبب جوڙتو خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جي مذمت ڪندي ڪارڪنن جي مبينا جبري گمشدگين خلاف پڻ احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو.اڳواڻن موجب 13 سيپٽمبر تي ميرپورخاص احتجاج ڪيو ويندو،ان موقعي تي جسقم بشير خان جو مرڪزي اڳواڻ آزاد ڪنير اڪبر مري ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

علي شاهہ جيلاني فيڊرل لينڊ ڪميشن جو منسٽر احمد نواز عرف سائين جگنو شاهہ اڳوڻو بورڊ آف ڊائريڪٽر روينيو پير سيد مهر علي شاهہ ايس پي پير سيد احمد ثقي شاهہ جيلاني اڳوڻو ايم پي اي پير سيد پيار علي شاهہ جيلاني پير سيد خير علي شاهہ جيلاني جن جو والد سينئير سياستدان بزرگ هستي اڳوڻو وفاقي وزير الحاج پير سيد عبدالقادر شاهہ جيلاني جون 15 هون عرس مبارڪ جيلاني هائوس راڻي پور تي عقيدت ۽ احترام سان اڄ ملهايو ويندو، جنهن جي حوالي سان تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن.

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

سماجي، واپاري ۽ پرائيويٽ شعبي سان لاڳاپيل حلقن ۾ ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي آهي

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

پوليس جي نفري سان گڏ محمدي چوڪ، شاهي بازار، بمبئي بازار، ايم اي جناح روڊ، ڪچي مارڪيٽ سميت مختلف علائقن ۾ ڪارروائي ڪري رستن، فٽ پاٿن ۽ عوامي گذرگاهن تي قائم ڪيل غيرقانوني ڇپرا ۽ دڪا ڊاهي پٽ ڪيا ويا، جڏهن تہ دڪانن جي حدن کان ٻاهر رکيل صندل ۽ ٻيو سامان سرڪاري تحويل ۾ ورتو ويو انتظاميا موجب ڪارروائي جو مقصد عوامي رستن ۽ گذرگاهن کي حدخلين کان پاڪ ڪري شهرين جي آزادانہ آمدورفت کي يقيني بڻائڻ آهي.

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

جن ۾ دادو بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ پارڪو جي پائپ لائن مان مبينا تيل چوري جي ڪيس ۾ عدالت اهم حڪم جاري ڪري ڇڏيو عدالت 6 جوابدارن عيسي پنهور، گلاب ناريجو مشتاق ڏڻون حاجن ناريجو ۽ حاجي محمد موسيٰ پنهور سميت جوابدارن جون ضمانتون رد ڪري ڇڏيون،جوابدارن کي هٿ ڪڙيون هڻي ڪين جيل موڪلڻ جو حڪم ڏنو ويو ٻئي طرف ڪيس ۾ غفلت جي الزام هيٺ 4 اڳوڻن ايس ايڇ اوز اعجاز مسن، غلام حيدر چانڊيو، نديم سولنگي ۽ ڪي اين شاهہ جي ايس ايڇ او کي بہ ڪورٽ ڪسٽڊي ۾ ورتو ويو آهي، جن کي ٻن ڪلاڪن بعد معافي وٺڻ تي آزاد ڪيو ويو پوليس موجب پارڪو آئل چوري جي نيٽ ورڪ سهولتڪارن ۽ ملوث اهلڪارن جو سراغ لڳائڻ لاءِ وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

ڪائونسل ، رشيد راڄڙ ، سهيل لطيف ميمڻ ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي،تقريب کي خطاب ڪندي وڪيلن چيو تہ سنڌ اسان جي ماءُ آهي ان جي ورهاڱي جي سازش ڪندڙ پوئتي هٽي وڃي ٻئي صورت ۾ سنڌ ڌرتي جو ٻچو ٻچو حفاظت ڪندو،هنن چيو تہ سسٽم تباهہ هجڻ جون ڳالهيون ڪندڙ ئي سسٽم تباهہ جا ذميوار آهن اسين ڪڏهن بہ سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ نہ ڏينداسين .هن ڪوٺايل سيمينار جو مقصد آئين جي پاسداري ، عدل انصاف جي بحالي ۽ سنڌ جو ورهاڱو قبول نہ ڪرڻ آهي وڪيلن وڌيڪ چيو تہ محسن نقوي هجي چاهي ڪير بہ هجي سنڌ جو هڪ ليڪو بہ پاڻڻ نہ ڏينداسين آخري حد تائين قانون عدليا انصاف سنڌ جي وحدت تي وار ڪڏهن برداشت نہ ڪيو ويندو

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

تعاليٰ جا آخري نبي آهن ۽ سنڌن بعد نبوت جو سلسلو بند ٿي ويو ۽ قيامت تائين ڪو بہ نبي نہ ايندو هن چيو تہ نبي ڪريم ﷺ کي آخري نبي مڃڻ ايمان جو حصو آهي هن چيو تہ اسان کي گهرجي تہ حضور انور ﷺ جي ڏسيل واٽ تي هلون ۽ اهڙي صحبت کان پاسو ڪريون جيڪو دين کان دوري جو سبب بڻجي انهي موقعي تي مقامي نعت خوانن پاران نعتون پيش ڪيون ويون جڏهن تہ اجتماع ۾ عالمن نعت خوانن، سماجي اڳواڻن ۽ شهرين شرڪت ڪئي

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

مير محمد نهڙي معرفت داخل ڪيل پٽيشن جي ٻڌڻي دوران عدالت جي اڳوڻي حڪم تحت ايڪسائيز ڪاتي ۽ ٺيڪي مالڪن پاران دستاويز پيش ڪيا ويا پيش ڪيل ڪاغذن مان انڪشاف ٿيو آهي تہ ڪراچي جي گڏاپ واري علائقي مان اسلام ڪوٽ منتقل ٿيل هيءَ ٺيڪو ٿاڻو بولا خان جي رهواسي نوڪومل ولد تارومل جي نالي تي جاري ٿيل لائسنس تحت قائم ڪيو ويو آهي ذريعن موجب مقامي سطح تي مشهور منشيات فروش جي نالي جي واپلا ڪرڻ بعد عدالت ۾ غير مقامي شخص جو نالو سامهون اچڻ سان ايڪسائيز ڪاتي جي ملي ڀڳت واضح ٿي پئي آهي هلندڙ وقت ٺيڪي جي مالڪي ملي واسي شبير ڌرماڻي ڪري رهيو آهي، جڏهن تہ دستاويزن موجب پراڻي سرڪاري زمين جي ڪاتي تبديلي بعد موجوده سروي نمبر 306 واري مارڪيٽ ۾ شوڪت نهڙي جي اجازت سان اهو ٺيڪو کوليو ويو آهي جڏهن تہ اهڙي جڳهہ غير قانوني طور اڏيل ٻڌائي پئي وڃي ٻئي طرف ايڪسائيز ڪاتي ۽ ٺيڪي مالڪن پاران عدالت ۾ پيش ڪيل ڪاغذن ۽ موقعي جي حقيقي صورتحال ۾ ڏينهن رات جو فرق واضح نظر اچي ٿو عوامي خدشن ۽ سخت مخالفت باوجود سياسي پشت پناهي ۽ ايڪسائيز ڪاتي جي سرپرستيءَ ۾ مين سي پيڪ روڊ ۽ بس ٽرمينل جهڙي انتهائي حساس ۽ حادثاتي جڳهہ کي نو آبجيڪشن ڪري اين او سي جاري ڪئي وئي آهي.ان موقعي تي پٽيشنرن ۽ علما اڪرام شاهنواز خاصخيلي، قاري قمر الدين مولانا تاج محمد، مولانا لياقت ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ شراب سڀني برائين جي جڙ آهي ۽ اٿين سي پيڪ روڊ تي ٺيڪو کولڻ پرامن خطي ٿرپارڪر کي تباهيءَ ڏانهن ڌڪڻ برابر آهي هنن چيو تہ غير مقامي ماڻهو ٿر جي اخلاقي قدرن سان راند ڪري رهيا آهن ۽ پوليس توڙي ضلعي انتظاميا وائن شاپ مالڪن کي تحفظ ڏئي رهي آهي پٽيشنرن عزم ظاهر ڪيو تہ هو عوام جي مستقبل ۽ شهر جي امن امان لاءِ قانوني جنگ جاري رکندا

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

جي ماڻهن کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ 10 ارب رپين جي لاڳت سان 50 بسترن تي مشتمل اسپتال منظور ڪرائي آهي جنهن جو تعميراتي ڪم جاري آهي هن چيو تہ اسپتال کي عارضي طور تي گرلس پرائمري اسڪول ۾ منتقل ڪيو آهي جنهن کي بہ ڪنهن هنڌ منتقل ڪرڻ ڪوشش ڪري رهيا آهيون جيئن نياڻين جي تعليم متاثر ٿي نہ سگهي، سرڪاري اسپتال جو انتظام سنڀاليندڙ پي پي ايڇ آئي ضلع سجاول جي ڊي ايم گل رحمان عباسي خطاب ڪندي چيو تہ ڏڙي کي 10 ارب رپين جي ماليت سان ٺهندڙ اسپتال ڏيارڻ ۾ ارباب وزير ميمڻ جون وڏيون ڪاوشون آهن هن چيو تہ سجاول ضلعي ۾ فقط 2 يونٽ مليا آهن هڪ ڏڙو ۽ ٻيو جاتي کي اهي ارباب وزير ميمڻ جي محنت ۽ جدوجهد جو نتيجو آهي. جڏهن تہ آجياڻي واري تقريب ۾ پ پ پ اڳواڻ محمد خان ڪچي، خليفو محمد بخش سومرو، ڊاڪٽر سريش ڪمار امين سومرو، تنوير ميمڻ، سيف □ ميمڻ، مهتاب ميمڻ، ڪامريڊ عزيز سومرو سليم سومرو تجمر ميمڻ ۽ ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

ساگر ڌهراج، جانڻ سنڌي، انور پنهور حسنين علي ساند، سميت ٻين وڏي انگ ۾ استاد جي آخري آرامگاهہ تي پهچي دعا ڪندي استاد کي زبردست ڀيٽا پيش ڪئي

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

۽ دلچسپ مقابلا ٿيا جتي 65 ذهنن ۽ 64 خانن تي مشتمل شطرنج جي بساط تي رانديگرن پنهنجي ذهانت، حڪمت عملي ۽ مهارت جا جوهر ڏيکاريا.

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

موقعي تي هن شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي نگراني هيٺ منعقد ٿيندڙ اي ڊي ايس پارٽ ون ۽ پارٽ ٽو جي امتحانن ۾ شريڪ شاگردياڻين لاءِ موجود سهولتن جو پڻ معائنو ڪيو

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

ڪي قومي شاهراهہ تي حادثو پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ سنڌس پيءُ ندا ڪٻول سميت گاڏي ۾ سوار ٽي ڄڻا فوت ٿي ويا فريادي موجب حادثي کانپوءِ ٻئي گاڏي ۾ سوار هڪ عورت سميت ٽي ڄڻا مبينا طور فرار ٿي ويا.

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

ڪي باهيون ڏئي ڌرڻو هنيو ويو جنهن ڪري ٽريفڪ معطل ٿي وئي احتجاجي ڌرڻي جي اڳواڻي مسمات اميده لاشاري، مسمات زبيده لاشاري، محمد حنيف، منير لاشاري ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا.

بقايا 26 ”روزاني عبرت“

هڪ رن ٽو فائيو موٽرسائيڪل پڻ ڪريل حالت ۾ ملي آهي جنهن سبب واقعي بابت مختلف سوال پيدا ٿي رهيا آهن پوليس واقعي واري هنڌ جو معائنو ڪري شروعاتي شاهدين گڏ ڪيون آهن پوليس جو چوڻ آهي تہ نوجوان جي موت جا اصل ڪارڻ فوري طور معلوم نہ ٿي سگهيا آهن جڏهن تہ واقعي جي مختلف رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي لاش جي قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ بعد موت جي سبب بابت وڌيڪ معلومات سامهون اچڻ جو امڪان آهي عبدالباسط چنہ جي اوچتي موت جي خبر سنڌس وارثن ۽ علائقي واسين تائين پهچڻ بعد گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن تہ وارثن پاران واقعي جي مڪمل ۽ شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو ويو آهي پوليس موجب، واقعي جي حقيقت جاچ مڪمل ٿيڻ ۽ ضروري رپورٽن اچڻ کانپوءِ ئي واضح ٿي سگهندي.

بقايا 27 ”روزاني عبرت“

موبائل معمول موجب گشت ڪري رهي هئي تہ لنجواڻي موڙ وٽ ٽن هٿيار بندن پوليس موبائل کي ڏسي مبينا طور فائرنگ شروع ڪري ڏني پوليس جي جوابي فائرنگ جي نتيجي ۾ راحب ولد محمد موسيٰ ڪوري کي پوليس زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان هڪ 30 بور پسٽل ۽ ميگزين هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي جڏهن تہ سنڌس 2 ساٿي افضال ولد محمد بچل پنهور ۽ راجا مري اونداهي جو فائدو وٺندي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا پوليس زخمي جوابدار کي طبي امداد لاءِ تعلقہ اسپتال ٽنڊو آدم مان طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ سول اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو ويو پوليس موجب فرار جوابدارن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ گهيرا ۽ ڇاپا هنيا پيا وڃن پوليس زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيل جوابدار سميت ٽنهي جوابدارن تي پوليس مقابلي ۽ غير قانوني هٿيار رکڻ جا ڌار ڌار ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 28 ”روزاني عبرت“

ڳوٺ وڃڻ لاءِ روڊ پار ڪري رهيو هو تہ سوزوڪي پڪ اپ ڪيس ٽڪر هڻي ڪيڙي، جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو ڪيس علاج لاءِ ٽنڊوجام اسپتال نيو پئي ويو پر رستي ۾ ئي فوت ٿي ويو، اسپتال پهچڻ تي ڊاڪٽرن سڪندر جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي حادثي بعد علائقي واسين پڪ اپ ۽ ان جي ڊرائيور کي پڪڙي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن تہ سنڌس ڀاءُ ڪامريڊ سعيد خان مگسي پوسٽ مارٽم ڪرائڻ کان سواءِ فوتي جو مڙهہ اسپتال مان ڪڍائي ويو.

بقايا 29 ”روزاني عبرت“

جسڪاڻي کي سيڪيورٽي انتظامن ۽ درپيش سيڪيورٽي معاملن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ايس ايس پي بدين يو اي پي جي آئل فيلڊز ۽ تنصيبات جي سيڪيورٽي کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ پوليس پاران هر ممڪن سهڪار ۽ ضروري قدم کڻڻ جي خاطري ڪرائي ملاقات جي موقعي تي ڊي ايس پي بدين شڪيل احمد سولنگي ڊي ايس پي ماتلي طارق لطيف خانزاده، انچارج ڊي آءِ بي انسپيڪٽر محمد خان سومرو رضوان احمد قائمخاني ۽ يو اي پي جو شڪيل احمد پڻ موجود هئا.

بقايا 30 ”روزاني عبرت“

عمارتون تعمير ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي هنن جو چوڻ آهي تہ هڪ سال اندر هن پروجيڪٽ کي ڪنهن بہ صورت ۾ مڪمل ڪرڻو آهي ان موقعي تي يونين ڪائونسل ڏيڻي جي چيئرمين محمد زمان جمالي پڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ڏيڻي شهر ۾ هن جديد اسپتال ٺهڻ سان ڀر پاسي جي هزارين ماڻهن کي فائدو ملندو اڳي جيڪي مريض علاج خاطر ٽنڊوباگو ڏگهڙي يا جهڏو شهر ويندا هئا اهي هاڻي ڏيڻي شهر ۾ ٺهندڙ هن جديد سرڪاري اسپتال مان پنهنجو علاج ڪرائي سگهندا.

بقايا 31 ”روزاني عبرت“

منشي پريو خالد وسايو ۽ وحيد مراد پٽو کي گرفتار ڪري، انهن جي قبضي مان 1500 گرام چرس، 4000 گرام ڀنگ ۽ سوپاريون هٿ ڪيو ويو،جڏهن تہ سرچنگ آپريشن دوران علائقي جي مختلف هنڌن تي تلاشي ورتي وئي ايس ايس پي موجب سرچنگ آپريشن جو مقصد علائقي ۾ امن امان جي فضا برقرار رکڻ ۽ سڄي ضلعي ۾ قانون جي بالادستي کي يقيني بڻائڻ آهي.

بقايا 32 ”روزاني عبرت“

خاص ڊپٽي ڊائريڪٽر اسپورٽس سکر ڊويزن مير محمد ڪلهوڙو هو جنهن شاگردياڻين جي راندين ۾ ڀرپور شرڪت کي ساراهيندي چيو تہ نوجوانن خاص طور تي شاگردياڻين کي راندين جا بهتر موقعا فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي بيڊمنٽن جي مقابلن ۾ اسمارٽ اسڪول گهوٽڪي پهرين، جڏهن تہ گورنمينٽ گرلز هائر سيڪنڊري اسڪول گهوٽڪي ٻي پوزيشن حاصل ڪئي گرلز ڪرڪيٽ جي فائنل ۾ زيب النساءِ نرسنگ ڪاليج شاندار راند جو مظاهرو ڪندي چيمپئن شپ پنهنجي نالي ڪري ورتي.

بقايا 33 ”روزاني عبرت“

جي جمار ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو سنڌس وفات جي خبر ملڻ بعد علائقي ۾ سوڳ وارو ماحول ٿي ويو عزيز قريب برادري جا ماڻهو ۽ چاهيندڙ ڏک ۾ وڪجي ويا مرحوم جي جنازه نماز ۽ تدفين ۾ شادي لارج ڪوسڪي ٽنڊو ڪيڻ ٿلو ڪينجهر سانگهڙ چوٽياريون ڊمر سکي ڏنڊ ڪلوئي ڪاجهر ۽ آسپاس جي ڳوٺن جا ماڻهو انگ ۾ شريڪ ٿيا سنڌس جسد خاڪي کي قبائلي چڪ جي مقامي سيد عبدالعزيز شاهہ جيلاني جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو تعزيت لاءِ ٽنڊو ٻنهوار ڊنڊ تي سنڌن ڳوٺ نظر محمد ملاح ۾ وڇايو ويو آهي جتي ڀائرن سوٽن ساڃن ملاح امداد علي غلام علي ملاح واحد ملاح حاجي قادر خان ملاح راحب بهادر يوسف ملاح سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

بقايا 34 ”روزاني عبرت“

جاگرافيائي سڃاڻپ خلاف ٿيندڙ سازشون ڪنهن بہ صورت ۾ قابل برداشت نہ آهن سنڌ جي تاريخ هزارين سال پراڻي آهي ۽ اها هميشه کان امن، صوفي ازم ۽ هم آهنگيءَ جو مرڪز رهي آهي . سنڌ جي وحدت تي هٿ وجهندڙ عناصر سنڌ جي عوام جا دشمن آهن بيان ۾ چيو ويو تہ سنڌ جا درياءَ زمينون ساحل معدني وسيلا ۽ تاريخي شناخت ئي سنڌ جي اصل سڃاڻپ آهن. اسان سنڌ کي ڪنهن بہ صورت ۾ ورهائڻ جي اجازت نہ ڏينداسين ' سنڌ هڪ آهي ۽ هميشه هڪ رهندي ' ڪو انتظامي يونٽ قبول ناهي ۽ ڪراچي ۽ سنڌ جو ساهہ آهي ' ڪراچي سنڌ آهي ۽ سنڌ ڪراچي آهي.

بقايا 35 ”روزاني عبرت“

مهينن کان ڪينسر جي مرض ۾ مبتلا هو جنهن دوران هن مختلف اسپتالن مان علاج ڪرايو پر غربت ۽ مالي وسيلن جي کوٽ سبب مهانگو علاج جاري رکڻ سنڌس لاءِ انتهائي ڏکيو بڻجي ويو بيماريءَ سان ٻن مهينن تائين زندگي جي جنگ وڙهڻ کان پوءِ نيٺ اڄ سنڌس ساهہ جو سڳو ٽٽي پيو ۽ هو هميشه لاءِ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو

بقايا 36 ”روزاني عبرت“

بعد پوليس جي اها سفارش قبول نہ ڪئي ۽ جوابدار کي ڪيس مان خارج ڪرڻ واري موقف کي رد ڪري ڇڏيو ٻئي طرف شهيد طاهر رمضان جوڻيجو جي موصول ٿيل ميڊيڪل رپورٽ بابت بہ اهم سوال سامهون اچي رهيا آهن مقتول ڌر جي وڪيل ايڊوڪيٽ مظهر جوڻيجو جو چوڻ آهي تہ ميڊيڪل رپورٽ ۾ اهڙي ڪا واضح ڳالهہ درج ناهي تہ طاهر رمضان جوڻيجو جي موت جو سبب نشي جي حالت يا پاڻي ۾ ٻڏي وڃڻ هو مقتول ڌر مطالبو ڪيو آهي تہ ميڊيڪل رپورٽ کي مڪمل طور تي سامهون آڻي موت جي اصل سبب بابت شفاف طريقي سان جاچ ڪئي وڃي مقتول ڌر پاران شاهہ پنجو سلطان ٿاڻي جي ايس ايڇ او منور چانڊيو جي جاچ واري طريقيڪار تي پڻ سخت اعتراض اٿاريا ويا آهن سنڌن الزام آهي تہ قتل جهڙي سنگين ڪيس جي جاچ موقعي تي وڃي ثبوت گڏ ڪرڻ بدران ٿاڻي ۾ ويهي ڪئي پئي وڃي، جنهن سبب اهم شاهدين ۽ ثبوتن جي ضايع ٿيڻ جو خدشو آهي مقتول ڌر موجب، غلام محمد سومرو جي گهر مان رت سان لت پت ڪپڙا پڻ هٿ آيا هئا، پر اهي ڪپڙا مبينا طور تي جي آءِ کي پوليس ٽيم کان حاصل ڪري جاچ جو حصو بڻائڻ ۾ بہ پوليس ناڪام رهي آهي مقتول ڌر جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ جيڪڏهن رت سان لت پت ڪپڙا ميڊيڪل رپورٽ ۽ ٻين اهم ثبوتن کي جاچ ۾ شامل نہ ڪيو ويو تہ ڪيس جي اصل حقيقت تائين پهچڻ مشڪل ٿي سگهي ٿو مقتول ڌر سنڌ پوليس جي اعليٰ اختيارين ۽ جي آءِ جي کان مطالبو ڪيو آهي تہ طاهر رمضان جوڻيجو قتل ڪيس جي شفاف، غيرجانبدار ۽ سائنسي بنيادن تي جاچ ڪرائي وڃي، اهم ثبوت حاصل ڪيا وڃن ۽ جيڪڏهن ڪنهن بہ پوليس آفيسر يا جوابدار پاران جاچ ۾ اثرانداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ ان جو بہ نوٽيس ورتو وڃي.

بقايا 37 ”روزاني عبرت“

منتقلي ۽ مختلف هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ بابت پڻ عملي مشق ڪرائي وئي ريسڪيو 1122 جي عملي پاران ماروي ريسٽ هائوس جي عملي کي فائر سيفٽي جي مختلف مشينن ۽ اوزارن جي استعمال بابت تفصيلي ڄاڻ فراهم ڪئي وئي جڏهن تہ ماروي ريسٽ هائوس جي عملي بہ تربيتي سيشن ۾ ڀرپور حصو ورتو

بقايا 38 ”روزاني عبرت“

خلاف شاگردن شاگردياڻين ۽ والدين احتجاج ڪيو احتجاج جي اڳواڻي خادم پيلان مهراب پيلان دودل پيلان ۽ ملت پيلان ڪري رهيا هيا ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ استادن جي کوٽ هجڻ سبب ٻارن جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي اسڪول ۾ هڪ بہ استاد مقرر ناهي جنهن ڪري ٻارن جي تعليم تباهہ ٿي رهي آهي فرنيچر جي کوٽ اسڪول ۾ ويهڻ لاءِ مناسب فرنيچر موجود ناهي ڪتابن جي کوٽ ٻارن کي وقت تي ڪتاب بہ نہ ڏنا ويا وڃن تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي پر هن اسڪول ۾ استاد مقرر نٿا ڪيا وڃن مظاهرين تعليم جي صوبائي وزير سيد سردار شاهہ تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ فوري طور تي اسڪول ۾ استاد مقرر ڪيا وڃن ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن تہ جيئن ٻارن جو مستقبل تباهہ ٿيڻ کان بچائي سگهجي

بقايا 39 ”روزاني عبرت“

هاءِ اسڪول ۾ يوم دفاع پاڪستان جي مناسبت سان مختلف تقريبون منعقد ڪيون ويون جن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين استادن ۽ اسڪول انتظاميا ڀرپور شرڪت ڪئي تقريب دوران پاڪستان جي هٿياربند فوج جي بهادري، قربانين ۽ ملڪ جي دفاع لاءِ خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو ان موقعي تي شاگردن تقريرن، قومي گيتن ۽ مختلف پروگرامن ذريعي وطن سان محبت ۽ قومي جذبي جو اظهار ڪيو مقررن چيو تہ يوم دفاع اسان کي پنهنجي شهيدن ۽ غازين جي قربانين کي ياد ڪرڻ ۽ ملڪ جي سلامتي ۽ استحڪام لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو تقريب جي پڄاڻي تي پاڪستان جي ترقي، خوشحالي امن ۽ سلامتي ۽ پاڪ فوج جي ڪاميابي لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي ان موقعي تي ايف اي ايس پاڪ هاءِ اسڪول جو پرنسپال محمد علي بليدي، سيڪشن انچارج عبدالحميد زئنون ڪوآرڊينيٽر محمد جمن ڪوسو سميت ٻيا استاد غلام مصطفيٰ ڪوسو وقاص احمد بکاري، علي شير جتي، عبدالخالق ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 40 ”روزاني عبرت“

جي ونگار رهندي اسان جا مينهن جا واڙا ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا آهن جيڪا زيادتي آهي هن چيو تہ سنڌن مينهن جا واڙا ميرذوالفقار جي زمين تي واقع آهن جڏهن 20ورهين جو زمين مالڪ سان معاهدو ٿيل آهي وقت کان اڳ زمين خالي ڪرائڻ جي صورت ۾ اڏاوت جو خرچ زمين مالڪ ادا ڪرڻ جو پابند آهي،هن چيو تہ زمين مالڪ ڄاڻايل زمين حيدرآباد جي عارف بلڊر کي وڪرو ڪرڻ کان پوءِ معاهدي کان ڦري ويو آهي بلڊر ۽ زمين مالڪ اسسٽنٽ ڪمشنر لطيف آباد کي استعمال ڪندي واڙا حد دخلين ڄاڻائي ڊهرائي ۽ پٽرائي رهيا آهن هن چيو تہ اسسٽنٽ ڪمشنر زمين خالي ڪرڻ جو 25آگسٽ تي نوٽس جاري ڪري اسان کي 27آگسٽ تي ڏئي 29آگسٽ تي سرزمين تي ڳريون مشينون کڻي اچي واڙا ڊاهي شروع ڪري ڇڏيا آهن جيڪو عمل غيرقانوني ۽ طاقت ور ڌر جي ونگار رهڻ برابر آهي هن ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد ۽ ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي تہ ڄاڻايل معاملي جو نوٽيس وٺي اسسٽنٽ ڪمشنر جي ناجائز ڪارروائي جلد روڪرائي تحفظ ڏنو وڃي ۽ زمين مالڪ کان معاوضو ڏيارايو وڃي

بقايا 41 ”روزاني عبرت“

تعليمي سهولتن جي بهتري ۽ شاگردن لاءِ بهتر ماحول فراهم ٿيڻ جي اميد ظاهر ڪئي وئي،اسڪول انتظاميا ۽ استادن جو چوڻ هو تہ تعليم جي ترقي نئين نسل جي بهتر مستقبل ۽ اسڪول جي بهتريءَ لاءِ اهڙا قدم انتهائي اهم آهن نئين بلاڪ جي افتتاح کي اسڪول جي تعليمي سفر ۾ هڪ اهم اڳڀرائي قرار ڏنو ويو

بقايا 42 ”روزاني عبرت“

ايسوسيئيشن پاران جاري ڪيل قرارداد ۾ چيو ويو تہ شهر اندر موٽر سائيڪلون ڪارون پاڻي جا پمپ ۽ موٽر سميت ٻيون قيمتي شيون گهرن ۽ مختلف هنڌن تان چوري ٿيڻ جا واقعا وڌي رهيا آهن جنهن سبب شهرين ۾ خوف، عدم تحفظ ۽ بي وسي جي صورتحال پيدا ٿي رهي آهي قرارداد ۾ چيو ويو تہ شهرين جي جان آزادي ۽ ملڪيت جي حفاظت رياست ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي بنيادي ذميواري آهي تنهن ڪري موجوده صورتحال کي سنجيدگي سان وٺڻ ضروري آهي تعلقہ بار ايسوسيئيشن ايس ايس پي ميرپورخاص ايس ايڇ او ڪوٽ غلام محمد ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ چورين جي روڪٿ لاءِ فوري ۽ اثرائتا قدم کنيا وڃن، خاص طور تي رات جي وقت رهائشي ۽ حساس علائقن ۾ پوليس گشت وڌايو وڃي قرارداد ۾ وڌيڪ مطالبو ڪيو ويو تہ چوري جي ڏوهارين سرگرمين ۾ ملوث جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، جڏهن تہ چوري ٿيل موٽر سائيڪلون، گاڏيون، پاڻي جي پمپن ۽ ٻين قيمتي شين جي واپسي لاءِ فوري ڪوششون ڪيون وڃن انهن ايسوسيئيشن فوجداري ڪيسن جي مناسب جاچ ۽ بروقت داخل ڪرڻ ۽ قانون موجب جلد نيڪال کي پڻ يقيني بڻائڻ جو مطالبو ڪيو تہ جيئن شهرين جو قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي اعتماد بحال ٿي سگهي

---

www.hbfc.com.pk

EOI No.HBFC/HOK/GSD/2026/08

House Building Finance Company Limited

Expression of Interest (EOI)

Appointment/Prequalification of Advertising Agencies

The House Building Finance Company Limited (Procurement) intends to pre-qualify advertising agencies to promote its corporate image, products and other advertising needs. Agencies applying should have a complete advertising set-up (Client Service, Media, Creative and Art Departments with in-house production facility) with at least ten years of experience in handling multi-channel marketing for their clients.

EOI document will be evaluated separately in terms of Rule 36 (a) of Public Procurement Rules-2004 i.e., **"Single Stage-One Envelope Procedure"**. EOI documents containing detailed BoQ / Scope of Work and Eligibility Criteria etc. can be downloaded Free of Cost from HBFC website i.e., www.hbfc.com.pk. This EOI is also available at PPRA website www.ppra.org.pk.

All advertising agencies enlisted/accredited with the Press Information Department (PID), All Pakistan Newspapers Society (APNS) and Pakistan Broadcasters Association (PBA) and who are on Active Taxpayers List of FBR may submit their application/profiles along with creative/artwork (concepts and copies, sketches, preliminary designs, storyboards and scripts) as per EOI document requirements.

Profile of interested agencies, prepared in accordance with the instructions in the EOI documents must be submitted at HBFC HOK below on or before **28 September, 2026 at 11:00 am.**

Selection of ad agencies will be made in accordance with guidelines and procedures of Advertising Policy, issued by the Press Information Department (PID).

HBFC reserves the right to accept or reject any or all expression in accordance with relevant clause of Public Procurement Rules (PPR-2004)

Head – PMD and GSD
House Building Finance Company Limited. 3rd Floor, FTC Building, Shahrah-e-Faisal, Karachi

PID K 805/26

ڊائريڪٽوريٽ آف ٽائون پلاننگ
ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي

هيڊ آفيس: G_4/B، بلاڪ _17، گلشن اقبال ڪراچي.
فون نمبر: 70-99244761، فيڪس نمبر: 99244766، اي ميل: info@mda.gos.pk
No: MDA/MPD/DEH-586/2026/374
Karachi Dated: 07-09-2026

پبلڪ نوٽيس

عنوان: سروي نمبرن 282، 283، 335/1 ۽ 450/1 ديهہ ملهہ، ٽپو درساڻو چنو تعلقو مراد ميمڻ ضلعو ملير ڪراچي ايراضي 21-4 ايڪڙ جي ماپ جي حوالي سان تجويز ڪيل ڪمرشل لي آئوٽ پلان جي منظوري جي منسوخي/ واپسي.

هتي شايع ڪيو وڃي ٿو تہ سروي نمبرز 282، 283، 335/1 ۽ 450/1 ديهہ ملهہ، ٽپو درساڻو چنو تعلقو مراد ميمڻ، ضلعو ملير ڪراچي ڪمرشل منصوبي جنهن جي ايراضي 21-4 ايڪڙن تي مشتمل تي درخواستون ڏيندڙ/ مالڪ ، I. محترم محمد يحيٰ ولد نور محمد، جيڪو سي اين آءِ سي نمبر 5-9725072-42301 رکندڙ رهائشي هائوس نمبر 55-B سيڪٽر نمبر 12 محلا گلشن فيصل، باٿ آءِ لينڊ ڪلفٽن، ڪراچي سائوٿ ۽ II. محترم محمد نعيم جان محمد ولد جان محمد جيڪو سي اين آءِ سي نمبر 1-2586397-42301 رکندڙ رهائشي فليٽ نمبر 62-A سيڪٽر نمبر 9-A محلا گلشن فيصل، باٿ آءِ لينڊ ڪلفٽن، ڪراچي سائوٿ، تہ اڳ ۾ ئي منظور ٿيل لي آئوٽ پلان ، انهي دليل تي تہ اهي هن ڪمرشل منصوبي کي شروع ڪرڻ / ڊولپمينٽ ڪرڻ جي ارادي / قابل نہ آهن انهن ايم ڊي اي پاران اڳ ۾ منظور ٿيل لي آئوٽ پلان ڊسو نمبر MDA/MPD/Deh-586/2026/1309 بتاريخ 03-07-2026 جي منسوخي / واپسي لاءِ درخواست ڏني آهي.

ان سلسلي ۾ ، ملير ڊيولپمينٽ اٿارٽي (ايم ڊي اي) ايڪٽ 94-1993 ۽ (ريوائيول اينڊ اميندنگ) ايڪٽ 2013 ۽ KBTPR-2002 (ترميم ٿيل هن تاريخ تائين) ۽ ملير ڊيولپمينٽ اٿارٽي ٽائون پلاننگ ريگيوليشنس 2015 آف ڪلاز نمبر _3 1.2.3 جي روشني ۾ اشاعت ٿيل پبلڪ نوٽيس تحت ڪنهن بہ واسطيدار ماڻهو / اداري کي ڪو بہ اعتراض هجي تہ پنهنجا اعتراض سڌو سنئون ڊائريڪٽر جنرل ايم ڊي اي، ڊائريڪٽر (اسٽيٽ اينڊ انفورسمنٽ) يا ڊائريڪٽر ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ، ايم ڊي اي، جي آفيس واقع G_4/B، بلاڪ - 17، گلشن اقبال ، ڪراچي فون نمبر 021-99244762 ,021-99239120 ترتيبوار هن نوٽيس جي شائع ٿيڻ جي 07 ڪم وارن ڏينهن اندر جمع ڪرائڻ گهرجن.

آخري تاريخ جي ختم ٿيڻ کانپوءِ ڪنهن بہ وصول ٿيل اعتراض تي غور نہ ڪيو ويندو.

لوڪيشن پلان:-



اسسٽنٽ ڊائريڪٽر (T.P)
ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ
ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي
فون: 021-99239120, 021-99244762

INF.KRY.No: 3925/2026

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

ٺٽي لڳ بجلي جي تارن سان ٽريڪٽر ٽرالي ٽڪرائجڻ وارو واقعو، حيسڪو خلاف ڪيس جو اعلان

پير جو ڳوٺ پرسان هڪ ئي خاندان جي 6 ڄڻن جا جنازا ڪڍڻ وقت علائقو ۾ سوڳ ڇانئجي ويو، وڏي انگ ۾ ماڻهن جي شرڪت

صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري پاران فوت ٿيل 6 ٻورهيتن جي وارثن سان تعزيت، سنڌ حڪومت پاران مالي مدد جي خاطري

ڪيٽي بندر کي وڏو پورٽ بڻائڻ ۽ ريلوي لائين وڇائڻ جو اعلان، باهرين سيڙپڪارن جي سهڪار سان ميگا منصوبن جو عزم

ٺٽو (د ر) گذريل ڏينهن ٺٽي لڳ بجلي جي تارن سان ٽريڪٽر ٽرالي ٽڪرائجڻ سبب اجل جو شڪار ٿي ويل هڪ ئي خاندان جي 6 ڄڻن جا جنازا ٺٽي ويجهو پير جو ڳوٺ پرسان ڳوٺ حاجي عيسو پنهور مان ڪڍيا

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٺٽو: بجلي ڪرنٽ سبب فوت ٿيلن جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي، ٻئي طرف صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري وارثن سان تعزيت ڪندي

خيرپور ۾ ڳوٺاڻن جو بااثر جوابدار جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

خيرپور(د ر) شاهه حسين ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڪيدو ڦليپوٽو جي رهواسين ابوبڪر چنو فرحان چنو ۽ بلاول چنو صحافين آڏو دانهيندي چيو آهي ته بااثر جوابدار مبينا طور سندن گهر جي نمبر تي ڪال ڪري گهر واري مسمات سڪينه کي تنگ ڪندو هو ۽ غيرقانوني تعلقات رکڻ لاءِ زور ڀريندو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: لياقت ڪالوني ۾ گٽر ۾ ڪري فوت ٿيل نينگر جي حياتي جي تصوير

سکر-حيدرآباد موٽروي لاءِ حاصل ڪيل زمين جي ايوارڊن جو معاملو هاءِ ڪورٽ پهچي ويو

متاثر زميندارن جي درخواست تي لينڊ ايڪوزيشن آفيسر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر هالا عدالت طلب

زميندارن پاران گهٽ معاوضي ۽ ايوارڊن ۾ مبينا هيراڦيري جا الزام، عدالت ۾ تعميلي رپورٽ جمع

رهجي ويل متاثر زميندارن جو حقن جي تحفظ لاءِ سيشن ڪورٽ مٽياري ۾ اپيلون داخل ڪرائڻ جو فيصلو

ڀٽ شاهه (ن ع) سکر-حيدرآباد موٽروي لاءِ خريد ڪيل زمين جي ايوارڊن جو معاملو حيدرآباد هاءِ ڪورٽ پهچي ويو، لينڊ ايڪوزيشن آفيسر عدالت طلب، ٻن ڪلاڪن ۾ رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم هالا تعلقي جي مختلف ديهن ۾ سکر-حيدرآباد موٽروي لاءِ خريد ڪيل زمين جي ايوارڊن بابت متاثر مقامي زميندارن پاران زمين جو گهٽ معاوضو ملڻ تي اعتراض ۽ اپيلون لينڊ ايڪوزيشن آفيسر وٽ جمع ڪرائڻ باوجود لاڳاپيل فورم ڊسٽرڪٽ سيشن ڪورٽ مٽياري ۽ ضلعي آفيسر وٽ وقت سر نه پهچائڻ واري معاملي هاءِ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز لڳ موٽر سائيڪل سوارن کي ٽرالر جو ٽڪر، پيءُ فوت پٽ سخت زخمي

محمدي ڪاٽن فيڪٽري وٽ پيش آيل حادثي ۾ رٽائرڊ فوجي علي اڪبر مري موقعي تي دم ڏئي ڇڏيو

حادثي ۾ زخمي سراج مري ۽ لاش کي پوليس ڪٺائي اسپتال منتقل ڪري لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ: شاهد علي چنه) نوشهرو فيروز باءِ پاس محمدي ڪاٽن فيڪٽري وٽ روڊ ڪراس ڪندڙن موٽرسائيڪل سوارن کي ٽرالر جو ٽڪر جنهن سبب رٽائرڊ فوجي علي اڪبر مري موقعي تي فوت سندس

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي عدالت قتل ۽ اغوا ڪيس ۾ ٻن ڀائرن سميت ڇهن جوابدارن کي عمر قيد ۽ ڏنڊ جي سزا

خيرپور(د ر) خيرپور جي فرسٽ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ۽ ڪرمنل ماڊل ٽرائل ڪورٽ خيرپور جي جج لياقت علي ڪوسو جي عدالت پرويز علي جوڻيجو جي قتل منگهن جوڻيجو کي زخمي ڪرڻ ۽ جميل جوڻيجو جي اغوا جو ڏوهه ثابت ٿيڻ

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران بين الصوبائي منشيات سپلائر کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي

ڳجهي اطلاع تي جوابدار امتياز گوپانگ منشيات سان ڀريل ڪار سميت گرفتار ڪيو: پوليس

جوابدار مختلف علائقن مان منشيات آڻي خيرپور ۽ ٻين علائقن ۾ وڪرو ڪندو آهي

خيرپور(د ر) خيرپور پوليس ٻبرلو پرسان قومي شاهراهه تي وڏي ڪامياب ڪارروائي ڪندي بين الصوبائي منشيات سپلائرز گينگ جي اهم جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار جي قبضي مان منشيات سان ڀريل ڪار 10 بورين منشيات ۽ گٽڪي جو وڏو ذخيرو هٿ ڪيو ويو آهي ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي موجب پوليس کي اطلاع مليو هو ته بين الصوبائي منشيات سپلائرز گينگ جو اهم جوابدار امتياز گوپانگ منشيات سان ڀريل ڪار ۾ خيرپور طرف اچي رهيو آهي جنهن تي سي آءِ اي پوليس کي قومي شاهراهه تي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

مبين وقار کي چيمبر آف ڪامرس اليڪشن لاءِ نامزد ڪرڻ تي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا: آصف بيگا

بي ايم جي گروپ پاران مبين وقار تي اعتماد ڪرڻ ٽيڪسٽائل شعبي لاءِ اعزاز آهي

مبين وقار ڪاميابي بعد ٽيڪسٽائل شعبي سميت ڪاروباري برادري جو مضبوط آواز بڻجندو

ڪراچي (پ ر) ٽيڪسٽائل ٽريڊ ايسوسيئيشن جي نائب صدر آصف بيگا، مبين وقار کي بي ايم جي گروپ پاران ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي مينيجنگ ڪميٽي جي اليڪشن لاءِ نامزد ڪرڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي آهي آصف بيگا پنهنجي بيان ۾ چيو ته مبين وقار تي اعتماد ڪرڻ ۽ ٽيڪسٽائل ٽريڊ ايسوسيئيشن کي نمائندگي ڏيڻ تي بي ايم جي گروپ جي چيئرمين زبير موتي والا ۽ گروپ جي سموري قيادت جا ٿورائتا آهيون هن چيو ته ٽيڪسٽائل ٽريڊ ايسوسيئيشن جي نائب صدر مبين وقار کي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ٽيڪسٽائل ٽريڊ ايسوسيئيشن جي نائب صدر آصف بيگا فائيل فوٽو

ٺٽو: صوبائي وزير علي حسن زرداري تعزيت دوران دعا گهري رهيو آهي

راڻيپور ۾ اڳوڻي وفاقي وزير پير سيد عبدالقادر شاهه جيلاني جو 15 هون عرس اڄ ملهايو ويندو

راڻي پور(ن ع) راڻي پور اڳوڻي وفاقي وزير سينيئر سياستدان پي پي اڳواڻ الحاج پير سيد عبدالقادر شاهه جيلاني جي 15 هين عرس اڄ ملهايو ويندو، ضلعي ۾ عام موڪل هوندي، عرس جو تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن سيڪيورٽي انتهائي سخت ڪئي وئي آهي، رپورٽ موجب: راڻي پور پي پي ايم اين اي پير سيد فضل

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي وحدت ۽ سالميت تي سمجهوتو نه ڪيو ويندو: اسلم خيرپوري

جالپور ڪينال واهڻ بند ڪري غمشاد مري تي ڪوڙو ڪيس ختم ڪيو وڃي

ڪارڪنن جي مبينا جبري گمشدگين خلاف 13 سيپٽمبر تي ميرپورخاص احتجاج ڪنداسين

ڪيرو(ن ع) جسقم آريسر سنڌ جي ورهاڱي جون ڳالهيون رد ڪري ڇڏيون 13 سيپٽمبر تي احتجاج جو اعلان جالپور ڪينال واهڻ بند ڪيو وڃي جسقم اڳواڻ غمشاد مري تي ڪوڙو ڪيس ختم ڪيو وڃي ڪيرو ۾ پريس ڪانفرنس پريس ڪلب ڪيرو ۾ جسقم آريسر جي مرڪزي چيئرمين اسلم خيرپوري، سينيئر وائيس چيئرمين اسماعيل ناز نوٽڪاڻي وائيس چيئرمين اشرف ڀهلم ۽ ٻين اڳواڻن پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌ جي وحدت ۽ سالميت تي ڪنهن به صورت ۾ سمجهوتو نه ڪيو ويندو اڳواڻن چيو ته

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪيرو: جسقم آريسر جو مرڪزي چيئرمين اسلم خيرپوري پريس ڪانفرنس ڪندي

حيدرآباد سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي اڳواڻ انور علي خاصخيلي لاڏاڻو ڪري ويو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو اڳواڻ ۽ پراپرٽي ڊيلر ايسوسيئيشن قاسم آباد جو سينيئر اڳواڻ انور علي خاصخيلي لاڏاڻو ڪري ويو سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سرگرم اڳواڻ ۽ پراپرٽي ڊيلر ايسوسيئيشن قاسم آباد حيدرآباد جي سينيئر اڳواڻ انور علي خاصخيلي جي لاڏاڻي جي خبر تي سياسي،

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي وڪيلن پاران آئين جي پاسداري ۽ سنڌ ورهائڻ واري سازش خلاف سيمينار منعقد

سنڌ اسان جي ماءُ آهي ان جي ورهاڱي جي سازش ڪندڙ پوئتي هٽي وڃي ٻي صورت ۾ ٻچو ٻچو حفاظت ڪندو: مقرر

سسٽم تباهه هجڻ جون ڳالهيون ڪندڙ ئي تباهي جا ذميوار آهن اسين سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ نه ڏينداسين

سيمينار جو مقصد آئين جي پاسداري ، عدل انصاف جي بحالي ۽ سنڌ جو ورهاڱو قبول نه ڪرڻ آهي

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) آئين جي پاسداري ۽ سنڌ ورهائڻ واري سازش خلاف خيرپور جي وڪيلن پاران ڊسٽرڪٽ بار باهران سيمينار ڪوٺايو ويو،سيمينار ۾ موجود وڪيلن پاران متفق طور گو محسن نقوي گو جي جلد تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو،ڪوٺايل سيمينار ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ بار جي صدارتي اميدوار حق نواز ڪالپور، سيد جعفر علي شاهه ميمبر سنڌ بار

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

دعوت اسلامي ٽنڊوڄام پاران تحفظ ختم نبوت ﷺ اجتماع منعقد ڪيو ويو

ٽنڊوڄام (ت ر) دعوت اسلامي ٽنڊوڄام پاران تحفظ ختم نبوت ﷺ جي عنوان هيٺ نوراني مسجد ۾ اجتماع منعقد ڪيو ويو اجتماع کي دعوت اسلامي جي علامه حافظ محمد خرم عطاري المدني خطاب ڪندي چيو ته ايمان مسلمان جي سڀ کان قيمتي دولت آهي ۽ عقيدو ايمان جو بنياد آهي هن چيو ته حضور اڪرم ﷺ الله

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ جي تڪراري وائن شاپ خلاف درخواست تي ميرپورخاص عدالت ۾ ٻڌڻي

عدالت جي اڳوڻي حڪم تحت ايڪسائيز کاتي ۽ گتي مالڪن پاران دستاويز پيش ڪيا ويا

عدالت دستاويزن جي وڌيڪ جاچ ۽ بحث لاءِ ٻڌڻي 7 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

درخواست گذار جو اسلام ڪوٽ جي امن ۽ اخلاقي قدرن جي تحفظ لاءِ قانوني جنگ جاري رکڻ جو عزم

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ ۾ عوامي رش واري علائقي مين سي پيڪ روڊ ۽ بس ٽرمينل تي زبردستي قائم ڪيل تڪراري وائن شاپ خلاف داخل درخواست تي سنڌ هاءِ ڪورٽ ميرپورخاص بئنچ ۾ اهم ٻڌڻي ٿي گذري، جنهن بعد عدالت دستاويزن جي وڌيڪ جاچ ۽ بحث لاءِ ڪيس جي ٻڌڻي 7 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي شاهنواز خاصخيلي مولانا خالق جوڻيجو مولانا تاج محمد سومرو قاري قمر الدين بجير ۽ ٻين پاران وڪيل

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو ۾ پي پي ايڇ آئي پاران پ پ جي اڳواڻن جي مان ۾ آجياڻو

ارباب وزير ميمڻ، ارباب ڪامران ميمڻ ۽ گل رحمان عباسي جي مان ۾ تقريب منعقد

10 ارب روپين جي لاڳت سان 50 بسترن تي مشتمل اسپتال منظور ڪرائي آهي: ارباب وزير ميمڻ

ڏڙو ۽ جاني ۾ پي پي ايڇ آءِ جا يونٽ ارباب وزير ميمڻ جي جدوجهد جو نتيجو آهن: گل رحمان عباسي

ڏڙو(ن ع) ڏڙي ۾ پ پ اڳواڻن جي مان ۾ آجياڻو رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو ۾ پي پي ايڇ آءِ پاران پ پ جي سينيئر اڳواڻ ۽ اڳوڻي ضلعي صدر ارباب وزير ميمڻ پ پ ضلع سجاول جي سينيئر نائب صدر ارباب ڪامران ميمڻ ۽ پي پي ايڇ آءِ جي ڊي ايم گل رحمان عباسي جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو آجياڻي ۾ ڊاڪٽرن اسپتال جي اسٽاف ۽ شهرين شرڪت ڪئي ان موقعي تي پ پ جي سابق ضلع صدر ارباب وزير ميمڻ خطاب ڪندي چيو ته ڏڙي ۽ ٻرياسي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ مهان راڳي مرحوم استاد منظور علي خان جي 46 هين ورسي ملهائي وئي

ساجهه وندن پاران امر راڳي جي مزار تي چادر چاڙهي ڪيس زبردست ڀيٽا پيش ڪئي

استاد ڪلاسيڪل راڳ جو بادشاهه هو راڳ کي اهڙي ريت ڳايو جو هميشه لاءِ امر ٿي ويو: مقرر

ٽنڊوآدم (ن ع) سنڌ جي مهان راڳي ۽ ڪلاسيڪل ڳائڪي مرحوم استاد منظور علي خان جي 46 هين ورسي سادگيءَ سان ملهائي وئي ورسي تقريب مرحوم استاد منظور علي خان جي اباڻي شهر ٽنڊوآدم ۾ منعقد ڪئي وئي جتي ناليواري راڳي حمير راڳي ديدار لاشاري، اديب دانشور علي شير ڪيريو سينيئر صحافي وفا رضا چانڊيو امداد راهي، عاشق حسين سائل، محمد جمن سائل، استاد جي پائيٽين نادر علي خان حمير علي خان ۽ جونيئر منظور علي خان،

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: ناليواري راڳي استاد منظور علي خان جي ورسي جي موقعي تي وارثن ۽ مداحن پاران آخري آرامگاهه تي چادر چاڙهي فاتح خواني ڪئي پئي وڃي

راضيديرو: پوليس ڪارروائي ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

سجاول اسپورٽس ڪامپليڪس ۾ شطرنج چيمپئن شپ جو پروگرام

سجاول(د ر) يوم دفاع پاڪستان جي حوالي سان اسپورٽس کاتي ۽ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ جي ڪوشش سان اسپورٽس ڪامپليڪس ۾ شطرنج چيمپئن شپ جو شاندار پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سجاول جي هوشيار شاگردن نوجوان شطرنج جي رانديگرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي چيمپئن شپ دوران رانديگرن وچ ۾ سخت

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ گهوٽڪي پاران گرلز ڊگري ڪاليج جو دورو

گهوٽڪي(ن ع) ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ گهوٽڪي فضل محمد شيخ گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج گهوٽڪي جو دورو ڪيو جتي هن ڪاليج جي تعليمي سرگرمين انتظامي معاملن ۽ شاگردياڻين کي فراهم ڪيل سهولتن جو جائزو ورتو ان

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: ڪامسيٽس آرٽ گيلري ۾ "فريمز آف فريڊم" نمائش ۾ ناريون سياح تصوير ڏسي رهيون آهن

ڳمبٽ لڳ معصوم نينگر راند ڪندي مائينر ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ سومر خان مري واسي 6 ورهين جو هدايت الله مري فيض واهه مائينر ۾ ٻڏي ويو

علائقي واسين ڳولا بعد نينگر کي ڪڍائي اسپتال پهچايو ته ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي

ڳمبٽ (ت ر) ڳمبٽ لڳ ڳوٺ سومر خان مري واسي 6 سالا معصوم نينگر هدايت الله مري گهر جي پرسان راند ڪندي پير ترڪڻ سبب فيض واهه مائينر ۾ ڪري پيو جڏهن ته وارثن ۽ علائقي واسين جي ڳولا بعد معصوم نينگر جو لاش هٿ آيو جنهن کي وارثن پاران مقامي اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي جڏهن ته معصوم جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر جي عوامي مسئلن جي حل لاءِ کلي ڪچهري منعقد

عوام جي مسئلن کي سندن گهرن جي در تي حل ڪيو ويندو: ڊي سي ٿرپارڪر

ضلعي انتظاميه حڪمت عملي جوڙي پئي، سرڪاري کاتن ۾ شڪايتي سيل قائم ڪيا ويندا

مٺي (د-ر) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاڳيراڻي چيو آهي ته عوام جي مسئلن کي سندن گهرن جي در تي حل ڪيو ويندو ۽ ان ڏس ۾ ضلعي انتظاميه پاران هڪ حڪمت عملي جوڙي پئي وڃي جنهن تحت ڊي سي آفيس توڙي عوامي مسئلن سان لاڳاپيل سرڪاري کاتن ۾ شڪايتي سيل قائم ڪيا ويندا جيڪي روزانو بنيادن تي ماڻهن جي مسئلن ۽ شڪايتن کي ٻڌندا ۽ انهن جي حل لاءِ ڪيل قدمن بابت ڊي سي آفيس کي رپورٽ موڪليندا. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ ريسٽ هائوس ڇاڇرو ۾ منعقد ڪيل

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

مٺي: ڊي سي ٿرپارڪر ڇاڇرو ۾ ڪيل ڪچهري ۾ مسئلا ٻڌي رهيو آهي

ڦلجي اسٽيشن ويجهو ٽرانسفارمر جي بجلي ڏاهيندي ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان فوت

صداقت علي پنهور بجلي بحال ٿيڻ سان ڪرنٽ لڳڻ سبب بيهوش ٿي ويو

وارث نوجوان کي اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي، گهر ۾ ڪهرام

ڦلجي اسٽيشن (ن ع) ڦلجي اسٽيشن ويجهو ڳوٺ شير محمد لاڏائي پنهور ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي گهر اڳيان لڳل ٽرانسفارمر جي بجلي جي خرابي دور ڪندي اوچتو بجلي بحال ٿيڻ سبب 27 ورهين جو نوجوان صداقت علي پٽ عبدالرسول پنهور ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو.مليل ڄاڻ موجب صداقت علي گهر اڳيان لڳل ٽرانسفارمر جي بجلي ڏاهڻ ۾

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ايس ايس پي بدين جو اردلي روم، پوليس آفيسرن ۽ جوانن جا مسئلا ٻڌا ويا

مختلف ٿاڻن ۽ پوليس يونٽن سان لاڳاپيل آفيسرن، جوانن ۽ ليڊي پوليس اهلڪارن جي شرڪت

ايس ايس پي پاران پوليس اهلڪارن جا مسئلا غور سان ٻڌي لاڳاپيل آفيسرن کان رپورٽ طلب

بدين (د ر) ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي پاران اردلي روم پوليس آفيسرن ۽ جوانن جا مسئلا ٻڌا ويا ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي پاران اردلي روم منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ضلعي جي مختلف ٿاڻن ۽ پوليس يونٽن سان لاڳاپيل پوليس آفيسرن جوانن ۽ ليڊي پوليس عملي شرڪت ڪئي اردلي روم دوران پوليس آفيسرن ۽ جوانن ايس ايس پي بدين

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد جي سي يونيورسٽي ۾ شاهه لطيف جي شاعري ۾ طبقاتي شعور ۽ جديد فڪري ابلاغ تي ڪانفرنس منعقد

شاهه لطيف مظلوم، پورهيت ۽ عام ماڻهن جو شاعر آهي، سندس فڪر اڄ به سماج لاءِ رهنمائي جو ذريعو آهي: تاج جويو

ڀٽائي جي شاعري کي ادب سان گڏ سماجيات ۽ سياست جي پسمنظر ۾ تنقيدي شعور سان پڙهڻ جي ضرورت آهي: ڊاڪٽر معظم علي خان

شاهه لطيف جي فڪر، طبقاتي فرق ۽ جديد دور ۾ سندس پيغام جي اهميت تي مقالا ۽ خيالن جو اظهار، ڊاڪٽر احسان دانش جي ڪتاب جي مهورت پڻ ڪئي وئي

حيدرآباد (پ ر) 9 سيپٽمبر 2026 ع: گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي حيدرآباد ۾ "شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ۾ طبقاتي شعور ۽ جديد فڪري ابلاغ" جي عنوان سان شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن جو افتتاح جي سي يونيورسٽي حيدرآباد جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر معظم علي خان ڪيو جڏهن ته سنڌ يونيورسٽي جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: جي سي يونيورسٽي ۾ شاهه لطيف جي شاعري ۾ طبقاتي شعور ۽ جديد فڪري ابلاغ تي منعقد ڪانفرنس ۾ ڪتاب جي مهورت ڪئي پئي وڃي

ٽنڊوآدم ۾ عدالتي حڪم تي حدخلين خلاف آپريشن، غيرقانوني اڏاوتون مسمار

اي سي حنين طارق شاهاڻي جي اڳواڻي ۾ عملي مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪيون

غيرقانوني ڇپرن، دڪانن جي ٿلهن ۽ ٻين حدخلين کي هٽائي، سامان پڻ ضبط ڪيو ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ عدالت جي حڪم ۽ انتظامي هدايتن تحت شهر جي مختلف علائقن ۾ غيرقانوني حدخلين خلاف آپريشن تعلقه ۽ ميونسپل انتظاميا سان گڏ غيرقانوني طور قائم ڪيل ڇپرن دڪانن جي ٿلهن ۽ ٻين حدخلين کي هٽائي دڪانن آڏو رکيل سامان پڻ ضبط ڪري ورتو رپورٽ موجب عدالتي حڪم تي اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوآدم حنين طارق شاهاڻي مختيارڪار امام الدين لاڙڪ سي ايم او عبدالحميد ملڪ انڪروچمينٽ انچارج عمران سمون عبدالحميد بلوچ ۽ ٻين آفيسرن جي نگراني ۾ ميونسپل عملي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

دادو: آئل چوري ڪيس ۾ 6 جوابدارن جون ضمانتون رد، جيل حوالي

دادو عدالت 6 جوابدارن جون ضمانتون رد ڪرڻ بعد ڪيس جيل موڪلڻ جو حڪم ڏنو

ڪيس ۾ مبينا غفلت ڪندڙ 4 اڳوڻن ايس ايڇ اوز کي به ڪورٽ ڪسٽڊي ۾ ورتو ويو، معافي وٺڻ بعد آزاد

دادو(د ر) پارڪو آئل چوري ڪيس ۾ اهم اڳيرائي عدالت 6 جوابدارن جون ضمانتون رد ڪري ڇڏيون ضمانتون رد ٿيڻ بعد جوابدارن کي جيل موڪلڻ جو حڪم ڪيس ۾ غفلت جي الزام هيٺ 4 اڳوڻن ايس ايڇ اوز کي به ڪورٽ ڪسٽڊي ۾ ورتي ڇڏيو دادو ۾ پارڪو آئل چوري ڪيس ۾ اهم اڳيرائي سامهون آئي آهي، دادو جي عدالت پاران 6 جوابدارن جون ضمانتون رد ڪرڻ بعد ڪيس جيل موڪلڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، جڏهن ته ڪيس ۾ مبينا غفلت ڪندڙ 4 اڳوڻن ايس ايڇ اوز کي به ڪورٽ ڪسٽڊي ۾ ورتو ويو آهي،

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: روڊ جي ڪناري تي وڪرو ڪندڙ اردو بازار جي ويجهو فوٽ پاٿ تي سيمينٽ بلاڪن تي ڪتاب ۽ اسٽيشنري وڪري لاءِ رکي رهيا آهن

گهوٽڪي لڳ حادثي ۾ فوت ٿيل عورت سميت ٽن ڄڻن وارو معاملو

فوتي عورت جي پيءُ بختيار خان گبول ٿاڻي تي ڀاڻيجي ڀيڻ جي اغوا جو ڪيس داخل ڪرايو

جوابدار ڀيڻ کي اغوا ڪري ڪٺي وڃي رهيا هئا ته حادثي ۾ فوت ٿي ويا، جاچ ڪري انصاف ڪيو وڃي: مدعي

گهوٽڪي(ن ع) چار ڏينهن اڳ گهوٽڪي جي قومي شاهراهه تي ڪار ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ پنجاب واسي ٽن ڄڻن ۽ گهوٽڪي واسڻ عورت ندا گبول جي فوت ٿيڻ وارو معاملو نئون رخ اختيار ڪري ويو آهي فوتي عورت ندا گبول جي پيءُ بختيار خان گبول جي فرياد تي اي سيڪشن ٿاڻي گهوٽڪي تي اغوا جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي داخل ڪرايل ڪيس جي فرياد ۾ بختيار خان گبول ڄاڻايو آهي ته سندس ڌيءُ ندا گبول کي ٻن گاڏين ۾ سوار ڪجهه ماڻهون مبينا طور اغوا ڪري پنجاب طرف ڪٺي وڃي رهيا هئا، ان دوران هڪ گاڏي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڏڙو: رورل هيلٿ سينٽر جي انتظاميا پاران پ پ اڳواڻ ارباب وزير ميمڻ جي مان ۾ ڏنل آجياڻي جو ڏيک

ڳمبٽ ايڊيشنل ڪورٽ جي ريڊر طالب حسين سهتو جي رٽائرمينٽ تي الوداعي تقريب

طالب سهتو بهترين انسان آهي هن پنهنجو وقت سچائي سان پورو ڪيو: محمد علي رڪ

ڳمبٽ (ت.ر) ڳمبٽ ايڊيشنل ڪورٽ جي ايڊر طالب حسين سهتو جي رٽائرمينٽ تي ڳمبٽ جي مقامي هوٽل ۾ الوداعي تقريب رکي وئي جنهن ۾ ايڊيشنل سيشن جج محمد علي رڪ سينيئر سول جج اصغر علي ڏانوري سول جج شفقت علي چچڙ ۽ آل اسٽاف وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ايڊيشنل جج محمد علي رڪ چيو ته طالب سهتو بهترين انسان آهي هن پنهنجو وقت سچائي سان پورو ڪيو هن الوداعي تي سندس بهترين خدمتن تي خراج پيش ڪريان ٿو ريڊر طالب سهتو کي اسٽاف ۽ ججن سنڌ جي ثقافت موجب اجرڪ ٽوپين جا تحفا پڻ ڏنا .

خيرپور ويجهو ڳوٺاڻن جو قتل ٿيل مائرا لاشاري جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي ڌرڻو

ڳوٺ بگرو واسين اميده، مسمات زبيده ، حنيف، منير لاشاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ قومي شاهراهه تي ڌرڻو هنيو

مهينو اڳ بااثر جوابدارن مائرا لاشاري کي قتل ڪري پاڻ دفنائي هاڻي اسانکي ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي فوري طور جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان جي ناحق قتل ٿيل ڌيءَ جي خون جو انصاف ڪيو وڃي

خيرپور(د ر) خيرپور جي شاهه لطيف ٿاڻي جي حد ڳوٺ بگرو جي رهواسين پاران ڇهن ٻارن جي ماءُ 36 ورهين جي مسمات مائرا لاشاري جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پراڻي قومي شاهراهه تي ڪاٺين

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: پوليس مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدار اسپتال ۾ داخل آهي

ميهڙ لڳ زرعي زمين مان فوجي نوجوان جو لاش هٿ، علائقي ۾ ڏهڪاءُ

گنجا موري پرسان هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ پيروشاهه واسي عبدالباسط چنڊ طور ٿي وئي

نوجوان جي موت جا اصل ڪارڻ فوري طور معلوم نه ٿي سگهيا آهن جانچ ڪيون پيا: پوليس

ميهڙ (ن ع) ميهڙ لڳ بيٽو روڊ تي گنجا موري پرسان زرعي زمين مان هڪ نوجوان جو لاش هٿ اچڻ بعد علائقي ۾ ڏهڪاءُ ۽ ڇٽڪي پکڙجي وئي فوتي نوجوان جي سڃاڻپ پيروشاهه جي رهواسي ۽ فوجي نوجوان عبدالباسط چنڊ طور ڪئي وئي آهي مليل اطلاعن موجب، گنجا موري پرسان زرعي زمين ۾ نوجوان جو لاش ڏسي مقامي ماڻهن پوليس کي اطلاع ڏنو جنهن بعد پوليس ۽ ريسڪيو عملي فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ ورتو ۽ ضروري ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ذريعن موجب، نوجوان جي لاش پرسان

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: گنجا موري پرسان هٿ آيل نوجوان جو لاش پيل آهي

ٽنڊو آدم پوليس پاران مقابلي بعد جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊو آدم سٽي ٿاڻي جي حد لنجواڻي موڙ وٽ مبينه پوليس مقابلي ۾ پوليس هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندس قبضي مان 30 بور پسٽل ۽ ميگزين هٿ ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي جڏهن ته سندس ٻه ساٿي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا پوليس موجب سٽي ٿاڻي جي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام لڳ سوزوڪي پڪ اپ جي ٽڪر ۾ روڊ پار ڪندڙ شخص فوت

حيدرآباد-ميرپورخاص روڊ تي ڳوٺ سوڀو مگسي وٽ حادثي ۾ سڪندر مگسي فوت ٿي ويو

علائقيوارن پڪ اپ ۽ ڊرائيور کي پڪڙي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو، وارث پوسٽ مارٽم بنا مڙهه کڻائي ويا

ٽنڊوڄام (ت ر) حيدرآباد-ميرپورخاص روڊ تي ڳوٺ سوڀو مگسي وٽ روڊ پار ڪندڙ 45 ورهين جو سڪندر مگسي سوزوڪي پڪ اپ جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويو ڳوٺ سوڀو مگسي جو رهواسي سڪندر مگسي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

يو اي پي وفد جي ايس ايس پي بدين سان ملاقات، آئل فيلڊز جي سيڪيورٽي تي ڳالهيون

يو اي پي جي سيڪيورٽي چيف آفيسر پاران ضلعي ۾ آئل فيلڊز ۽ تنصيبات جي سيڪيورٽي معاملن بابت بريفنگ

ايس ايس پي قمر رضا جسڪاڻي پاران سيڪيورٽي انتظام وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ پوليس جي هر ممڪن سهڪار جي خاطري

بدين (د ر) يو اي پي جي وفد جي ايس ايس پي بدين سان ملاقات، سيڪيورٽي معاملن تي ڳالهيون يو اي پي (United Energy Pakistan) جي وفد ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران ضلعي بدين ۾ يو اي پي جي آئل فيلڊز ۽ تنصيبات کي فراهم ڪئي ويندڙ سيڪيورٽي ۽ مجموعي سيڪيورٽي انتظامن بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي يو اي پي ضلعي بدين جي سيڪيورٽي چيف آفيسر ميجر (ر) ناصر ايس ايس پي بدين قمر رضا

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران سرچنگ ۽ ڪومبنگ آپريشن دوران ٽن منشيات فروشن کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي

خيرپور(د ر) سرچنگ آپريشن ڊي ايس پي ڪوٽڏيجي اسدالله ڀٽي، اي ايس پي يو ٽي اويس احمد ۽ انچارج سي آءِ اي الله ورايو پتافي جي سربراهي ۾ ڪيو ويو جنهن ۾ سمورن ايس ايڇ اوز سميت وڏي انگ ۾ پوليس آفيسرن جوانن ليڊيز پوليس ۽ هيڊي مشينري حصو ورتو آپريشن دوران ٽن منشيات سپلائر جوابدارن رحمت الله عرف

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڦلجي اسٽيشن: ٽرانسفارمر جي بجلي ڏاهيندي ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت نوجوان جو لاش

ڏيٺي ۾ ورلڊ بئنڪ جي سهڪار سان 40 بسترن واري جديد اسپتال جي اڏاوت شروع

نئين اسپتال جي تعمير جو ڪم عثماني ڪنسٽرڪشن ڪمپني پاران شروع ڪيو ويو

ڏيٺي سميت ملڪاڻي، ٻنگيرو ۽ ڪوسڪي ۾ پراڻين اسپتالن جي عمارتن جي جاءِ تي جديد عمارتون تعمير ٿينديون: انجنيئر

ٽنڊوباگو (ت ر) ورلڊ بئنڪ پاران ڏيٺي شهر ۾ رورل هيلٿ سينٽر (آر ايڇ يو) جي 40 بسترن واري جديد اسپتال جي منظور ٿيل بلڊنگ جو ڪم شروع، عثماني ڪنسٽرڪشن ڪمپنيءَ پاران پراڻي اسپتال جي بلڊنگ کي ڊهرائي نئين بلڊنگ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي عثماني گروپ جي انجنيئر فهد عظيم ۽ سائيٽ انجنيئر عبدالمالڪ ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته ورلڊ بئنڪ پاران ٽنڊوباگو تعلقي ۾ ڏيٺي، ملڪاڻي ٻنگيرو ۽ ڪوسڪي شهرن ۾ آر ايڇ يو ۽ بي ايڇ يو اسپتالن جي پراڻين بلڊنگس کي ختم ڪري جديد نيون

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

HYDERABAD PRESS CLUB
حيدرآباد: محمد ايوب ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

شادي لارج: ملاح برادري چنڊائي پاڙي جو نيڪ مرد سائينداد ملاح لاڏاڻو ڪري ويو

شادي لارج(ن ع) ٻنهوار ڏنو ملاح برادري جو معزز سائينداد ملاح وفات ڪري ويو.شادي لارج ويجهو يوسي ملي جي حد قبائلي چڪ پرسان پڙاڻ ڏيڻ جو تاريخي ماڳ ٻنهوار ڏنو جو معزز ملاح برادري چنڊائي پاڙي جو نيڪ مرد سائينداد ملاح ڪجهه وقت کان طبيعت ۾ ناساز رهڻ بعد گذريل ڏينهن رضا الاهي سان 65 ورهين

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ گرلز ڪرڪيٽ ۽ بيڊمنٽن چيمپئن شپ منعقد ڪئي وئي

چيمپئن شپ ۾ مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن جي 200 کان وڌيڪ شاگردياڻين شرڪت ڪئي

شاگردياڻين کي رانديون جا موقعا فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي: مير محمد ڪلهوڙو

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي صوبائي وزير اسپورٽس سردار محمد بخش خان مهر ۽ سيڪريٽري منور علي مهيسر جي خاص هدايتن تي يوم دفاع پاڪستان جي مناسبت سان ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر گهوٽڪي نثار احمد چانڊيو جي نگراني هيٺ سردار علي محمد خان مهر اسپورٽس ڪمپليڪس گهوٽڪي ۾ گرلز ڪرڪيٽ ۽ بيڊمنٽن چيمپئن شپ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن سان تعلق رکندڙ 200 کان وڌيڪ شاگردياڻين ڀرپور جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪئي چيمپئن شپ جي افتتاحي تقريب جو مهمان

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: يوم دفاع پاڪستان جي حوالي سان گرلز ڪرڪيٽ ۽ بيڊمنٽن چيمپئن شپ جي اختتامي تقريب ۾ سردار علي احمد خان ٽرافيون ۽ انعام ڏئي رهيو آهي

سنڌي ادبي سنگت خيرپور پاران ٿيندڙ وحدت سنڌ قلمڪار ڪانفرنس وقتائتو قدم آهي: نويد سنڌي

ڳمبٽ (ت.ر) نئين ٿهي جي مقبول شاعر نويد سنڌي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌي ادبي سنگت ضلع خيرپور پاران ٿيندڙ وحدت سنڌ قلمڪار ڪانفرنس وقتائتو قدم آهي ڇاڪاڻ ته سنڌ جي وحدت، تاريخي سڃاڻپ ۽ ساحل وسيلن تي ڪوبه سمجهوتو قبول نه ڪيو ويندو سنڌ جي تاريخ، ثقافت، وحدت ۽ ان جي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

هنگورجا واسي نوجوان صدام حسين چانگ ڪينسر وگهي فوت

هنگورجا(ن ع) هنگورجا واسي نوجوان سوشل ميڊيا جي دنيا جو چمڪندڙ ستارو ۽ هنگورجا فطرتي نظارا پيج جو ايڊمن 30 ورهين جو صدام حسين چانگ ڪينسر جهڙي موذي مرض سان ٻن مهينن تائين جهيڙيندي لاڏاڻو ڪري ويو تفصيل موجب هنگورجا جي ڳوٺ ٻنگل خان چانگ جو رهواسي صدام حسين چانگ گذريل ٻن

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

جوڻيجو قتل ڪيس: جوابدار کي دفعه 169 تحت بيگناهه قرار ڏيڻ جي سفارش رد

ميهڙ جي عدالت نعيم الدين سومرو جو نالو ڪيس مان خارج ڪرڻ واري سفارش رد ڪري ڇڏي

مقتول ڌر جا پوليس جي عبوري چالان تي اعتراض، ميڊيڪل رپورٽ ۾ موت جو سبب واضح نه هجڻ جو دعوي

راڌڻ (ن ع) شاهه پنجو سلطان ٿاڻي جي ايس ايڇ او منور چانڊيو پاران طاهر رمضان جوڻيجو قتل ڪيس جي عبوري چالان ۾ جوابدار نعيم الدين سومرو کي دفعه 169 ضابطه فوجداري (Cr.P.C.) تحت بيگناهه قرار ڏئي ڪيس مان نالو خارج ڪرڻ جي سفارش کي فرسٽ جوڊيشل مئجسٽريٽ ميهڙ جي عدالت رد ڪري ڇڏي آهي ذريعن موجب، پوليس پاران پيش ڪيل عبوري چالان ۾ نعيم الدين سومرو کي بيگناهه قرار ڏيڻ جي سفارش ڪئي وئي هئي، جنهن تي مقتول ڌر پاران اعتراض داخل ڪيا ويا. عدالت معاملي جو جائزو وٺڻ

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ماتلي جو رٽائرڊ ايڇ ايس ٽي استاد ۽ ليکڪ مير حسن عرف سليم پرڪوٽي لاڏاڻو

ماتلي (ن ع) رٽائرڊ ايڇ ايس ٽي استاد ۽ ليکڪ مير حسن عرف سليم پرڪوٽي ڊگهي بيماري کان پوءِ 80 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو سندس جنازي نماز ۾ وڏي تعداد ۾ شهرين سياسي سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي . مرحوم کي اباڻي مولي حاجي نظر محمد نظاماڻي قبرستان ۾ سپردخاڪ ڪيو ويو

حيدرآباد: دادو پ پ جو سينيئر ڪارڪن عبدالرزاق ميمڻ پٽ کي نوڪري نه ملڻ خلاف احتجاج ڪندي

مٺي جي ماروي ريسٽ هائوس ۾ فائر سيفٽي بابت تربيتي مشق

ريسڪيو 1122 جي عملي پاران عملي کي باهه وسائڻ جي تربيت ڏني وئي

هنگامي حالتن ۾ فوري قدم، محفوظ هنڌ منتقلي ۽ فائر سيفٽي اوزارن جي استعمال بابت عملي کي سکيا

مٺي (د-ر) سنڌ ٽوئرزم ڊپارٽمينٽ جي ماروي ريسٽ هائوس ۾ فائر سيفٽي بابت تربيتي مشق جو شيشن منعقد ڪيو ويو ريسڪيو 1122 مٺي جي انچارج غلام عباس ۽ ٻين عملي پاران ماروي ريسٽ هائوس جي انچارج روهيت ڪمار سميت سموري عملي کي باهه وسائڻ ۽ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ بابت عملي تربيت ڏني وئي تربيتي مشق دوران عملي طور باهه ٻاري فائر ايڪسٽنگوشر ۽ ٻين حفاظتي اوزارن جي مدد سان باهه وسائڻ جي مشق ڪرائي وئي ان کان علاوه باهه لڳڻ وقت فوري قدم کڻڻ محفوظ هنڌ تي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

بوائز ايليمينٽري اسڪول ڏگهڙي ۾ نئين بلاڪ جو باضابطه افتتاح

ڏگهڙي(ن ع) گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ڏگهڙي (مين) ۾ نئين بلاڪ مير حاجي محمد حيات خان ٽالپر جو باضابطه افتتاح ڪيو ويو افتتاح تعلقه ڏگهڙي جي سينئر پرائمري اسڪول ٽيچر جاويد تبسم پاران فيتو ڪٽي ڪيو ويو ان موقعي تي اسڪول جي استادن ۽ شاگردن پاران افتتاحي تقريب ۾ شرڪت ڪئي وئي نئين بلاڪ جي افتتاح سان اسڪول ۾

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڪوٽ غلام محمد ۾ وڌندڙ چورين خلاف تعلقي بار ايسوسيئيشن پاران احتجاج

ڪوٽ غلام محمد(ن ع) ڪوٽ غلام محمد ۾ وڌندڙ چورين خلاف تعلقي بار ايسوسيئيشن جو سخت احتجاج، پوليس کان فوري قدم کڻڻ جو مطالبو تعلقي بار ايسوسيئيشن ڪوٽ غلام محمد پاران 9 سيپٽمبر 2026 ع تي ٿيل اجلاس ۾ شهر اندر امن امان جي خراب ٿيندڙ صورتحال ۽ چورين جي وڌندڙ واقعن تي سخت ڳڻتي، تشويش ۽ مذمت جو اظهار ڪيو ويو بار

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

راڻيپور ۾ ڳوٺاڻن جو اسڪول ۾ استادن جي کوٽ ۽ بنيادي مسئلن خلاف احتجاج

حاجي شفيع محمد پيلار واسي شاگردن، شاگردياڻين ۽ والدين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

ڳوٺ جي اسڪول ۾ استاد مقرر نه هجڻ ڪري ٻارن جو مستقبل داءَ تي لڳل آهي، نوٽيس ورتو

راڻيپور(ن ع) گورنمينٽ پرائمري بوائز اسڪول حاجي شفيع محمد پيلار ۾ استادن جي کوٽ ۽ بنيادي سهولتن نه ملڻ خلاف شاگردن شاگردياڻين والدين جو احتجاج راڻيپور جي گورنمينٽ پرائمري بوائز اسڪول حاجي شفيع محمد پيلار ۾ استادن جي سخت کوٽ ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

بدين جي ايف اي ايس پاٿ هاءِ اسڪول ۾ يوم دفاع جون پروقار تقريبون

شاگردن، استادن ۽ اسڪول انتظاميا پاران پاڪ فوج جي قربانين کي خراج تحسين پيش

تقريب ۾ تقريرن، قومي گيتن ۽ مختلف پروگرامن ذريعي وطن سان محبت ۽ قومي جذبي جو اظهار

بدين (د ر) سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن حڪومت سنڌ جي سهڪار سان هلندڙ مشهور تعليمي اداري ايف اي ايس پاٿ هاءِ اسڪول بدين ۾ يوم دفاع پاڪستان جي سلسلي ۾ پروقار تقريبون منعقد ڪيون ويون جن ۾ پاڪ فوج کي شاندار خراج تحسين پيش ڪيو ويو ايف اي ايس پاٿ

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

اسسٽنٽ ڪمشنر لطيف آباد بلڊر جي ونگار پيو وهي: سلمان غوري

مينهن جا واڙا ميرذوالفقار جي زمين تي واقع آهن، 20 ورهين جو زمين مالڪ سان معاهدو ٿيل آهي

وقت کان اڳ زمين خالي ڪرائڻ جي صورت ۾ اڏاوت جو خرچ زمين مالڪ ادا ڪرڻ جو پابند آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي لطيف آباد نمبر 5 مير ڪالوني ۾ واقع مينهن جي واڙي مالڪن ايوب قريشي ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ سلمان غوري، جاويد احمد، شڪيل قريشي ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته اسسٽنٽ ڪمشنر لطيف آباد بلڊر

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: وفاقي وزير قيصر احمد شيخ آمريڪي چارج ڊي معاملن اينبي هلس سان گڏ PUAN اقتصادي پاليسي چئلينج 2026 ۾ مهمان خاص طور شريڪ آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي، جاري ڪئي.